FAIZ CENTENNIAL 1911-2011

# فيض: نقادن جي نظر ۾



ليکڪ

اشفاق حسين

سنڌيڪار

آفتاب ابڙو

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

# فيض: نقادن جي نظر ۾

(وضاحتي مضمون- پاڱو پهريون)

**اشفاق حسين**

سنڌيڪار: آفتاب ابڙو

**ثقافت کاتو حڪومت سنڌ**

اداري جا حق ۽ واسطا محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | فيض: نقادن جي نظر ۾ (وضاحتي مضمون، ٻيو ڇاپو) |
| ليکڪ: | اشفاق حسين |
| سنڌيڪار: | آفتاب ابڙو |
| ڇاپو پهريون: | سيپٽمبر 2013ع |
| تعداد: | هڪ هزار ڪاپيون |
| ڪمپوزنگ: | ايم اقبال ابڙو |
| ٽائيٽل: | ظفر آفتاب |
| ڇپيندڙ: | پيڪاڪ پرنٽرس ڪراچي، سنڌ. 0300-2152634 |
| ڇپائيندڙ: | ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ |
| قيمت: | 200/- |
| پاران | ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو. |

| | |
|---|---|
| Title of Book: | Faiz: Naqadan ji Nazar Mein<br>(Faiz: in the eyes of critics) |
| Written by: | Ishfaq Hussain |
| Translated by: | Aftab Abro |
| Edition First: | September 2013 |
| Quantity: | One Thousand Copies |
| Composing: | M. Iqbal Abro |
| Title: | Zafar Aftab |
| Printed by: | Peacock Printers, Karachi, Ph: 0300-2152634 |
| Published by: | Culture Department Government of Sindh |
| Price: | Rs.200/= |
| Digitized by | M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. |

ملڻ جو هنڌ

**ڪلچر ڪتاب گهر**

سامهون ايم.پي.اي هاسٽل، سر غلام حسين هدايت الله روڊ،

ڪراچي، سنڌ-74400

فون: 021-99206073

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| • پبلشر جو نوٽ | سعيد احمد اعوان | 7 |
| • مهاڳ | آفتاب ابڙو | 9 |
| • پيش لفظ | اشفاق حسين | 13 |

'نقش فريادی' کان 'دستِ تہہِ سنگ' تائين

| | | |
|---|---|---|
| 1. فيض جي انفراديت | پروفيسر احتشام حسين | 16 |
| 2. فيض- 'نقش فريادی' کان 'زندان نامہ' تائين | پروفيسر آل محمد سرور | 19 |
| 3. فيض | پروفيسر ڪليم الدين احمد | 22 |
| 4. 'دست صبا' جو غزل گو | پروفيسر ممتاز حسين | 25 |
| 5. 'زندان نامہ' | پروفيسر ممتاز حسين | 28 |
| 6. فيض جو فن | احمد نديم قاسمي | 31 |
| 7. شخص ۽ عڪس | سجاد ظهير | 34 |
| 8. ڪاري تي ڳاڙهو | پروفيسر مجتبیٰ حسين | 37 |
| 9. قيد جو احوال | ميجر محمد اسحاق | 40 |
| 10. فيض احمد فيض جون ڪجهہ پاسا | پروفيسر شميم حنفي | 43 |
| 11. فيض: هڪ پياري عظيم شخصيت | ملڪ راج آنند | 46 |
| 12. نقش فريادي هڪ مطالعو | پروفيسر سحر انصاري | 49 |

## نسخہ ہائے وفا تائين


| | | |
|---|---|---|
| 13. رات جون محفلون | قرة العين حيدر | 54 |
| 14. فيض ۽ پيو ماڻهو | پروفيسر محمد حسن | 58 |
| 15. فيض جو جمالياتي احساس | گوپي چند | 61 |
| 16. فيض جا ٻہ عشق | قمر رئيس | 64 |
| 17. فيض: هڪ جائزو | باقر مهدي | 68 |
| 18. فيض جو ادبي تصور | ڊاڪٽر سليم اختر | 72 |
| 19. فيض جو ذهني سفر | پروفيسر عتيق احمد | 75 |
| 20. فيض جو غزل ۾ مقام | غالب احمد | 79 |
| 21. 'ميزان' هڪ مطالعو | صلاح الدين حيدر | 82 |
| 22. زندان ۽ فيض جو زندگيءَ بابت نظريو | اشفاق سليم مرزا | 85 |
| 23. فيض تنهنجي جڳ ۾ هاڪ | فخر زمان | 88 |
| 24. مرڻ مون سين آءُ | ڊاڪٽر شاهين مفتي | 91 |
| 25. هتين خالي شاعر: فيض | پروفيسر عقيل شاهين | 94 |


## نسخہ ہائے وفا کان پوءِ


| | | |
|---|---|---|
| 26. فيض: نظرين جو شاعر | احمد نديم قاسمي | 98 |
| 27. پنهنجي دور جو آواز | مشتاق احمد يوسفي | 101 |
| 28. فيض جو آدرش | سيد سبط حسن | 104 |
| 29. فيض | مالڪ رام | 107 |
| 30. هڪ مهربان جي ياد ۾ | پروفيسر جڳن ناٿ آزاد | 110 |
| 31. فيض جون ڳالهيون | فارغ بخاري | 113 |
| 32. فيض جي وفات تي هڪ خط | ظ- انصاري | 116 |
| 33. فيض ۽ ڪلاسيڪل غزل | شمس الرحمان فاروقي | 120 |
| 34. خوش منزل ماڻهو | اشفاق احمد | 123 |
| 35. غالب ۽ فيض | ڊاڪٽر وزير آغا | 126 |

| | | |
|---|---|---|
| 36. فيض هڪ غير مزاحمتي شاعر؟ | ظفر اقبال | 129 |
| 37. اسان جو فيض | پروفيسر جيلاني ڪامران | 130 |
| 38. فيض جا شعري قدر ۽ لاڙا | پروفيسر شارب ردولوي | 133 |
| 39. فيض احمد ۽ روايتي شاعراڻي ٻولي | ڊاڪٽر محمد علي صديقي | 136 |
| 40. غيرن جي سازش جو قصو | پروفيسر فتح ملڪ | 139 |
| 41. فيض جي وڇوڙي تي | حميد اختر | 143 |
| 42. منهنجي دل منهنجو مسافر | ڪشور ناهيد | 147 |
| 43. فيض جي باري ۾ هڪ گفتگو | عبدالله ملڪ | 150 |
| 44. فيض جي شاعري جو زنده لفظ | ڊاڪٽر آغا سهيل | 154 |
| 45. فيض احمد فيض: شخصيت ۽ شاعري | اڪرام بريلوي | 157 |
| 46. فيض آزادي جي نگر جو مسافر | ڊاڪٽر خالد سهيل | 160 |
| 47. فيض جون يادگيريون | اندر ڪمار گجرال | 163 |
| 48. اشڪ آباد جا ڪجهه ڏينهن | پروفيسر سخا چوف | 166 |
| 49. باڪ جي آس | ڊاڪٽر لدميلا وسي ليوا | 170 |
| 50. جديد اردو شاعريءَ ۾ 'بي گهري' جو موضوع | ڊاڪٽر انا سوورروا | 173 |
| 51. اسان جو فيض صاحب | افتخار عارف | 176 |

# پبلشر جو پاران

فيض احمد فيض گهڻ رخي شخصيت هو. هو شاعر سان گڏ، پورهيت اڳواڻ، صحافي، ليکڪ، استاد، امن جو متوالو ۽ هڪ متحرڪ انسان هو. هو زندگيءَ جي ڪنهن به موڙ تي ورچي نہ وينو. تتي ٿڌي ڪاهيندو رهيو. سندس منزل متعين هئي: ’انساني بيداري ۽ عالمي امن‘. هن پنهنجي مقرر ڪيل راهہ تان ڪڏهن بہ هٽ نہ ڪنيو. ان لاءِ ڪيس ڪيئي ڀيرا جيل بہ وڃڻو پيو ۽ ان جون سختيون سهڻيون پيون پر هن پير پوئتي نہ ڪيو. پنهنجي هم فڪر دوستن جو هميشہ پرجهلو رهيو. پر ڀي ڏر يا عام ماڻهن کي بہ مايوس نہ ڪيائين. سندس مزاج ۾ انسان ذات سان محبت غير معمولي انداز ۾ هئي سا بہ غير مشروط. ان حوالي سان سندس زندگي مثالي هئي.

فيض کي بجا طور عهد ساز ۽ اداره ساز شخصيت چئي سگهجي ٿو. هن ادب ۾ ڪي نيون روايتون بہ متعارف ڪرايون، جن تي پوءِ ايندڙ شاعرن عمل ڪيو. سندس اسلوب بيان، ۽ فڪر ايترو تہ سگهارو هو، جو سندس دور کي ملڪ توڙي ٻاهرين دنيا ۾ فيض جي حوالي سان سڃاتو وڃي ٿو. اهڙي طرح هن ملڪ جي فن، ثقافت ۽ ادب کي اجاگر ڪرڻ لاءِ: اڪيڊمي ادبيات پاڪستان، نيشنل بوڪ فائونڊيشن، پاڪستان لوڪ ورثہ، پاڪستان نيشنل لائبرري، پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف آرٽ، نيشنل آرٽس گيلري، نيفڊيڪ (NEFDEC)، نيشنل پپيٽ ٿيئٽر ۽ ميوزڪ ريسرچ ڪائونسل جهڙا

گھڻ رخي ۽ وڏي مقصد وارا ادارا جوڙي، هڪ طرف عالمن، محققن، آرٽسٽن، موسيقارن ۽ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ فنڪارن کي ملڪي سطح تي ڪم ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو ته ٻئي طرف تڙيل پکڙيل فنن ۽ شعبن کي سرڪاري سرپرستي ۾ وڌڻ ۽ ويجهڻ جا موقعا فراهم ڪيا. ان سان گڏ ملڪي علم، ادب، فن ۽ ثقافت جون به جديد انداز ۾ ترقي پسند سوچ سان سلهاڙيل حد بنديون مقرر ڪيون جن مان ڪن تي عمل به ٿيو، پر اڳتي هلي رجعت پسند آمرن انهن ادارن جو بيڙو ٻوڙي ڇڏيو.

اسان پنهنجي ڪاتي طرفان فيض بابت سندس سوانح، علمي ادبي خدمتن ۽ شاعري بابت درجن کان مٿي ڪتاب آڻي چڪا آهيون، هي ڪتاب به ان سلسلي جي ڪڙي آهي. جنهن ۾ فيض صاحب بابت مختلف نقادن پاران مختلف دورن ۾، لکيل تنقيدي مضمونن کي گڏ ڪيو ويو آهي. جناب اشفاق حسين وڏي سُچيتائي سان اهڙا مضمون چونڊيا آهن جيڪي فيض صاحب جي زندگيءَ جي مختلف رخن تي روشني وجهن ٿا. ڪيترن عالمن فيض صاحب سان فڪري اختلاف به ڏيکاربو آهي، جنهن جي وضاحت اشفاق صاحب مناسب لفظن ۾ ڪئي آهي.

ڪتاب جو سنڌي ترجمو ٻولي ۽ ادب جي پارکو محترم آفتاب ابڙو صاحب ڪيو آهي. جنهن ۾ هن اردو ٻوليءَ جي مختلف محاورن ۽ اصطلاحن کي سنڌي رنگ ۾ پيش ڪيو آهي. ابڙو صاحب هن کان اڳ به ڪاتي لاءِ پنهنجون علمي، ادبي ۽ تحقيقي خدمتون آڇيندو رهيو آهي. سندس ڪاوشون ساراهه جوڳيون آهن.

**سعيد احمد اعواڻ**

سيڪريٽري

ثقافت. سياحت ۽ نوادرات کاتو،

حڪومت سنڌ

1 سيپٽمبر 2013ع

ڪراچي

# مهاڳ

ادب ۾ تنقيد، تازي هوا مثال آهي. تنقيد کانسواءِ ادب هڪ رخو ۽ ذاتي مسئلن يا خواهشن جو ترجمان ٿي وڃي ٿو. صحيح معنىٰ ۾ تنقيد ادب ۾ توازن سان گڏ نوان گوشا نروار ڪري ٿي. ڪنهن به اسم جي چڱاين ۽ مٺاين کان آگاهه ڪري ٿي. تنقيد کان سواءِ ادب بي روح ٿيو وڃي. بي جان يا بي روح ڪابہ شيءِ ڪهڙو لاڀ ڏئي سگهندي! اسان وٽ عملي طور اهو گهٽ نظر اچي ٿو تہ ڪن بہ ادبي ۽ علمي لکڻين جي تنقيد جو مقرر ڪيل اصولن مطابق جائزو ورتو وڃي. هن وقت سنڌي ادب ۾ تنقيدي ادب اول تہ بنهہ گهٽ آهي، پر جيڪڏهن ٿورو ڪجهہ آهي تہ اهو بہ دوستي، لابي ۽ نظرياتي گروهہ بندين جي نذر ٿي وڃي ٿو.

اصل ۾ تنقيد لاءِ تمام گهڻي مطالعي ۽ مشاهدي جي ضرورت هوندي آهي، جيڪو اسان وٽ اڄ جي پيڙهيءَ ۾ گهٽجي ويو آهي. پوءِ حال اهو آهي تہ ادبي لکڻي بجاءِ اديب جي گڻن ۽ اوگڻن تي ڪاڳر ڪارا ڪيا وڃن ٿا. ان کان سواءِ اسان وٽ تنقيد گهڻي قدر غير موضوعاتي ڪئي وڃي ٿي. سنڌي ادب ۾ تنقيد جي حوالي سان 30 ۽ 70 وارا ڏهاڪا مثالي ليکيا وڃن ٿا. انهن ۾ ذاتيات کان هٽي تنقيد جي معياري علمي ادبي اصولن جي پوئواري ڪئي ويندي هئي. جامع انداز ۾ ادبي تنقيدون ٿينديون هيون. جن کي عام پڙهندڙ بہ قبول ڪندا هئا. انهن ۾ مثال اهڙا علمي ۽ تحقيقي ڏنا ويندا هئا، جو انهن کان انڪار ڪرڻ ڏکيو هوندو هو.

ان حوالي سان 'سنڌو' رسالي جو وڏو ڪردار نظر اچي ٿو. جنهن ۾

ڊاڪٽر گربخشاڻي جي پاران شاهه جي بيتن تي تنقيد، ان جي جواب ۾، ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي ۽ ٻين عالمن جا دليل پڙهڻ وٽان آهن. ساڳي ريت ان دؤر ۾ زناني تعليم جي اهميت ۽ افاديت تي ڪيل بحث به پڙهڻ وٽان آهي. پنهنجي حوالي سان ذڪر ڪريان ته مون جامع سنڌي لغات جي پنجين جلد تي هڪ تنقيدي خط لکيو جنهن جا ڇنڊا محترم سائين ڊاڪٽر بلوچ تي پئي پيا. پر آفرين آهي، سائين بلوچ صاحب کي جنهن خط لکي، منهنجي تنقيد جي آجيان ڪئي ۽ اصل حقيقت کان آگاهه ڪيو. اهڙا سگهارا مثال محترم ممتاز مهر، بدر ابڙي، محترمه ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر بدر اجڻ ۽ ڪن ٻين نقادن جا ڏئي سگهجن ٿا، جيڪي تنقيد جي علمي اصولن تي عمل ڪندي، نظر اچن ٿا.

سنڌ ثقافت کاتي پاران اردوءَ جي ناميارِي ۽ وڏي شاعر فيض احمد فيض جي حوالي سان اشاعتي سلسلي جي ڪڙيءَ طور اشفاق حسين جو سهيڙيل ڪتاب "*فيض! تنقيد کی میزان پر*" جي سنڌي ترجمي جو ڪم مون کي سونپيو ويو. اشفاق حسين جن تنقيدي مضمونن جي چونڊ ڪئي آهي، اهي تاريخي، سوانحي ۽ فڪري لحاظ کان نهايت اهم آهن. بجا طور ان دور جي عالمن تنقيدي اصولن کي آڏو رکي وڏي دل سان فيض جي لکڻين ۽ شاعريءَ جو فني ۽ فڪري جائزو پيش ڪيو آهي. ڪن هنڌن تي مانوارن تنقيد نگارن نظرياتي حد بندين جو به خيال ڪيو آهي ته محترم اشفاق حسين انهن جي نشاندهي پڻ ڪئي آهي.

ڪتاب جي مجموعي مطالعي مان فيض جي عملي زندگيءَ ۽ علمي ادبي خدمتن جي ڪافي رخن جو ڏس پتو معلوم ٿئي ٿو. فيض پنهنجي شاعري توڙي نثري لکڻين ۾ سماج جي ڪيترن مختلف پاسن تي ڪم ڪيو آهي. ان بابت ته محترم پروفيسر محمد سليم ميمڻ جو ڪتاب "فيض احمد فيض-شخصيت، فن ۽ فڪر" ۽ ڊاڪٽر بدر اجڻ جو ڪتاب "فيض احمد فيض - گهڻ پاسائين شخصيت" پڙهڻ گهرجن. البت ذڪر هيٺ ڪتاب ۾ به سندس عملي جدوجهد جي ڪيترن ئي رخن تي روشني وڌي وئي آهي.

ڪتاب جي سهيڙيندڙ جناب اشفاق حسين مختلف نقادن جي تحريرن جو نهايت سچيتائي سان جائزو ورتو آهي. جنهن مان سندس فيض

بابت مطالعي جي خبر پئي ٿي. هن پنهنجي مطالعي جي آڌار تي فيض جي مختلف پاسن تي روشني وجهي، انهن کي اجاگر ڪيو آهي. جيئن "فيض ۽ ٻيو ماڻهو"، "فيض جو مقام غزل"، "فيض جو آدرش"، "فيض جي ٻولي"، "فيض جي اميد پرستي"، " غالب ۽ فيض" وغيره. تاريخي حوالي سان لکيل مضمونن ۾، اشفاق صاحب انهن شخصيتن جو تاريخي پسمنظر ۽ سندن فيض سان تعلق بابت به مناسب ڄاڻ ڏني آهي. اهي ڳالهيون ڪتاب جو قدر وڌائين ٿيون.

مجموعي طور ڪتاب فيض جي حوالي سان لاڀائتي ڄاڻ ڏئي ٿو. ڪتاب جي منفرد انداز مان لاڀ پرائيندي اسان کي سنڌي ٻوليءَ جي ناميارن جديد شاعرن جهڙوڪ شيخ اياز، استاد بخاري، تاجل بيوس، تنوير عباسي ۽ ٻين بابت تنقيد جي اعليٰ معياري اصولن ٺپاندڙ، اهڙي قسم جا ڪتاب لکڻ گهرجن، جن ۾ شاعر جي گهڻن رخن جي ڄاڻ حاصل ٿئي ۽ ڪمين ڪوتاهين کان به آگاهي حاصل ٿئي. اسان کي قديم توڙي جديد شاعرن کي متبرڪ بنائي تنقيد کان آجو نه ڪرڻ گهرجي. ان سان گڏ، انهن شاعرن بابت نئين انداز ۾، ٻاهرين دنيا جي قلم ڪارن جي فڪر کي آڏو رکي نئين سر تنقيدي حوالي سان ڪم جي ضرورت آهي. مثال خاطر هتي ٻن مضمونن جي نشاندهي ڪجي ٿي. هڪ "فيض ۽ ٻيو ماڻهو"، "ٻيو فيض جو درد" هي موضوع سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعري ۾ اهم جاءِ والارين ٿا. انهن کي نئين انداز ۾ ڏسڻ جي ضرورت آهي.

پهرئين مضمون ۾ پروفيسر محمد حسن سوال ٿو اٿاري ته ڪنهن شاعر يا غير شاعر لاءِ ڪنهن ٻئي ماڻهو جو وجود ڇو ضروري آهي. ان کان پوءِ هو وري ٻيو سوال ٿو اٿاري ته آخر اسان فيض جي شاعري ۾ ان ٻئي شخص جي ڳولا ڪٿان شروع ڪريون؟ تنقيد جو اهو هڪ نرالو اندازو آهي. اهڙا سوال اسان پنهنجن ڪلاسيڪي توڙي جديد شاعرن لاءِ به اٿاري سگهون ٿا. اهڙي ريت اسان جديد انداز ۾ پنهنجي شاعري جي چند ڇاڻ ڪري سگهون ٿا. ٻيو مضمون مشهور تنقيد نگار مشتاق احمد يوسفيءَ جو آهي، جنهن جو تت اهو آهي ته 'فيض جي شاعريءَ جو موضوع اول کان آخر تائين انسان جو درد آهي. ڏٺو وڃي ته دنيا جي هر وڏي شاعر جو اصل موضوع اهو ئي آهي. جنهن ۾ هنن

ٿتل ذهنن ۾ دلين کي پنهنجي شاعري وسيلي حوصلو بخشي انهن کي جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ڪين زندگيءَ جي جدوجهد ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان حوالي سان شاهه لطيف جو ڏک بابت فڪر ۽ فلسفو ئي نرالو آهي. جنهن کي نئين انداز سان اجاگر ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي.

**آفتاب ابڙو**

ڪراچي

25 آگسٽ 2013ع

# پيش لفظ

فيض احمد فيض جي شاعري، سندس شخصيت، زندگيءَ بابت نظريا ۽ سندس علمي ۽ سماجي خدمتن بابت اردو، انگريزي ۽ دنيا جي ٻين ٻولين ۾ ڪافي مضمون لکيا ويا آهن. انهن ۾ سٺا، خراب، معياري ۽ غير معياري هر طرح جا مضمون ۽ مقالا شامل آهن. انهن ۾ ڪافي مضمون ڪيترائي ڀيرا مختلف ادبي رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. انهن مضمونن ۾ صرف فيض جي باري ۾ ئي نه بلڪ اڌ صدي جي اردو ادب جي رفتار ۽ معيار جي باري ۾ به ڄاڻ ملي ٿي.

فيض جي مطالعي دوران مونکي خيال آيو ته انهن مان چونڊ مضمون گڏ ڪرڻ گهرجن. ته جيئن فيض بابت مطالعو ڪندڙن خاص طور شاگردن کي انهن مان ڪا سهولت ملي سگهي. هي ڪتاب 'فيض: نقادن جي نظر ۾' مٿئين مقصد کي سامهون رکي ترتيب ڏنو ويو آهي.

انهن مضمونن گڏ ڪرڻ جو هڪ مقصد اهو به آهي ته اهڙا پڙهندڙ جيڪي اڳ شايع ٿيل اصل مضمون پڙهي نٿا سگهن ، ڪين مختلف دورن ۾ فيض بابت همعصر اديبن ۽ عالمن جي راين کان آگاهي حاصل ٿي سگهي ۽ اڳتي هلي وڌيڪ جاکوڙ ڪري، پنهنجي شوق ۽ ذوق مطابق مطالعو جاري رکي سگهن.

انهن مضمونن جو مطالعو ڪندي، خود منهنجي ذهن ۾ جيڪي خيال آيا، انهن کي به سموهڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم ۽ مختلف مضمونن ۾ گهربل جاين تي وضاحتي نوٽ به لکيا اٿم ته جيئن فيض صاحب جي

شاعري، شخصيت ۽ زندگي بابت نظرئي جي باري ۾ ڪن ليکڪن پاران اجايو اٿاريل مسئلن جو حل بہ اچي وڃي ۽ جيئن مان سوچيان ٿو، منهنجو موقف بہ واضح ٿي سگهي.

اميد آهي تہ فيض شناسي جي ڪوشش ۾ هن ڪتاب مان ڪجهہ مدد ملي سگهندي.

**اشفاق حسين**

ٽورنٽو

ڊسمبر 2010ع

'نقش فریادی' کان

'دستِ تہہِ سنگ' تائین

# فيض جي انفراديت

پروفيسر احتشام حسين مضمون جي شروعات ۾ فيض جي مقبوليت جي حوالي سان هڪ اصول مقرر ڪيو آهي. جنهن جو مطلب آهي. ’سڀ جو خير‘. ان ڪي هن هڪ مثال سان واضح ڪيو آهي ته جيڪڏهن مسلمان ۽ ڪافر صرف هڪٻئي جا عيب ڳوليندا ته سواءِ نفرت جي ڪين ٻيو ڪجهه نه ملندو. پر جيڪڏهن هو هڪ ٻئي جي گڏيل قدرن جي تلاش ڪندا ته ڪين ذهني سڪون ملي سگهندو. ان ڪي هڪ ٻئي مثال سان ٻه سمجهي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن گلاس اڌ پاڻي سان ڀريل آهي ته مثبت سوچ وارو ايئن چئي سگهي ته ٿو ’گلاس اڌ ڀريل آهي‘ ۽ ٻيو ان جي ابتڙ ايئن ٻه چئي سگهي ٿو ته ’گلاس اڌ خالي‘ آهي. احتشام صاحب جي مطابق ڀهرين صورت ڪي ذهن ۾ رکڻ سان شعر ۽ ادب مان لطف وٺڻ جو سنو ماحول جڙي سگهي ٿو.

احتشام صاحب جي خيال ۾ فيض جي شاعري ميلاپ وارو اهو نقطو آهي، جتي سندس شاعريءَ تي تنقيد ڪرڻ لاءِ قلم کڻندڙن مان ڪيترن جو ڪنهن نه ڪنهن سطح تي ڪفر ٽٽو آهي. ترقي پسند اديبن مان جن کي فيض سان وير هو، انهن ٻه فيض جي شاعريءَ تي دٻيل لفظن ۾ ئي سهي ڪجهه نه ڪجهه تعريف ضرور ڪئي آهي.

احتشام صاحب سوال اٿاريو آهي ته آخر پڙهندڙن کي فيض جي غزلن يا نظمن مان ڇا ملندو آهي، جو هو فيض جا مداح ٿي ويندا آهن. ڇا ڪي خاص خيال آهن؟ يا اظهار جو ڪو ايڏو متاثر ڪندڙ طريقو آهي؟ يا ڪي خاص قسم جا محاورا يا علامتون آهن؟ يا ڪا نواڻ آهي، جيڪا فوري طور دل کي

چڪي وئي ٿي؟ انهن سيني سوالن جا الڳ الڳ جواب بہ ڏئي سگهجن ٿا. پر مختصر لفظن ۾ ايئن چئجي تہ متي ذڪر ڪيل سڀ ئي ڪيفيتون ملي سلي هڪ اهڙي فضا جوڙين ٿيون جو هر شخص پنهنجي پسند مطابق ان مان لطف وٺي ٿو ۽ اتان ئي ڪنهن شاعر يا ليکڪ جي ٻوٽي جي آبياري ٿئي ٿي. يعنيٰ جيڪو تخليقڪار جيترن بہ رخن کان پڙهندڙن تي اثر ڇڏيندو، اوترو ئي سندس مقبوليت جو گراف متي ويندو. فيض جي مقبوليت کي هن ان نقطي نگاهہ کان بہ ڏٺو آهي.

"صرف فيض جو ئي نہ بلڪ هر شاعر جو مطالعو ڪندڙ سڀ کان پهريائين اهو چاهيندو آهي تہ جڏهن هو شعر پڙهي تہ کيس شعر ئي ملي. اهڙا شعر جيڪي صرف لفظن جو ميڙ نہ هجن، صرف علم عروض مطابق تڪبندي ٿيل نہ هجي. صرف ترنم وارا مصرعٰ يا تجنيس حرفي جو ڪمال نہ هجي. پر اُهي ڪو معنيٰ ۽ مفهوم پهچائيندا هجن. جيڪي شاعر ۽ پڙهندڙ جي وچ ۾ ڪو تعلق پيدا ڪن. اهو تعلق جيترو پڪو پختو ۽ جيترن ماڻهن سان هوندو. شاعر جي مقبوليت ۾ اوترو اضافو ٿيندو."

پروفيسر احتشام جي ٻڌايل ان اصول جي روشني ۾ جيڪڏهن فيض جي شاعري کي ڏسنداسين تہ وڏي حد تائين سندس مقبوليت جو راز سمجهہ ۾ اچي ويندو. 'نقش فريادی' ۾ جڏهن هن چيو هو تہ: "*مجھ سے پہلی سی محبت میرے محبوب نہ مانگ*" تہ هن پنهنجي احساسن وسيلي هڪ تعلق جوڙي ورتو هو، انهن سيني سان، جيڪي عشق جون چوٽون کايو ويٺا هئا. اهڙي طرح 'دست صبا' ۾ جڏهن هن '*داغ داغ اجالا*' واري ڳالهہ ڪئي هئي تہ شعور ۽ ادراڪ جي سطح تي هن هڪ تعلق جوڙي ورتو هو، انهن سيني سان، جيڪي آزادي جي ڇهري کي روشن ڏسڻ گهرن ٿا. پنڊي سازش ڪيس ۾ هن پنهنجي پڙهندڙن کي پنهنجو موقف اهو چئي سمجهايو تہ: '*وہ بات سارے فسانے میں جس کا ذکر نہ تھا۔ وہ بات ان کو بہت ناگوار گذری*' تہ اتي بہ ڪافي دوستن تائين پنهنجي دل جي ڳالهہ ڪئي- هن نہ صرف پنهنجي ملڪ پر عالمي سطح تي جيڪي حالتون ايري آيون، انهن کي محسوس ڪيو ۽ پنهنجي شاعري ۾ انهن جو اظهار ڪيو.

مقصد تہ زندگيءَ جي هر موڙ تي احساس جي سطح تي. شعور ۽ ادراڪ جي سطح تي ۽ ان کان بہ وڌيڪ شاعريءَ جي سطح تي. هن پنهنجي ماڻهن سان ناتو قائم رکيو ۽ ڪجهہ اهڙي ريت ماڻهن کي سندس ڳالهہ تي يقين ٿي ويو.

هن مضمون ۾ پروفيسر احتشام حسين فيض جي نفس جي تهذيب جي ڳالهہ ڪئي ٿو تہ انکي رڳو سخن جي مشق سان حاصل نٿو ڪري سگهجي. نفس جي تهذيب ڪنهن جزي جو نہ بلڪ مڪمل شخصيت جو احاطو ڪري ٿي. فيض وٽ انهيءَ نفس جي تهذيب جي کوج ۽ ان جي مام کي سمجهڻ جي لاءِ هن 'نقش فريادي' جو مڪمل ديباچو نقل ڪندي ايئن چيو آهي ۽ هن نتيجي تي پهتو آهي تہ:

> "شايد ئي اردو جي ڪنهن ٻئي شاعر ايتري ٿورڙي جڳهہ ۾ ايتري سادگيءَ سان پنهنجي شاعرانہ نظرئي کي اهڙي خوبصورت اعتراف جي صورت ۾ پيش ڪيو هجي! ان ۾ فيض جي شاعرانہ خوبين ۽ خامين جو ڏس بہ ملي وڃي ٿو ۽ خيال ۽ بيان جي منجهيل تهن جا راز پڻ ظاهر ٿي وڃن ٿا. جيڪي زندگيءَ جي شعور جي حصول ۽ ان کي فن جي قالب ۾ پلٽائڻ سان وجود ۾ اچن ٿا."

ان کان پوءِ هن 'دست صبا' جي ديباچي جو بہ ذڪر ڪيو آهي ۽ ان کي فيض جي پهرين ديباچي جي توسيع قرار ڏنو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ ان جي شاعري 'نقش فريادي' کان 'زندان نامہ' تائين جو سفر وڌيڪ پختگي سان سميٽيو آهي.

آخر ۾ هن فيض جي هڪ نظم "تنهائي" ۽ هڪ غزل "مسلسل" جو تجزيو ڪندي، اهو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ جيتوڻيڪ هڪ نظم جو موضوع داخلي ڪيفيتن جو پرتوو آهي. مگر ان جا سڀ رشتا ٻاهرين دنيا سان آهن ۽ ٻيو نظم جيڪو خارجي دنيا سان تعلق رکي ٿو. ان ۾ هن داخلي ڪيفيت کي ڳنڍي ڇڏيو آهي ۽ اها ڳالهہ هر شاعر جي وس ۾ نہ هوندي آهي. اهو ئي فيض جو جادو آهي. جنهن جي منڊ کان بچڻ محال آهي.

- پروفيسر احتشام حسين جو مٿيون مضمون 'افڪار فيض نمبر' مڪتبہ افڪار، ڪراچي، 1964 ۾ شايع ڪيو.

# فيض ـ ’نقش فريادي‘ کان ’زندان نامہ‘ تائين

هن مضمون جي عنوان مان ئي پڌرو آهي تہ پروفيسر آل احمد سرور جو هي مضمون، فيض جي ان وقت تائين شايع ٿيل ٽن مجموعن: *’نقش فريادی‘*، *’دست صبا‘* ۽ *’زندان نامہ‘* جي شاعريءَ بابت آهي. ان وقت تائين فيض جي شاعريءَ جا نقش پوري طرح واضح ٿي چڪا هئا. انهن ٽنهي مجموعن جي روشنيءَ ۾ سرور صاحب فيض کي زندگي ۽ ان جي هزارين دلڪش روپن سان محبت ڪندڙ شاعر قرار ڏنو. سندس نظر ۾ فيض زندگيءَ جي سچاين مان جيڪو فيض حاصل ڪيو، اهو جديد شاعري ۾ هڪ روشن ترين مثال آهي ۽ انهيءَ آڌار تي هن دعويٰ ڪئي تہ فيض مجاز وانگر ۽ مجاز کان بهتر طور تي انقلاب جا نغما ڳايا آهن.

مجاز جو ذڪر انهيءَ ڪري آيو تہ ترقي پسند تحريڪ جي سرواڻن ۾ سندس نالو بہ شامل هو. پر زندگيءَ کيس وڌيڪ مهلت نہ ڏني. جڏهن سرور صاحب اهو مضمون لکيو هو تہ ان وقت فضا ۾ فيض جي نغمن جي هر طرف گونج ٻڌڻ ۾ ٿي آئي. اڳتي هلي سرور صاحب فيض جي شاعريءَ ۾ پيدا ٿيندڙ نغمگي وارن سرچشمن کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي. هن ان طرف بہ اشارو ڪيو آهي تہ فيض جي شاعريءَ ۾ مشرق ۽ مغرب جي تخيل جي بهترين چونڊ نظر اچي ٿي. جڏهن تہ ان گڏيل بهترين چونڊ مان اڳتي هلي، هن پنهنجو هڪ سگهارو اسلوب بنايو آهي. جيڪو اميدن سان ڀرپور، زندگي سان سرشار ۽ انسانن جي ڏکن ڏوجهرن جو ترجمان آهي. ان کي فيض جو خاص انداز سڏجي ٿو. ان جي باري ۾ سرور صاحب چوي ٿو تہ:

"فيض جي لئہ ۾ وڏي ڪشش آهي. ان ۾ اسان جي پراڻي شاعريءَ جي رچيل ڪيفيت نہ آهي، پر هڪ نئون انداز آهي، جنهن ۾ انگريزي ادب جي خوشگوار اثر، جديد انسان جي ذهن ۽ ايشيائي تهذيب جي قدر لائق عنصرن جي ڪهڪشان نظر اچي ٿي. فيض جي شاعريءَ جو انداز سڌي گهٽ پر اڻسڌي طرح وڌيڪ آهي. هو چٽائيءَ جو نہ پر رمزجو شاعر آهي. پر ان جي باوجود سندس ذهن ايترو تہ پختو ۽ فني شعور ايترو تہ بلند آهي، جو هو هر ڳالهہ واضح طور چئي ٿو. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ انهن خوبين سبب فيض هڪ الڳ اسلوب رکي ٿو. جنهن ۾ ڪيترن ئي اردو ۽ انگريزي شاعرن جي گونج ٻڌڻ ۾ اچي ٿي، پر آواز سندس پنهنجو آهي."

پروفيسر آل احمد سرور 'نقش فريادي' جي شاعريءَ جي باري ۾ راءِ ڏيندي چيو آهي تہ هُو پنهنجي ان پهرين ڪلام جي مجموعي ۾ غزل جي بجاءِ نظم جي شاعر طور اڀريو آهي. ان ۾ هن فيض جي ڪجهہ مشهور نظمن جا حوالا بہ ڏنا آهن. پر سندس چوڻ آهي تہ 'دست صبا' ۾ فيض ٻنهين جو هڪ پاڪيزه ۽ قدر لائق معيار پيش ڪيو آهي. يعني وٽس ٻئي صنفون تارازيءَ جي پڙن وانگر برابر نظر اچن ٿيون ۽ سرور صاحب کي اهو نتيجو ڪڍڻ ۾ ڪابہ ڏکيائي نظر نہ ٿي اچي تہ بنيادي طور غزل ۽ نظم جو جهيڙو ئي بيڪار آهي. چاڪاڻ تہ ٻنهين صنفن ۾ پاڻ وٽ گڏ ٿيڻ ۽ ڦهلجڻ جي صلاحيت هڪجيتري آهي، يعني اشارا ۽ قصي گوئي ٻنهي جو حسن آهي. چاڪاڻ تہ "تلوار ڪٽيندي آهي پر هلائڻ لاءِ هٿ گهرجي." فيض کي غزل ۽ نظم تي گرفت رکڻ جي صلاحيت موجود آهي. اهڙي صورتحال ۾ پڙهندڙ کي اها ڳالهہ سمجهہ نہ ٿي اچي تہ آخر جڏهن هو پاڻ ئي چوي ٿو تہ نظم ۽ غزل جو جهيڙو بيڪار آهي تہ پوءِ اهو سوال ڪيئن پيدا ٿيو تہ 'نقش فريادي' ۾ فيض غزل جي بجاءِ نظم جي شاعر طور اڀريو آهي. منهنجي خيال ۾ جيئن تہ اهو زمانو غزل جي سحر ۾ ورتل هو ۽ جديد نظم اجا پنهنجي حيثيت مڃائڻ لاءِ پر ساهي رهيو هو، ان ڪري جڏهن غزل جي لذت سان ڀربل فيض جا نظم سامهون آيا تہ

ماڻهو پاڻ مرادو ان طرف متوجه ٿيا. پر صرف ان بنياد تي اهو نتيجو ڪڍڻ ته 'نقش فريادي' جا غزل نظم جي ڀيٽ ۾، ڪجهه ڪمزور آهن. شايد ايترو مناسب نه آهي. آل احمد سرور جي ساڳي راءِ 'زندان نامه' جي غزلن جي باري ۾ به آهي.

دست صبا کانپوءِ 'زندان نامه' جي شاعريءَ تي روشني وجهندي، هن انکي اڳين مجموعن جي توسيع (Extension) قرار ڏنو آهي. هن ان طرف به توجه ڏياري آهي ته جيتوڻيڪ اهو سمورو ڪلام قيد ۾ لکيو ويو. پر ان ۾ ڪٿي به مايوسيءَ جي جهلڪ نظر نه ٿي اچي، ته فيض صاحب جي طبيعت ۾ نه ڪڏهن چڙ پيدا ٿي ۽ نه وري غصو. بلڪ ان دوران وٽس تهذيب ۽ شائستگي جو عمل پنهنجي ارتقائي منزلن کي ڇهندي نظر اچي ٿو. قيد خاني ۾ به انسانيت، حسن ۽ عشق جي شمع روشن آهي ۽ هن زندگي جي حسين نغمن جي لئه کي ٿورو به ڪمزور ٿيڻ نه ڏنو. ان مجموعي جي ڪجهه نظمن کي سرور صاحب اردوءَ جي بهترين نظمن ۾ شامل ڪندي، انهن جي تشريح ۽ وضاحت به ڪئي آهي. *'ملاقات'* ۽ *'اے روشنیوں کے شہر'* کانسواءِ *'دریچہ'* ۽ *'ہم جو تاریک راہوں میں مارے گئے'* تي نهايت تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي.

*'زندان نامه'* جي غزلن کي به هن *'دستِ صبا'* جي معيار جي برابر شمار ناهي ڪيو. ان جي باوجود *'زندان نامه'* جي غزلن مان به ڪن شعرن کي چونڊي، ان مضمون ۾ پيش ڪيو آهي. شايد ان جو هڪ سبب اهو به ٿي سگهي ٿو ته *'زندان نامه'* جو شعري ذخيرو فيض جي ٻين مجموعن جي ڀيٽ ۾ نسبتن گهٽ آهي، ظاهر آهي ته آل احمد سرور هي مضمون ان وقت لکيو هو، جڏهن اڃا فيض جي شعري سرمائي ۾ خاطر خواه اضافو نه ٿيو هو.

---

- پروفيسر آل احمد سرور جو مٿيون مضمون *'افکار فیض نمبر'* مڪتبه افڪار، ڪراچي، 1964 ۾شايع ڪيو.

# فيض

ڪليم الدين احمد هي مضمون ان وقت لکيو هو، جڏهن فيض جا صرف ٻه شعري مجموعا شايع ٿيا هئا. ان ڪري سڀ ڪان پهريائين ڪيس اها شڪايت هئي ته فيض جي شاعري تمام ٿوري مقدار ۾ آهي. پوءِ ان مختصر شاعري مان هن فيض جي نظمن تي بحث ڪيو آهي. غزل توڙي ڪنهن ٻه شاعر جا هجن، انهن تي بحث ڪرڻ هُو عبث ٿو سمجهي.

مضمون جو مجموعي طور تاثر اهو آهي ته ترقي پسندي تقريباً گار آهي، پر فيض تي اها گار پوري طرح ٺهڪي نٿي اچي. سو انهيءَ لحاظ کان هي مضمون فيض جي شاعري لاءِ هڪ وڏو انعام سمجهڻ گهرجي. جتي جتي ٻه هن فيض جي انقلابي نظمن تي بحث ڪيو آهي، اتي هن ترقي پسند شاعريءَ جي ممڪن طور خراب حوالن ڏيڻ کان ٻه پاسو ناهي ڪيو.

فيض کي، ڪليم صاحب جن ٻن خاص ڳالهين ڪري ٻين شاعرن تي ترجيح ڏني آهي. انهن ۾ هڪ اهو ته فيض کي نظم چوڻ جو فني احساس ۽ سليقو آهي ۽ ٻيو اهو ته هن وٽ پاڻ تي ضابطي جي ڪيفيت ڏٺي وڃي ٿي، يعني هو ٻين ترقي پسند شاعرن وانگر نعري بازي نٿو ڪري. هن پنهنجي ڳالهه کي وزن ونائڻ لاءِ ڪجهه نعرا ٻه درج ڪيا آهن:

تلوار اٹھا، تلوار اٹھا

مزدور ہیں ہم، مزدور ہیں ہم

ایشیا چھوڑ دو، ایشیا چھوڑ دو

بغاوت میرا مذہب ہے، بغاوت دیوتا میرا۔

هاڻي خبر خدا کي تہ اهي نعرا ڪهڙن ترقي پسند شاعرن جون مصرعون آهن ۽ ڪهڙن شعري مجموعن مان هن اهي چونڊي ڪڍيا آهن. پهريان ٽي نعرا تہ شعري مصرعون چوائڻ نہ گهرجن ۽ چوٿين مصرع جيڪڏهن ڪنهن نعري باز شاعر جي آهي بہ تہ ايتري خراب نہ آهي جو نڪ تي هٿ ڏجي! جيڪڏهن ڪنهن شاعر جو بغاوت وارو نظريو ديوتا وانگر آهي تہ پوءِ آخر ڪار ڪليم پائي کي ايتري پريشاني ڇو آهي؟ خير، هن مٿين تمهيد کان پوءِ فيض جي شاعري جي باري ۾ اها ڳالهہ ڪئي آهي تہ ان جو آواز جهيڻو آهي. دبيل لفظن ۾ ڳالهہ ڪندو آهي ۽ جذبن جي وهڪري ۾ نڪري نہ ويندو آهي.

ڪليم الدين احمد هن مضمون لاءِ فيض جو جيڪو نظم چونڊيو آهي، اهو 'آخري خط' آهي. ان لاءِ چئي ٿو تہ ان نظم ۾ ڪا خاص ڳالهہ نہ آهي، پر پوءِ بہ هن اهو ضرور تسليم ڪيو آهي تہ ان ۾ خيالن جي تسلسل جي ڪيفيت ملي ٿي. پر وري فوراً غير ضروري طور تي علي سردار جعفري جي ڪنهن نظم جا بہ بند نقل ڪري، فيض جي شاعري کي گهٽ درجي واري شاعري قرار ڏنو اٿائين. اهڙي طرح فيض جي هڪ نظم 'انتظار' کي نقل ڪيو آهي ۽ چيو آهي تہ "انتظار ۾ هڪ نوجوان جو تجربو آهي، ان ۾ ڪا بہ گهرائي نہ آهي. انفرادي خوبي نہ آهي، پائداري نہ آهي." وري ان سان گڏ اختر شيراني جي مٿان بہ ٽوڪ ڪئي اٿس تہ هو جيڪڏهن ان تجربي تي نظم لکي ها تہ نتيجي ۾ هڪ ڊگهو روماني نظم ٿي وڃي ها، جنهن ۾ ربط صرف ظاهري قسم جو هوندو آهي. 'انتظار' جي تعريف بہ ڪئي اٿس. پر ان مان بہ ٻہ شعر نقل ڪندي، چئي ٿو تہ اهي تہ غزل جا بند لڳن ٿا. پر اختر شيراني جيڪڏهن لکي ها تہ سڀ شعر غزل وانگر لڳن ها. مطلب تہ هي مضمون ڪليم الدين احمد جي پهريان کان ئي طئي ڪيل نظرين ۽ خيالن جي چوگرد گهمي ٿو.

ڪليم الدين مضمون جو طريقو اهو رکيو آهي تہ پهريائين ڪو نظم ڪڍي ٿو پوءِ ان مان ڪجهہ غلطيون ڪڍي ٿو. پوءِ ان جو مقابلو اڻڄاتل ترقي پسند شاعرن سان ڪري ٿو. پوءِ انهن جي پيٽ ۾ پنهنجي طرفان چونڊ ڪيل فيض جي نظمن جي تعريف ڪري ٿو.

فيض جي نظم 'تنهائي' جي کلي دل سان تعريف ڪئي اٿس. پر ان سان گڏ، اهو بہ چئي ٿو تہ اهو نظم آرٿر سائمنس جي هڪ نظم مان ورتل آهي

۽ شايد آرٿر سائمنس به اهو خيال هارڊي جي نظم ”دي بروڪن اپوانٽمنٽ“ مان ورتو آهي. ان جي باوجود هن تسليم ڪيو آهي ته فيض ان ۾ انفرادي شان پيدا ڪيو آهي.

”’تنهائي‘ ۾ اردو نظم، غزل کان جان ڇڏائي آهي.
’تنهائي‘ فيض جو بهترين نظم آهي، اهو اردو شاعري ۾ ڪافي اهميت رکي ٿو، پر هارڊي جي ’دي بروڪن اپوانٽمنٽ‘ جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهي.“

ان کان پوءِ فيض جو ’بول‘ نظم سڄو نقل ڪيو اٿس ۽ فرمائي ٿو ته هي نظم روماني نه پر انقلابي آهي. هاڻي ڪليم الدين کي ڪير سمجهائي ته اهو راز فيض جي ان نظم پڙهندڙن اسڪول ۽ ڪاليجن جي شاگردن کي به معلوم آهي، ’بول‘ جو جائزو وٺندي، فرمائي ٿو ته ان ۾ خطابت جي جهلڪ نظر اچي ٿي. ان نظم ۾ بول جو ورجاءُ ته ڪامياب آهي، ليڪن اها ڪاميابي خطابت جي دنيا ۾ رهندي آهي. يعني شعر ۽ ادب ۾ ان جو ڪهڙو ڪم! بقول سندس فيض جي شعور جڏهن ترقي ڪئي ته وٽس گهرائي پيدا ٿي پر ’دست صبا‘ جي اشاعت سان ان جي ترقي ابتڙ ٿي ويئي.

’دستِ صبا‘ جي نظمن ۾ فيض جي شعور جي وڌيڪ ڪا ترقي نه ٿي ڏٺي وڃي. سندس شخصيت ۽ ان جي فن ۾ به وڌيڪ ڪا گهرائي نه آئي آهي، شايد ان جو سبب اهو آهي ته فيض پنهنجي پريشانين کي ختم ڪري ناهي سگهيو.

ڪليم الدين احمد پنهنجي مخصوص نقطه نظر سان ’دستِ صبا‘ جي ڪيترن ئي نظمن جو جائزو ورتو آهي، ۽ ڪٿي ڪٿي ڪن سٺن نڪتن جو اظهار به ڪيو آهي.

---

• پروفيسر ڪليم الدين احمد جو هي مضمون ”فیض کی تخلیقی شخصیت“ مرتب ڊاڪٽر طاهر تونسوي، سنگ ميل پبليڪيشن لاهور، 1989 ۾ ڇپيو.

# 'دستِ صبا' جو غزل گو

پروفيسر ممتاز حسين پنهنجي هن مضمون جي شروعات فيض جي حسن واري نظرئي جي وضاحت سان ڪئي آهي ۽ ان نڪتي کي نروار ڪيو اٿس ته فيض وٽ حسن ۽ عشق جي نظر ايندڙ ۽ هوس پرستيءَ واري دنيا نه آهي، پر غالب جي حسن واري دنيا وانگر مڪمل شخصيت جو عڪس سمجهڻ گهرجي. عشق جي هڪ روايت اها به آهي، جيڪا قيس جي روايت آهي ۽ ٻي اُها آهي جيڪا منصور جي روايت آهي. فيض جڏهن ٻن عشقن جي ڳالهه ڪئي آهي ته سندس سامهون ٻه رستا روشن هئا ۽ ڪيس انهن جو احساس به هو. نه ته اهو نه چئي ها ته: 'ہمیں سے سنت منصور و قیس زندہ ہے۔' پروفيسر ممتاز حسين انهن روايتن کي پرکيندي، حوالي طور فيض جي عشق واري نظرئي بابت چيو آهي ته:

> "فيض انهن ٻنهين روايتن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪجهه اهڙي طرح سموهيو آهي جو سندس شاعريَ بذات خود هڪ روايت بنجي ويئي آهي. فيض کي اسان ان روايت جي انفراديت ۽ ان نغمي جي ناز انداز سان سڄاڻون ٿا، جنهن ۾ موج شفق، موج صبا ۽ موج خون ملي جلي ويا آهن."

'دستِ صبا' ۾ فيض جي غزلن جو انگ 16 آهي ۽ اهي سڀ جو سڀ هڪ خاص ڪيفيت رکن ٿا. انهن ۾ به انداز واضح طور نظر اچن ٿا. پروفيسر ممتاز حسين انهن مان هڪ کي مهربان يار جي ياد سان ۽ ٻئي کي دل گهرئي دوست سان تعبير ڪيو آهي. وٽس فيض جي غزلن جو اهو انداز آهي. شرط اهو آهي ته اهو مختصر نه هجي! ان لحاظ سان هن فيض جي غزلن جا ڪيئي مثال

ڏنا آهن. جن ۾ شروع ۾ هو يار جي ياد ۾ شمع روشن ڪري ٿو. جنهن ۾ ان جي بدن جي هڪ زخمي حصي مان رت ٽمي ٿو. پر آخر ۾ هو ان ۾ زماني جي غم جو شراب به ملائي، پنهنجي غم جو رشتو سموري انسانيت سان جوڙي ٿو ۽ پنهنجي ذاتي غم کي وسارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

پروفيسر ممتاز حسين 'نقش فريادی' جي پيٽ ۾ 'دستِ صبا' جي غزلن کي بيان ۽ زبان جي لحاظ سان ساراهي ٿو. ان جو هڪ سبب هن اهو ٻڌايو ته جيل ۾ فيض کي مشڪل حالتن جي باوجود هڪ طرح ذهني آسودگي هئي. وٽس فرصت هئي. جنهن ۾ هن استادن جي ڪلام کي زياده غور ۽ توجه سان پڙهيو. اهڙي طرح ان جي پوري شاعري ۾ خاص طور غزل جي شاعري ۾ لفظن جي چونڊ ۽ تخيل جي نواڻ نظر اچي ٿي. اها نواڻ يا جادوگري جو فن جڏهن نظمن ۾ ظاهر ٿئي ٿو ته هڪ بلڪل نئين فضا بنجي وڃي ٿي.

پروفيسر ممتاز حسين وٽ فيض جي شاعري جي ٻي وڏي خصوصيت سندس اندروني آهنگ آهي. ان ۾ ڪا ٻي راءِ نه آهي ته شاعري ۽ موسيقي ۾ ڪافي گهاٽو تعلق آهي. ان جو تعلق ڳائڻ سان نه پر لفظن جي آوازن سان آهي. ان ڪري شعر جي سجاڳپ لاءِ هڪ شرط اهو به آهي ته ان جو آهنگ ڏنو وڃي. جيڪو هڪ مخصوص وزن واري نظام هيٺ هوندو آهي. ان ۾ رديف، ڪافيو ۽ مختلف بحر وزن مدد گار هوندا آهن. فيض به ان مان فائدو ورتو آهي پر هو ان کي معنيٰ سان گڏ هڪ نرالو ڍنگ ڏيڻ جو بهتر هنر ڀڻ رکي ٿو. ان جو هڪ سبب اهو به آهي ته هو پنهنجي هڪ ئي نظم ۾ موسيقيءَ جو انداز تبديل ڪري ڇڏي ٿو. پروفيسر ممتاز حسين ان حوالي سان فيض جي ڪيترن ئي نظمن جا مثال ڏنا آهن. مثلاً 'نثار میں تیری گلیوں کے اے وطن کہ جہاں' واري نظم کي سامهون رکندي. هو چوي ٿو ته:

> "ان نظم ۾ هن ان جي مختلف بندن ۾ موسيقيءَ جا مختلف پيٽرن استعمال ڪيا آهن. ڪٿي رديف ۽ ڪافيي ٻنهي جي پابندي ڪئي آهي ته ڪٿي صرف رديف جي پابندي نظر اچي ٿي ته وري ڪٿي اهي ٻئي نظر نٿا اچن. آهنگ جي ان انداز، جنهن کي عام طور سنو نٿو سمجهيو وڃي. ان باوجود روايتي اعتبار کان ان نظم جي نغمي

جوڙجڪ ۾ ڪو بہ عيب پيدا نٿي ڪري."

اهڙيءَ طرح پروفيسر ممتاز حسين فيض جي هڪ ٻئي نظم 'نوحہ' جو مثال ڏنو آهي، جيڪو هن پنهنجي ڀاءُ جي وفات تي لکيو هو. جنهن جو انداز بلڪل عام ڳالهہ ٻولهہ وارو آهي يعني نثر ڪي بلڪل ويجهو. پر ان ۾ بہ هن هڪ اندروني آهنگ پيدا ڪيو آهي. ان جيان 'شيشوں کا مسيحا' ۽ 'سوچ' جهڙا نظم آهن، جيڪي پنهنجي اندروني آهنگ سبب وڌيڪ مؤثر نظم آهن.

پروفيسر ممتاز حسين هي مضمون ان وقت لکيو هو، جڏهن فيض جيل ۾ هو. ان زماني ۾، فيض جي نظمن جي ڀيٽ ۾ سندس غزلن جي مقبوليت ڪي ڏسي چيو هئائين تہ:

> "هن دور ۾ 'دستِ صبا' جا غزل خاص طور مقبول آهن. پر اُهي جيڪي شاعري کي سمجهن ٿا، اهي چڱي ريت ڄاڻن ٿا تہ ان مختصر مجموعي جا ڪجهہ نظم فني اعتبار ۽ معنيٰ جي لحاظ کان غزلن تي حاوي آهن. بلڪل ان طرح جهڙي طرح 'نقش فريادی' جا نظم 'نقش فريادی' جي غزلن تي حاوي آهن. پر ان جو اهو بہ هر گز مطلب نہ آهي تہ 'دستِ صبا' جا غزل دلڪش ۽ بلند خيال وارا نہ آهن. منهنجو تہ خيال آهي تہ غالب کان پوءِ اهڙي انداز جا غزل تمام ٿورا لکيا ويا آهن."

يعني ممتاز صاحب فيض جي غزلن جي تعريف تہ ڏاڍي ڪئي آهي ۽ کلي طرح ايئن بہ چيو آهي تہ غالب کان پوءِ ان طرز جا غزل بلڪل گهٽ لکيا ويا آهن. پر مجموعي طور سندس غزلن جي ڀيٽ ۾ نظمن جو پلڙو ڀاري آهي. اهو اصول هن پنهنجي مزاج ۽ پنهنجي فڪر مطابق فيض جي پهرين مجموعي 'نقش فريادی' ۽ ٻئي مجموعي 'دستِ صبا' ٻنهي کي نظر ۾ رکندي جوڙيو آهي.

---

• پروفيسر ممتاز حسين جو اهو مضمون 'فيض کی تخليقی شخصيت'، مرتب ڊاڪٽر طاهر تونسوي، سنگ ميل پبليڪيشن، لاهور 1989 ۾ ڇپيو.

# زندان نامه

پروفيسر ممتاز حسين پنهنجي ان مضمون ۾ فيض جي ٽئين مجموعه ڪلام 'زندان نامه' تي نهايت تفصيل سان لکيو آهي. مضمون جي شروعات ۾ هن هڪ دلچسپ ڳالهه ڏانهن اشارو ڪندي چيو آهي ته ڪجهه ماڻهن 'دستِ صبا' جي اشاعت تي چيو هو ته ان ۾ اها ڳالهه ناهي، جيڪا 'نقش فريادي' ۾ هئي ۽ جڏهن 'زندان نامه' شايع ٿيو ته وري چوڻ لڳا ته ان ۾ اها ڳالهه نه آهي جيڪا 'دست صبا' ۾ هئي. عونئن به اسان وٽ اهڙي قسم جا رايا روزبروز ايندا رهندا آهن. پر ممتاز صاحب ان جو معروضي تجزيو ڪندي، اهو نتيجو ڪڍيو هو ته شروعات ۾ ڪجهه ماڻهو ان جي عشقيه موضوعن ۾ دلچسپي وٺندا هئا ۽ لطف اندوز ٿيندا هئا ۽ ٻين موضوعن تي سراسري نظر وجهي اڳتي وڌي ويندا هئا. پر جيئن جيئن وٽس غم جانان ۽ غم دوران جو ميلاپ ٿيندو ويو، تيئن تيئن ماڻهن کي چڙ چڙهڻ لڳي. ان سان گڏ اهو به ٿيو ته پڙهندڙن جو هڪ ٻيو اهڙو طبقو تيار ٿيو، جيڪو فيض جي مٿي ذڪر ڪيل پيمانن مان لطف اندوز ٿيڻ لڳو. اهڙا رجحان سدا سنوان سياست کان متاثر هوندا آهن. هن ڪيترن ئي مثالن سان واضح ڪيو آهي ته اڄ جي دور ۾ عشق جو جذبو ڪامل شخصيت جو محتاج هوندو آهي شخصيت جي تڪميل سياست جي محتاج هوندي آهي، تنهنڪري ان کي هڪ وڏو اخلاقي قدر سمجهڻ گهرجي ۽ صرف شخصيت جي پورائي لاءِ نه پر معاشري جي تڪميل لاءِ به اهو اخلاقي قدر هڪ قوت فراهم ڪري ٿو.

"شخصيت جي تڪميل لاءِ سياست هر قدم تي

حائل هوندي آهي. ان ڪري عشق وارو جذبو سياسي جذبي سان ملي يڪجا ٿي ويندو آهي. اهو هڪ حرف غزل ۽ غم جو ڏيئو هر انسان جي دل ۾ پرورش وٺندو آهي. ان جو رشتو ان حقيقت سان گهرو آهي ته هڪ ڪي گفتار تائين آڻڻ لاءِ هئي ڪي روشن ڪرڻ لاءِ نه صرف اجازت پر ان جا وسيلا به ملندا آهن يا نه. فيض وٽ انهن لفظن ۾ عشق جو جذبو، سياسي جذبي سان گڏجي ويو آهي.“

پروفيسر ممتاز حسين فيض جي شاعري ۾ هڪ جديد ذهن جي نشاندهي ڪئي آهي. هن وٽ اهو جديد ذهن هڪ جديد ثقافت جي مهابي آهي. هن هڪ مثال ڏيندي ٻڌايو آهي ته اسان جي شاعري ۾ فيض کان پهريان ’حبيب عنبر دست‘ جي ترڪيب ڪنهن استعمال نه ڪئي هئي. اها غزل جي پراڻي روايت ۾ ممڪن نه هئي. جهڙي طرح اڄ جي زماني ۾، گلن جو تحفو پيش ڪيو ويندو آهي، ايئن اڳ ان شڪل ۾ پيش نه ڪيو ويندو هو. اهڙي قسم جون جديد ترڪيبون جديد دور ۾ ئي پيدا ٿي سگهن ٿيون. ممتاز صاحب نئين ڪلچر ڪي ان نئين ذهن جو غماز ٻڌايو آهي. ۽ فيض ان نئين ڪلچر جي اثر هيٺ اسرندڙ نسل جو حقيقي نمائندو هو. اها ڳالهه به ذهن ۾ هئڻ گهرجي ته هن فيض کي جديد شاعر ضرور چيو آهي پر جديديت جو حامي نه چيو آهي، ڇاڪاڻ ته ٻيو نقطه نظر هڪ خاص نظرئي جي تشهير ڪري ٿو.

ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته اسان جي غزل جو هڪ بنيادي موضوع ’غم‘ آهي، جو ان کانسواءِ عشق جي اظهار جا پردا سمجهه ۾ نه ايندا. اهو ان غم جي اظهار جو نتيجو آهي جو اڄ به غزل جو باب مير درد جي ذڪر کانسواءِ اڌورو سمجهيو وڃي ٿو. ان پسمنظر ۾ ڏٺو وڃي ته بقول ممتاز حسين، فيض وٽ به غم جي چس جو مقدار گهٽ آهي. پر ان ۾ رنگ طرب ۽ اميد جو چراغ هميشه چمڪندو رهندو آهي. هتي هن *’زندان نامه‘* جي غزل *’دل نا اميد تو نہيں ناکام ہی تو ہے‘* جو مثال پيش ڪندي، فيض جي غم جو تصور ۽ ان سان گڏ اميد جي وضاحت ڪئي آهي، ته اهو تصور غالب جي *’ہو رہے گا کچھ نہ کچھ گھبرائیں کیا‘* کان مختلف آهي. ان ۾ اٽڪل اميد جي بجاءِ هڪ حرڪت ۽ انقلابي روح موجون ماڻيندي نظر اچي ٿو. اها صورت *’گرمیٔ شوق نظارہ کا اثر تو دیکھو‘* جهڙن غزلن ۾ وڌيڪ چٽائي

سان نظر اچي ٿي. ان ڪري هو چئي ٿو ته:

"فيض جي دل کي آرام ڏيندڙ اميد جيڪا سندس ڳوڙهن مان ليئا پائيندي نظر اچي ٿي ۽ وڇوڙي جي رات کي رنگين بنائي ٿي. ان ۾ ڪي سياسي يا اجتماعي شعور جي غماز آهي نه ڪي سندس وهم ۽ فريب آهي. تڪرار سحر يقين جو آواز آهي. جنهن جا بنياد مشرق جي انقلابن چوندي آهن. جڏهن ته ان جي دعويٰ آهي ته '*چاند کو گل کرو تو ہم جانیں*' ۽ هو پنهنجي ان يقين کي غم جي ويجهو جاڻي ٿو. ڇاڪاڻ ته سحر (پرهه) بهرحال رات کان بهتر آهي."

فيض جي نظم 'ملاقات' جي پسمنظر ۾ پروفيسر ممتاز حسين فيض جي اميد پرستي کي زياده مؤثر انداز ۾ سمجهايو آهي ته 'شب غم' جي اذيتن ۽ دشوارين باوجود اها رات ئي آهي. جيڪا دليل سحر به آهي. اتان ئي هڪ روشن صبح جو اشارو ملي ٿو. اهڙي طرح رات جي وهامي وڃڻ تي غم جو استعارو به آهي. فيض نظاره سحر جي تلقين هڪ انقلابي انداز ۾ ڪري ٿو.

جيتوڻيڪ پروفيسر ممتاز حسين فيض جي غزلن جي ڀيٽ ۾ سندس نظمن کي وڌيڪ پسند ڪيو آهي. پر فيض جي نظمن جي جهڙي طرح هن وضاحت ڪئي آهي. ان جي ڀيٽ ۾ غزلن تي گفتگو ڪجهه گهٽ ٿي نظر اچي. اهڙيءَ ريت هن پنهنجي مضمون جي پڇاڙيءَ ۾ جيڪي شعر حوالي طور ڏنا آهن اهي پڻ سڀ جا سڀ غزلن جا شعر ئي آهن. يقيناً 'زندان نامہ' جا نظم ڪجهه وڌيڪ تفصيلي تجزيو گهرن ٿا. پر جيئن ته 'زندان نامہ' خود فيض صاحب جو هڪ مختصر مجموعو آهي. ان ڪري نظمن جي حوالي سان ممتاز جي مختصر گفتگو به ڪافي معنيٰ واري ۽ سنجيده آهي. انهن نظمن جي حوالي سان. بعد ۾ به جيڪي تجزيا ملن ٿا. انهن ۾ به نمايان خوبيون اهي نظر اچن ٿيون.

- پروفيسر ممتاز حسين جو اهو مضمون 'نقد فيض' مرتبہ نسيم عباسي. بڪ سروس. دهلي 1978 ۾ شايع ٿيو.

# فيض جو فن

فيض صاحب جو ٻيون شعري مجموعو 'دستِ صبا' 1952 ۾ شايع ٿيو. ان وقت فيض صاحب جيل ۾ هو. ان ڪري ان ڪتاب جي پذرائي لاهور ۾ ان سال 22 ڊسمبر تي ٿي هئي، جنهن جي صدارت عبدالرحمان چغتائي ڪئي هئي. ان پروگرام جي سموري ذميواري احمد نديم قاسمي، صاحب جي ذمي هئي. هن ئي ان پروگرام جو بندوبست ڪيو هو ۽ هن ان موقعي تي سان هڪ مختصر تعارفي مضمون به 'دستِ صبا' جي نالي سان پڙهيو هو.

احمد نديم قاسمي صاحب ان مضمون جي شروعات ۾ ان ڳالهه جو ڪليل لفظن ۾ اظهار ڪيو هو ته فيض هن دور جو سڀ کان وڌيڪ مقبول ترين شاعر آهي. سندس شهرت نه رڳو ملڪ ۾ پر ملڪ کان ٻاهر به آهي. ان ۾ ڪي ٻه رايا نه آهن. ايندڙ وقتن سندس ان دعويٰ کي ثابت ڪري ڏيکاريو.

قاسمي صاحب 'نقش فريادي' جي مهاڳ ۾ فيض جي ان ڳالهه کي ورجايو آهي ته جڏهن شاعر وٽ چوڻ لاءِ ڪجهه نه هجي ته ڪيس پڙهندڙن کان اجازت وٺڻ گهرجي. جيئن ته فيض صاحب جو 'نقش فريادي' کان پوءِ سندس ڪلام ورلي نظر اچڻ لڳو ته ماڻهن اهو سمجهيو ته هاڻي فيض صاحب همت هاري چڪو آهي ۽ ڪيس جيڪي ڪجهه چوڻ گهربو هو، سو هن پنهنجي پهرين مجموعي ڪلام ۾ چئي ڇڏيو آهي، پر قاسمي صاحب 'دست صبا' جي اشاعت کي فيض جي شاعري جو هڪ نئون ۽ اٽمت نقش قرار ڏئي ڇڏيو ۽ فيض صاحب بابت اٿندڙ اهڙن سڀني خيالن جي نهايت خوبصورتي سان ترديد ڪري ڇڏي. انهن ڏينهن ۾، ادبي حلقن ۾ فيض صاحب جي شاعريءَ جي

حوالي سان ن- م- راشد جي مضمون جو عام چرچو هو. جنهن ۾ راشد چيو هو ته فيض ڪنهن مرڪزي نظرئي جو شاعر نه آهي، پر هو احساسن جو شاعر آهي ته قاسمي صاحب ان مضمون تي تنقيد ڪندي، لکيو هو ته:

"دراصل اهو جملو ايئن لکڻ گهربو هو ته فيض هڪ مرڪزي نظرئي جو شاعر آهي ۽ ان ڪري ئي هو پاڪيزه، جاندار ۽ تازن احساسن جو شاعِر آهي."

اتي قاسمي صاحب ادب جي ترقي پسند نظرئي جو انتهائي جرئت سان دفاع پڻ ڪيو ۽ نئين ترقي پسند نظرئي ۽ زنده ادب کي ڇو ڪنهن مرڪزي نظرئي جي طابع هئڻ گهرجي جي وضاحت به فيض جي شاعري جي حوالي سان ڪئي. سندس چوڻ مطابق فيض جهڙن شاعرن وٽ بي پناهه حسن، جوان عزم ۽ نرم نازڪ احساس هوندا آهن، جيڪي تاريخي شعور ۽ زندگي جي مرڪزي نظرئي کانسواءِ ممڪن ئي نه آهن. ان کان سواءِ جيڪي شاعري ڪندا آهن، اهي صرف زندگيءَ جي عڪاسي ڪندا آهن، نبض شناس هرگز نه هوندا آهن. جڏهن ته فيض وٽ زندگي پنهنجي پوري شعور سان جلوه گر ٿئي ٿي. اهوئي سبب آهي جو فيض پنهنجي دور جي سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن جي پسمنظر ۾ پنهنجي شاعري وسيلي پنهنجي پڙهندڙن سان گفتگو ڪئي آهي. اهو ضرور آهي ته سندس لهجو نرم آهي، پر وڏي اثر وارو آهي. قاسمي صاحب فيض جي طرز احساس جي مختصر پر نهايت واضح وضاحت ان مضمون ۾ ڪئي آهي.

هن فيض صاحب جي شاعري جي هڪ خاص وصف جي طرف ان مضمون ۾ ٿورو اشارو ڪيو هو. جنهن کي پوءِ ڪافي نقادن پنهنجي پنهنجي انداز ۾ مسلسل ورجايو ته فيض وٽ اردو جي قديم روايتن جو تمام گهڻو قدر آهي. وٽس روايتي علامتون، تشبيهون ۽ استعارا جديد دور جي گهرجن مطابق نهايت خوب صورتيءَ سان ظاهر ٿين ٿا. احمد نديم قاسمي ان جو سبب هي ڄاڻايو ته:

"فيض کي ماضيءَ جي ادبي روايتن تي وڏو عبور حاصل آهي. تلميحون، رمزون ۽ ڪيفيتون جن سان اسان جي ڪلاسيڪي شاعري ڀري پئي آهي، فيض وٽ

> ڪجھ قدر وڏيڪ معنيٰ سان ڀرپور انداز ۾ نظر اچن ٿيون. چاڪاڻ تہ ھو مير، سودا، غالب، مومن، حالي ۽ اقبال جي اختيار ڪيل روايتن جو احترام ڪري ٿو. ڪيس معلوم آھي تہ ترڪيبن ۽ الفاظن جي بہ ھڪ تاريخ ۽ روايت ھوندي آھي، ۽ ھر لفظ پنھنجي دور جون نازڪ يادون ڪٺي اسان وٽ پھچندو آھي. فيض ڪي لفظن جي تاريخي شعور سان گڏوگڏ ٿھڪن، ڳوڙھن ۽ امنگن جي تاريخ جو بہ شعور آھي. اھوئي سبب آھي جو فيض جي شاعري حسن صورت ۽ حسن معنيٰ جو ميلاپ آھي.

قاسمي صاحب فيض جي شاعري جي جنھن مرڪزي خصوصيت جو ذڪر پنھنجي ان مضمون ۾ ڪيو آھي، اڳتي ھلي ان جي اسلوب جي ھڪ خاص سڃاڻپ بنائي ڇڏيو. جنھن ڪي پوءِ ايندڙ مجموعن ۾ فيض نئون رنگ ڀريندو رھيو.

احمد نديم قاسمي *'دستِ صبا'* جي غزلن جي خاص طور ان مضمون ۾ وڏي تعريف ڪئي آھي ۽ چوي ٿو تہ: غزل جنھن ۾ عام طور داخلي ڪيفيتن جو اظھار ھوندو آھي، ان ۾ فيض، فراق گورکپوري وانگر ھڪ آفاقي لھر سمائي ڇڏي آھي، جنھن جي نتيجي ۾ جديد غزل جو حسن اجا بہ نکري نروار ٿيو آھي.

ھن *'دستِ صبا'* جي اشاعت کي ھڪ اھم تاريخي واقعو ان ڪري بہ قرار ڏنو، جو ان دور ۾ ادب جمود جو شڪار ٿي ويو ھو. *'دستِ صبا'* انھن سڀني دٻيل آوازن کي آئينو ڏيکاري ڇڏيو.

---

• احمد نديم قاسمي جو اھو مضمون *'فيض کی تخلیقی شخصیت'*، مرتب ڊاڪٽر طاھر تونسوي، سنگ ميل پبليڪيشن لاھور، 1989 ۾ شايع ٿيو.

# شخص ۽ عڪس

’افڪار‘ جي فيض نمبر ۾ سجاد ظهير جو هڪ مضمون مٿئين عنوان سان شايع ٿيو هو. اهو مضمون اصل ۾ سندس ڪتاب ’روشنائي‘ جو هڪ حصو آهي، جنهن ۾ هن امرتسر ۾ فيض سان پهرين ملاقات ۽ پنجاب ۾ ترقي پسند تحريڪ کي منظم ڪرڻ جي ڪتا بيان ڪئي آهي. فيض جي شخصيت ۽ سندس ڪمٽمنٽ کي سمجهڻ لاءِ اهو مضمون پڙهڻ گهڻو لاڀائتو ٿيندو. هن مضمون ۾ فيض سان گڏ ڊاڪٽر رشيد جهان ۽ صاحبزادي محمود الظفر ڪان سواءِ لاهور ۾ تحريڪ جي شروع وارن هم خيال ماڻهن جي باري ۾ به ڪافي معلومات ملي ٿي. امرتسر واري ان پهرين ملاقات ۾ سجاد ظهير تي فيض جي شخصيت جا تمام سٺا اثر پيا. ان وقت تائين سجاد ظهير ته ڇا خود فيض جي ساٿين يعني رشيده ۽ محمود کي به ان جو علم نه هو ته فيض شعر به چوندو آهي. فيض سان پنهنجي پهرين ملاقات جي باري ۾ سجاد ظهير لکي ٿو ته :

”اسان شايد انگلينڊ جي نوَن شاعرن اسٽيفن سپنڊر ۽ آڊن جو ذڪر ڪيو. جن جي شاعريءَ جا مجموعا انهن ڏينهن ۾ شايع ٿيا هئا. جن جي شاعري ۾ انگريزي شاعري جي مروجه ٽي ايس ايليٽ جي ڦهلايل تلخي ۽ مايوسي وارن رجحانن کان هٽي ڪري انسانيت جي نئين گڏيل (اشتراڪي) مستقبل ۽ يورپي عوام جي فاشسٽ دشمن جدوجهد جي جهلڪ نظر اچي رهي هئي. مونکي ڏاڍو

تعجب ٿيو تہ فيض انهن ٻنهي شاعرن کي پڙهي چڪو هو. ترقي پسند ادب جي تحريڪ جي باري ۾ اسان ان وقت تائين جو ڪجهہ ڪيو هو، اهو سڀ ڪيس ٻڌايو سون ۽ ڪانئس پڇيو سون تہ پنجاب ۾ ان جا ڪيترا امڪان آهن؟ فيض چيو تہ لاهور هلي ڏسون ٿا. منهنجي خيال ۾ اتي ڪجهہ ماڻهو شايد مون سان متفق ٿيا هوندا، پر معلوم ٿيو تہ هو فيصلو ڪري آيا هئا تہ صرف ٻڌنداسين، ڪلنداسين پر چپ نہ چورينداسين."

غور سان ڏٺو وڃي تہ فيض جي شخصيت جون اهي بنيادي وصفون هيون، جن جو ذڪر سجاد ظهير ان مضمون ۾ ڪيو آهي. يعني ڀرپور مطالعو، پنهنجي دور جي علمي، ادبي ۽ سياسي حالتن بابت آگاهي، صبر ۽ تحمل سان ٻين جون ڳالهيون ٻڌڻ. سجاد ظهير فيض جي حوالي سان ٻين بہ ڪافي واقعن جو ذڪر ان مضمون ۾ ڪيوآهي. انهن مان بخوبي اندازو ٿي وڃي ٿو تہ فيض شروع کان ئي ڪميٽيڊ شاعر هو ۽ سڄي زندگي هن ان وابستگيءَ کان منهن نہ موڙيو.

هن مضمون ۾ هڪ مناظري جو پڻ ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪو چاليهن واري ڏهاڪي ۾ ترقي پسند حلقن جي حامين ۽ مخالفن وچ ۾ ٿيو هو. ان مناظري ۾ هڪ طرف فيض ۽ سجاد ظهير هئا تہ ٻئي طرف خواجہ محمد شفيع ۽ مولوي سعيد احمد هئا. وڏيون ڪڙڪيدار تقريرون ٿيون، پر جڏهن فيض مائيڪ تي آيو تہ هن ڀيڪيدار تقرير بجاءِ سنجيدگيءَ سان پنهنجو موقف بيان ڪيو. بقول سجاد ظهير نہ تاڙيون وڳيون نہ واهہ واهہ ٿي، پر ايترو ضرور ٿيو تہ ماڻهن فيض صاحب کي خاموشي ۽ اطمينان سان ٻڌو.

ٻي مهاڀاري جنگ دوران فاشسٽ طاقتن جي خلاف عملي طور جنگ ۾ حصو وٺڻ لاءِ ڪيترا ئي ترقي پسند خيالن وارا ماڻهو برطانوي فوج ۾ شامل ٿي ويا. فيض بہ انهن مان هڪ هو. هندستان ۾ هڪ طرف تحريڪ آزادي زورن تي هئي، ٻئي طرف جنگ جا بادل ڇانيل هئا. اهڙي صورت ۾ شيون ايتريون واضح نہ هيون. سوال اهو هو بلڪ تمام ضروري سوال هو تہ ان جنگ ۾ هندستانين جو ڪردار ڇا هئڻ گهرجي؟ ڀهريائين آزاديءَ واري

تحريڪ کي پُرجوش بنائڻ گهرجي يا پهربائين فسطائي طاقتن کي شڪست ڏيڻ لاءِ انگريزن جو ساٿ ڏيڻ گهرجي. فيض جو ذهن ان معاملي تي بلڪل صاف هو. سندس نظم 'سیاسی لیڈر' ان جو واضح ثبوت آهي. سجاد ظهير ان نظم جو حوالو ڏيندي فيض جي حمايت ڪئي آهي.

سجاد، فيض سان گڏوگڏ مخدوم جي شاعري مان حوالا ڏيندي چيو آهي ته انهن ٻنهي شاعرن وٽ ان جو پورو ادراڪ نظر اچي ٿو. مخدوم جي ان شعر 'رات کے ماتھے پر آزردہ ستاروں کا ہجوم، صرف خورشید درخشاں کے نکلنے تک ہے۔' ته ان ۾ هڪ اميد هئي، هڪ حوصلو هو ۽ مايوسي جي پستي هئي. اهڙي طرح فيض جو نظم 'بول' به هڪ اعلان جنگ هو. انهن طاقتن خلاف جيڪي هندستان مٿان هميشه لاءِ اونداهي رات جو راڄ قائم ڪرڻ گهرن پيون. اهو نظم به حوصلو ڏئي ٿو ۽ ظالم طاقتن خلاف وڙهڻ جي طاقت عطا ڪري ٿو.

اهڙي طرح جڏهن ننڍو کنڊ ورهائجي ويو ۽ ان جي نتيجي ۾ جيڪا خون ريزي ٿي ۽ جيڪي فرقيوارانا فساد ٿيا، انهن تي سيني حساس دل ماڻهن ڳوڙها ڳاڙيا. سجاد ظهير سيني ترقي پسند شاعرن ۽ اديبن جي تخليقن کي ساراهيندي چيو ته مٿي ذڪر ٿيل موضوعن تي ڀرپور انداز ۾ جاندار ۽ نوس تخليقون ترقي پسند شاعرن جون آهن. ۽ فيض جو نظم 'صبح آزادی' جهڙو نظم سرواٽي ڪندي نظر اچي ٿو. اهو نظم ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي. ان ۾ جذبن جي شدت ته آهي، پر ان ۾ ورهاڱي کان پوءِ ٿيندڙ واقعن جي صورتحال جو تخليقي اظهار به آهي ۽ اها حسين ۽ نازڪ مصوري صرف فيض جي قلم مان ئي سرجي سگهي ٿي.

---

• سجاد ظهير جو اهو مضمون "افکار" فيض نمبر مڪتبہ افڪار ڪراچي 1964 ۾ شايع ٿيو.

# ڪاري تي ڳاڙهو

پروفيسر مجتبيٰ حسين هي مضمون 1965ع ڌاري لکيو هو. ان وقت تائين فيض صاحب جا صرف چار مجموعا شايع ٿي چڪا هئا. ان ڪري هن انهن مجموعن جي پسمنظر ۾ فيض جي شاعري جو جائزو ورتو آهي.

هن مضمون لکڻ کان اڳ، پروفيسر مجتبيٰ حسين پنهنجي ڪجهه ٻين مضمونن ۾ فيض جي شاعرانه خصوصيتن جي حوالي سان، پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو هو. تنهنڪري هن مضمون ۾ ان مضمون جا حوالا ڏنا آهن. مثلاً هي ته سندس نظر ۾ فيض جي شروع واري شاعري ۾ سندس آواز پنهنجي دور جو بلڪل نئون ۽ منفرد آواز بڻجي اڀريو هو. انفراديت ان حوالي سان ته ان کان اڳ، اردو ادب ۾ مغربي رجحان ته اچي ڇُڪا هئا پر اُهي گهڻي قدر فني يا تجرباتي نوعيت جا هئا. فيض وٽ پهريون ڀيرو مغربي ادب جي غنائيت نظر آئي هئي. ان حوالي سان سندس لهجو پنهنجي نغمگي ۽ تخيل جي اعتبار کان اردو ۽ فارسي شاعري جي روايت کان مختلف هو. پروفيسر مجتبيٰ حسين پنهنجي ان مضمون ۾ ان نُڪتي کي هيٺين ريت نروار ڪيو آهي:

"اسان جي شاعري موضوع سان سڌو سنئون گفتگو ڪندي آهي. ان کان پوءِ هن فيض جي لهجي جي وضاحت ۾ لکيو هو ته ان ۾ اُهائي اميد، نغمگي ۽ ساڳي رمز آهي، جيڪا ايليٽ ۽ ييٽس (Eliot and Yeats) ۽ ٻين اولهه جي شاعرن ۾ ملي ٿي. اهو لهجو فارسي ۽ اردو شاعري جو ناهي. هندستان ۾ البت اهو لهجو ٽيگور وٽ ملي ٿو. ان

> ڪان پوءِ هن مٿي ذڪر ڪيل شاعرن جي شاعريءَ مان مثال ڏيئي فيض جي ان خصوصيت کي سمجهائيندي لکي ٿو ته فيض جي شاعري ۾ موضوع کان وڌيڪ اهو ماحول اهم آهي، جيڪو موضوع جي گهرجن مان پيدا ٿيندو آهي. فيض وٽ هڪ رچيل ۽ حسين تصور (Luxury of Imagination) ملي ٿو. هن تشبيهن ۽ استعارن جو سهارو گهٽ ورتو آهي. سندس لهجي جي جذباتي ڪشمڪش اسان جي سامهون صرف تصوري خاڪا پيش ڪري ٿي.“

پنهنجي گذريل مضمونن مان چوند ٽڪرا پيش ڪندي، هن پاڻ کان ڪجهه سوال ڪيا آهن ته هاڻي هو هڪ فرمائشي مضمون ڇو لکي؟ هن وقت تائين هن جيڪو ڪجهه فيض تي لکيو آهي، ان ۾ ڪجهه ترميمن جي گنجائش آهي؟ ته ان جو جواب به انڪار ۾ ڏيندي، وڌيڪ لکي ٿو ته فيض جي مقبوليت ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي. ته ڇا مقبول هئڻ ڪا خراب ڳالهه آهي؟ ڇاڪاڻ ته خود سندس دور ۾ جيڪا مقبوليت جگر مراد آبادي کي حاصل هئي، اها آهستي آهستي گهٽجي رهي هئي، جنهن جي آثار تي ڪافي نقادن جو خيال هو ته وڌيڪ مقبوليت به شاعر لاءِ سٺو سوڻ نه آهي. پروفيسر مجتبيٰ حسين ان اصول کي به رد ڪيو. پوءِ وري هن پاڻ کان اهو به سوال ڪيو ته ڇا فيض جي شاعري ايتري گهڻ پاسائين آهي، جيڪا مير، غالب، نظير، انيس، اقبال ۽ جوش جهڙن شاعرن جي شاعري سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي سگهي؟ پروفيسر مجتبيٰ ان جو جواب به انڪار ۾ ڏنو. ان جي باوجود هن اها ڳالهه ورجائي ته فيض جي شاعري ان سبب هرگز گهٽ نه ٿي سگهي. هن فيض جي شاعريءَ کي غم جي شاعري قرار ڏنو. اهو غم سياسي هجي، ذاتي هجي يا انسانيت جو! فيض ان جون خوبصورت تصويرون چٽيون آهن.

تصويرن جي جڙهن ڳالهه ٿئي ٿي ته ذهن جو رنگن ڏانهن متوجهه ٿيڻ هڪ فطري ڳالهه آهي. انڪري پروفيسر مجتبيٰ فيض جي تصويرن ۾ رنگن کي وڌيڪ ويجهو کان ڏٺو آهي ۽ ان نتيجي تي پهتو آهي ته فيض جي

شاعري ۾ جيڪو لهجو اڀري سامهون آيو آهي، اهو ڪيترن رنگن جي تصويرن کي پيش ڪرڻ کان قاصر آهي پر انهن رنگن مان ڪارو رنگ سڀني تي وڌيڪ حاوي آهي.

ان نڪتي جي لحاظ کان هن پنهنجي مضمون جو عنوان 'ڪاري تي ڳاڙهو' (سرخ بر سياه) رکيو آهي. ڪاري تي ڳاڙهو ان ڪري به ته فيض صرف اونداهين راتين جو شاعر نه آهي، پر هن وٽ روشن صبح جي اميد به نظر اچي ٿي. سندس بنايل تصويرن جو بيشڪ رنگ ڪاراڻ مائل آهي، پر ان سان گڏ انهيءَ ۾ ڳاڙهي رنگ جو ميل به آهي، جيڪو انقلاب جو رنگ آهي ۽ زندگي جي جدوجهد ۾ڀرپور حصو وٺندڙن جو رنگ آهي، پر جيئن ته مجتبيٰ صاحب وٽ فيض جي شاعري غم جي شاعري به آهي، ان ڪري ڳاڙهي رنگ سان گڏوگڏ ڪارو رنگ به هجڻ ضروري آهي، بلڪ هو ته ان طرح ڏسي ٿو ته مجموعي طور فيض جي ڪينواس جو رنگ ئي ڪارو آهي، بهرحال فيض جي ڪيترن ئي شعرن جي حوالن سان هن ٻنهي رنگن جو ذڪر ڪيو آهي.

پروفيسر مجتبيٰ حسين هن مضمون ۾ فيض جي شاعري جي مستقبل جي باري ۾ به شڪ شبهي جو اظهار ڪيو آهي. ظاهري طور ائين ٿو لڳي ته سندس ذهن ۾ هڪ اعليٰ شاعر جو جيڪو تصور آهي، فيض ان تائين نه پهچي سگهيو آهي. ٻين لفظن ۾ سندس ذهني ترتيب مطابق فيض ان حوالي سان پهرئين نه پر ٻئي درجي جو شاعر آهي. سندس جوڙيل فهرست مطابق پهرين درجي جي شاعرن ۾ صرف مير، غالب، نظير، انيس، اقبال ۽ جوش اچن ٿا. ان جي باوجود هن فيض جي شاعرانه عظمت کي کلي دل سان ساراهيو آهي ۽ هر جڳهه تي ذڪر ڪيو آهي ته فيض پنهنجي دور جو منفرد ۽ دل ۾ گهر ڪندڙ شاعر آهي. هن پنهنجي مخصوص لهجي سان، جيڪو شاعرانه ماحول ناهيو آهي، اهو ان کي هڪ اهم شاعر مڃائڻ لاءِ ڪافي آهي. هن ان ڳالهه جو اقرار ڪيو آهي ته هو خود نوجواني واري زماني کان فيض جي لهجي جو اسير رهيو آهي ۽ سندس لهجي جي پراسراريت شروع کان آخر تائين قائم آهي.

---

• پروفيسر مجتبيٰ حسين جو اهو مضمون ڪتاب 'فيض احمد فيض تنقيدي جائزه' مرتب خليق انجم، انجمن ترقي اردو نئين دهلي 1985 ۾ شايع ٿيو.

# قيد جو احوال

فيض صاحب جڏهن پهريون ڀيرو جيل مان آزاد ٿيو ته ان وقت تائين سندس ٻه مجموعا 'نقش فریادی' ۽ 'دستِ صبا' شايع ٿي چڪا هئا. جيل مان آزاديءَ کانپوءِ جلد ئي سندس ٽيون مجموعو 'زنداں نامہ' شايع ٿيو، جنهن ۾ 'دستِ صبا' کانپوءِ جيل ۾ لکيل سندس ڪلام شامل آهي. ان مجموعي جي شروعات ۾، سجاد ظهير کان علاوه ميجر (ر) محمد اسحاق جي تحرير 'قيد جو احوال' شامل آهي. جنهن ۾ ميجر اسحاق فيض صاحب جي جيل وارن ڏينهن کي هڪ نظرياتي دوست جي حيثيت سان قلمبند ڪيو آهي ۽ شايد ان کان بهتر انداز ۾ اهو احوال ڪو ٻيو ليکڪ لکي به نه پئي سگهيو! ڇاڪاڻ ته بقول سندس:

"مان ڪجهه مهينا گهٽ چار سال فيض سان ڏينهن رات گڏ رهيو آهيان. اهو ڊگهو عرصو اسان جيل جي ڪولين ۾ گذاريو. سوين ڀيرا صبح سوير هڪ ٻئي جو منهن ڏٺوسين. پنهنجون خوشيون ۽ غم ورهاياسين. جيل کان ٻاهر ماڻهو ڪيترن ئي يارن دوستن ۽ عام ماڻهن سان ملي ٿو، ڪيترن ئي قسمن جا آواز ٻڌي ٿو، ڪيترائي منظر سندس سامهون اچن ٿا. ڪنهن کان نفرت هوندي اٿس ته لوڏو ڦيرائي ٻئي پاسي هليو ويندو آهي. ڪنهن سان سڪ جو سڳو هوندو اٿس ته ان جون راهون پيون تڪيندو آهي، جڏهن ته جيل ۾ ماڻهو جي مرضي ڪسجي ويندي آهي. ان جي چرپر محدود ڪئي ويندي آهي. اتان

جي ڪل ڪائنات ۾ چار قيدي، ۽ چار پهريدار، ڪجهه ڪوليون، ڪجهه ديوارون، هڪ اڌ وڻ، هڪ ٻه نورئيڙا، اڌ درجن ڪرڙيون ۽ ڪجهه ڪانءَ ۽ ٻيا پکي هوندا آهن. جن ۾ مهينن تہ ڇا سالن ۾ بہ ڪا تبديلي ڪانہ ايندي آهي. مونکي ان ننڍڙي دنيا ۾ فيض صاحب سان گڏ مسلسل چار سال رهڻ جو موقعو مليو آهي!

ان تعارف کان پوءِ ميجر اسحاق جي ان مضمون ۾ وڌيڪ ڪنهن تعارف جي ڪا گنجائش باقي نہ ٿي رهي، ڇاڪاڻ تہ فيض صاحب جي جيل وارن ڏينهن جي باري ۾، اهو اڪين ڏٺو احوال آهي. ان مضمون ۾ هن فيض صاحب جي ڪجهہ نظمن جو پسمنظر بہ بيان ڪيو آهي، جنهن ڪري هن مضمون جي اهميت اڃا بہ وڌي وڃي ٿي.

هن مضمون پڙهڻ کان پوءِ اکين جي سامهون اُهي سمورا منظر ڦرن ٿا، جيئن ڪنهن فلم جي منظرن وانگر مٽبا رهن ٿا. جيڪي فيض صاحب جي آڏو آيا، ڪهڙي ڪوليءَ ۾ هو قيد هئا؟ ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو ساڻس گڏ هئا؟ صبح جي نيرن هو ڪٿي ۽ ڪيئن ڪندو هو؟ منجهند ڪيئن گذاريندو هو ۽ شام جو ڇا ڇا ٿيندو هو. مطلب تہ اهڙا ننڍا ننڍا واقعا بہ ان مضمون ۾ پڙهڻ لاءِ ملن ٿا. اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ فيض مٿان ڪهڙو نظم ڪڏهن آمد ٿيو. سندس ساٿي ان جي ڪهڙي ۽ ڪيئن آجيان ڪندا هئا. ميجر اسحاق هڪ هنڌ لکي ٿو تہ:

’شعر جو عالم طاري ٿيندو هوس تہ هو خاموش ٿي ويندو هو. البت اٿندي، ويهندي جهونگاريندو رهندو هو. ٿورو جهونگارڻ کان پوءِ هيڏانهن هوڏانهن نظر وجهندو هو. اسان سمجهي وٺندا هئاسين تہ ڪيس ٻڌندڙن جي ضرورت آهي. پوءِ اسان پاڻ ۾ سس پس ڪرڻ ڪانپوءِ موقعي جي نسبت سان گرو نانڪ ديوجي جي ڀاءُ بالا ۽ مرداڻي وانگر شاعر جي حضوري ۾ حاضر ٿيندا هئاسين. هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون چوري پوءِ ڪانئس شاعري جي فرمائش ڪندا هئاسين. ڪيس چوندا هئاسين تہ ڪافي عرصو گذري ويو آهي، ماڻهو ڇا چوندا وغيره وغيره

جيڪڏهن نظم يا غزل تيار هوندو ته ان جو هڪ به بند
پڌائڻ پسند ڪندو هو ورنه چوندو هو ته اتي هليا وڃو. اسان
سمجهي ويندا هئاسين ته ان انڪار ۾ اقرار لڪل آهي ۽
سندس سيني ۾ ڪجهه پڌائڻ لاءِ آهي. پوءِ سندس موڊ جو
انتظار ڪندا هئاسين.

ميجر اسحاق جي هن مضمون مان اها به خبر پئي ٿي ته جيل ۾ ڪڏهن ڪڏهن طرحي مشاعرا به ٿيندا هئا. جن ۾ فيض صاحب باقاعدگيءَ سان حصو وٺندو هو. اڄڪلهه جا قافيوگر شاعر طرحي مشاعرن کي سٺو نٿا سمجهن. بلڪ هاڻي اها روايت تقريباً ختم ٿي وئي آهي، پر انهن کي ڏسڻ گهرجي ته ڪيئن نه فيض صاحب طرح مصرعه تي خوبصورت ۽ دل ۾ گهر ڪندڙ غزل چيا آهن. مثلاً : *ذکر مرغان گرفتار کروں یا نہ کروں۔ آج کیوں مشہور ہے ہر ایک دیوانے کا نام۔ دیکھناوہ نگہ ناز کہاں ٹھہری ہے۔ وگرنہ ہم تو توقع زیادہ رکھتے ہیں۔ وہیں ہے دل کے قرائین تمام کہتے ہیں وغیرہ۔*

ميجر اسحاق مزاج مطابق فيض جي شاعريءَ کي چئن حصن ۾ ورهايو آهي، پهريون حصو سرگوڌا ۽ لائل پور (فيصل آباد) قيد تنهائي جو آهي. ٻيو حصو حيدرآباد جيل جو آهي. جتي کيس ڪجهه قدر اطمينان هو. سندس شاعرانه مزاج جو ٽيون حصو اهو آهي. جڏهن هو ٿورو عرصو ڪراچي جيل ۾ هو. هتي به کيس ٿورو گهڻو آرام ۽ آزادي ميسر هئي. جڏهن ته چوٿون دور ساهيوال (منٽگومري) وارو دور آهي، هتي کيس قيد جو شديد احساس هو. ميجر ان جو سبب اهو ڄاڻايو آهي ته پهرين ته هو حيدرآباد جي جيل وارن دوستن کي ڏاڍو ياد ڪندو هو. سندن جدائي کي شدت سان محسوس ڪندو هو. ان جو ٻيو سبب اهو به هو ته کيس جلد آزاد ٿيڻ جي اميد به ختم ٿي چڪي هئي.

مطلب ته ان مضمون ۾ ميجر اسحاق جيڪا معلومات مهيا ڪئي آهي، ان سان فيض جي قيد واري شاعري کي سمجهڻ ۾ ڪافي مدد ملي ٿي. ان حوالي سان هن مضمون جي مطالعي کي فيض جي فن ۽ فڪر کي سمجهڻ ۾ خاص اهميت حاصل آهي.

---

• ميجر اسحاق جو هي مضمون "*زندان نامه*" مڪتبه ڪاروان، لاهور 1956 ۾ ڇپيو.

# فيض احمد فيض جون ڪجهہ پاسا

1960 ۾ مئي جي سخت گرمين ۾ اله آباد (انديا) ۾ ہہ يادگار مشاعرا ڪوٺايا ويا. هڪ جو روح روان فراق گورکپوري هو تہ ٻئي جو منتظم سجاد ظهير هو.

انهن مشاعرن ۾ ساحر لڌيانوي، جان نثار اختر ۽ ان دور جي ٻين اهم شاعرن سان گڏ، پاڪستان مان فيض احمد فيض بہ شامل هو. انهن ڏينهن ۾، شميم حنفي اله آباد يونيورسٽي ۾ هڪ شاگرد هو. هو بہ هڪ سنجيدہ سامع جي حيثيت سان مشاعرن ۾ شريڪ هو ۽ پوري مشاعري جي منظرن کي اکين ۾ محفوظ ڪندو رهيو. هن فيض کي ٻڌو، فيض کي ڏٺو ۽ ان جي باري ۾ راءِ قائم ڪئي ۽ اهي تاثرات سندس ذهن تي نقش ٿي ويا. اها سموري ڪٿا هن پنهنجي مضمون جي پهرين حصي ۾، ڏاڍي دلچسپ انداز ۾ بيان ڪئي آهي.

فيض جون ڳالهيون لکندي لکندي، سندس ذهن هڪ سال اڳ آله آباد يونيورسٽي جي اردو شعبي ۾ آيل هڪ مهمان طرف هليو ويو. ان جو نالو يانمارڪ هو ۽ سندس تعلق چيڪو سلواڪيا سان هو. اهو بہ فيض جي چاهيندڙن مان هڪ هو. ملاقات ۾ ان نوجوان مارڪ کان ڪيئي سوال ڪيا، جنهن جي جواب ۾ مارڪ ڪيس ٻڌايو تہ سندس خيال ۾ اقبال کان پوءِ فيض ئي اردوءَ جو وڏو شاعر آهي ۽ يقيناً اهو سندس ٻيو نمبر پسند جو شاعر آهي. شميم حنفي ڪانئس پسنديدگيءَ جو سبب پڇيو تہ مارڪ وڏي سوچ ويچار کان پوءِ ان جو جواب ڏنو، جنهن کي هن ان مضمون جو حصو بنايو آهي. سندس مطابق مارڪ ڪيس ٻڌايو هو تہ:

’فيض جو شعور جاگرافيائي حدن جو پابند نہ آهي.
سندس آواز اسان سيني کي پنهنجو آواز لڳندو آهي، بنهہ
پنهنجو. ان سان گڏ، فيض جن قدرن جو ترجمان آهي، اسان
بہ انهن قدرن کي پسند ڪيو ن ٿا. اهي قدر اسان جو آئڊيل
آهن. ان کان علاوه فيض جي ڪلام ۾ جيڪا موسيقيت
۽ ترنم آهي، ۽ جيڪو سوز آهي، اهو مونکي تمام گهڻو
پسند آهي.‘

شميم حنفي جي ان تاثراتي مضمون ۾ ڪجهہ يادون ڪجهہ ڳالهيون ۽ ڪجهہ انٽرويو جو انگ بہ شامل آهي. ان مختصر مضمون جو دائرو پنجن سالن تي پکڙيل آهي، جنهن جا ڪيئي پاسا آهن. ان جو خوبصورت حصو اهو آهي، جيڪو هن پروفيسر احتشام حسين سان فيض جي باري ۾ ڪيل پنهنجين ڳالهين سان سينگاريو آهي ۽ اهو حصو سگهارو پڻ آهي.

هي زمانو هندستان ۾ جديديت جي گمراهين جي اوج جو زمانو هو. اهڙي صورتحال ۾ نوجوان شميم حنفيءَ پروفيسر احتشام جهڙي مجيل ترقي پسند نقاد کان فيض جي شاعري جي باري ۾، ڏاڍا تکا منا سوال ڪيا. مثلاً: فيض جي مقبوليت جو بنيادي سبب ڪهڙو آهي؟ جڏهن ان جي حواب ۾ احتشام صاحب ڪيس سندس وابستگي ترقي پسند تحريڪ سان ٻڌائي تہ هن موٽ ۾ وري ڪانٽس سوال ڪيو:

’فيض کان هتي ڪري، اسان جي ڪيترن ئي شاعرن
پاڻ کي ترقي پسند تحريڪ سان ڪجهہ وڌيڪ شدت سان
واڳي چڏيو آهي. پوءِ بہ ڪين فيض جهڙي مقبوليت نہ ملي
سگهي آهي، پلا ان جو ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو؟‘

احتشام صاحب ان جو جواب فيض جي شاعريءَ ۾ جيڪا ڪلاسيڪيت ۽ ان سان گڏ رومانيت جا جيڪي عنصر آهن، انهن جي روشنيءَ ۾ ڏيئي ٿو. شميم حنفي پنهنجي سوالن جي جوابن مان مطمئن هجي يا نہ پر سندس ذهن ۾ ايندڙ سوالن جو هڪ سلسلو آهي، جيڪو اڳتي وڌندو رهي ٿو ۽ احتشام صاحب انهن جا جواب نهايت مفڪرانہ ۽ دانشوراڻي انداز ۾ ڏيندو رهي ٿو. اتي اها ڳالهہ بہ ذهن نشين هئڻ گهرجي تہ اهڙي گفتگو ۾ جواب

ڏيندڙ سان گڏ. سوال ڪندڙ جي اهليت ۽ سوچ کي به داد ڏيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته سوال ئي ذهن کوليندا آهن.

شميم حنفي فيض جي شاعري بابت ڪيترائي بنيادي سوال پڇيا. مثلاً فيض نظم به لکيا آهن ته غزل به چيا آهن، انهن ۾ خاص فرق ڪهڙو آهي؟ ڇا ڪنهن هڪ صنف کي وڌيڪ اهميت ملي آهي يا ٻنهي ۾ هن پنهنجي تخليقي جوهر جو ڀرپور استعمال ڪيو آهي ۽ ڇا هو ان ۾ ڪامياب به ويو آهي؟ فيض جي حوالي سان خاص طور ان جي درد ڀرئي لهجي جو سبب سندس مير تقي مير کان متاثر هئڻ ڇيو ويندو آهي، پر فيض مير جي ڀيٽ ۾ سودا جي وڌيڪ تعريف ڪئي آهي، ته شميم حنفي جي دل ۾ احتشام صاحب کان ان بابت ڪجهه پڇڻ جي خواهش به پيدا ٿي ۽ اهو به ته فيض صاحب ان وقت پنجاهه سالن جو ٿي ويو هو. سندس مستقبل جي باري ۾ به ڪيترائي سوال ڪيا پئي ويا! ۽ اهو خدشو ڏيکاريو پئي ويو ته سندس بي پناهه مقبوليت جي ڦوڪٽي مان اوچتو هوا ته نه نڪري ويندي. حقيقت ۾ اهي اهم ۽ بنيادي سوال هئا، جيڪي ضرور ڪرڻ گهربا هئا. انهن سوالن لاءِ هن احتشام صاحب جهڙي علمي شخصيت جي چونڊ ڪئي ۽ سندس خيالن کان پڙهندڙن کي آگاهه ڪيو. شميم صاحب جيڪي سوال ڪيا، اُهي ان دور جي مسئلن سان جڙيل هئا ۽ انهن ۾ سني ڳالهه اها هئي ته اُهي سوال محض رسمي نه هئا. انهن جي پويان ڪجهه ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش لڪل هئي، جنهن سبب ان مضمون اهميت اختيار ڪئي.

---

• پروفيسر شميم جو هي مضمون 'افڪار فيض نمبر' مڪتبہ افڪار، ڪراچي 1964 ۾ ڇپيو.

# فيض: هڪ پياري عظيم شخصيت

فيض صاحب جي شخصيت جي باري ۾ لکيل اڪثر مضمونن ۾ سندس دوستن جو ڪافي ذڪر ملي ٿو. هو نوجوان دوستن سان بيپناهہ محبت ڪندو هو. انهن ۾ هڪ نالو ملڪ راج آنند جو بہ هو. ملڪ راج آنند پنهنجي هڪ مضمون ۾ فيض سان پنهنجي ملاقاتن سان گڏ، ساڻس ادبي گفتگو بابت بہ لکيو آهي. ملڪ راج جيئن تہ بنيادي طور انگريزي ناول نگار هو ۽ انگريزي زبان ۾ ئي لکندو هو، انڪري هي مضمون بہ هن انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيو هو، جنهن کي 'افڪار' جي ايڊيٽر صهبا لکنوي سيد رضا ڪاظمي کان ترجمو ڪرائي 'افڪار' جي 'فيض نمبر' ۾ شامل ڪيو هو.

فيض صاحب سان سندس تعلقات ڪافي پراڻا هئا ۽ انهن لاڳاپن جو مکيہ ذريعو تاثير صاحب هو. پر اڳتي هلي سندس لاڳاپا ڊاڪٽر تاثير بجاءِ فيض سان وڌيڪ گهرا ٿي ويا. ملڪ راج آنند فيض تي لکندي، ان مضمون ۾ ڊاڪٽر تاثير جي باري ۾ بہ پنهنجي آزاد راءِ جو اظهار ڪيو آهي. هو لکي ٿو تہ:

> "مون ڊاڪٽر تاثير کي هميشه مصالحت پسند ۽ غير متوازن ڏٺو. مونکي اندازو ٿي ويو تہ اُهي ماڻهو جيڪي ڪوڙ تي ٻڌل پنهنجو شان شوڪت قائم رکڻ چاهين ٿا، وقت سان گڏ سندن نالو نيشان بہ باقي نٿو رهي. چاڪاڻ تہ ديوتا انسانن جي تمام ويجهو رهن ٿا ۽ انهن تي ڪڙي نظر رکن ٿا."

مضمون جي شروعات ۾ ئي هن ڊاڪٽر تاثير جي گهر تي فيض سان

ٽيل پنهنجي ملاقات جو ذڪر نهايت خوبصورت انداز ۾ ڪيو آهي. هي ملاقات امرتسر ۾ ٿي، جتي هو تقريباً ڏهه ٻارنهن سال وطن کان ٻاهر گذارڻ کان پوءِ ڊاڪٽر تاثير سان ملڻ لاءِ ويو هو. جتي اتفاق سان سندس ملاقات فيض صاحب سان ٿي ويئي. ان ملاقات ۾ جيڪو ادبي مسئلو بحث هيٺ آيو، اهو ادب ۾ رؤايت بابت هو. ملڪ آنند جو خيال هو تہ جلد يا دير سان، هندستاني شاعري پنهنجي روايتي ٻنڌڻن کي ٽوڙي آزاد ٿي ويندي، جڏهن تہ فيض ان خيال سان بلڪل سهمت نہ هو. آنند فيض کي قائل نہ ڪري سگهيو، جنهن جو کيس شديد احساس هو. هو لکي ٿو:

> 'فيض جيڪو خاموش طبع ۽ سنجيده هو. جنهن ان وقت تائين پنجاب کان ٻاهر جو سفر بہ نہ ڪيو هو، مان کيس ڪيئن ٻڌايان تہ سندس چوڌاري هڪ وسيع دنيا ڦهليل آهي. اهڙي دنيا جنهن کي اڃا ڳوليو نہ ويو آهي، ان دنيا جي وڏي حصي ۾ ڏک درد پکڙيو پيو آهي . اها دنيا ستايل آهي ۽ تباهي جي ڪناري تي بيٺل آهي. ان ڳالهہ جي باوجود مونکي ان ڳالهہ جو احساس هو تہ فيض جهڙن شاعرن لاءِ غزل يا نظم سان عشق يا وابستگي هڪ قسم جي آرادر پسندي آهي.'

ملڪ راج آنند جي ان مضمون مان خبر پئي ٿي تہ شروع کان وٺي فيض صاحب پنهنجو هڪ موقف رکندڙ هو. هو ڪنهن جي چوڻ تي پنهنجي فڪر جي انداز کي تبديل ڪونہ ڪندو هو. جيستائين پاڻ غور ويچار کان پوءِ ان راءِ جو قائل نہ ٿي وڃي. ان مان اها بہ خبر پئي ٿي تہ فيض صاحب کي پنهنجي ادبي روايتن جو ڪيتري قدر خيال هو. هو ان دائري ۾ رهندي، پنهنجو ادبي سفر جاري رکڻ گهرندو هو.

اها ڳالهہ جيڪا ملڪ راج آنند چئي آهي تہ غزل يا نظم سان عشق سهل پسندي آهي، تہ ان ۾ ڪنهن حد تائين سچائي ٿي سگهي ٿي. پر انهن جي تخليق ۾ جيڪو خون جگر ڏيڻو پئي ٿو، اها ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. فيض پنهنجن غزلن يا نظمن ۾ دل جو خون ڏنو آهي، تڏهن وڃي سندس شاعريءَ جي گلستان ۾ اهڙو بهار آيو آهي.

هڪ ئي ڳالهه جنهن جو ذڪر هن مضمون ۾ ڪيو ويو آهي، اها دنيا جي مظلومن ۽ مجبور انسانن جي زندگي کي بهتر بنائڻ بابت آهي. امرتسر واري ان ملاقات کانپوءِ خود راج آنند محسوس ڪيو ته فيض جي شاعري هڪ فرد جي ذاتي واردات کان نڪري سيني انسانن جي ڏک درد کي پنهنجي اندر سموهڻ جو هنر سکي ويئي آهي. فيض جي شاعري ۽ شخصيت جي ان رخ ملڪ آنند کي، جيڪو پاڻ به ترقي پسند ذهن جو مالڪ هو، فيص سان اڃا به وڌيڪ ويجهو ڪري ڇڏيو ۽ اهو تعلق فيض جي زندگي جي آخري پساهن تائين برقرار رهيو. ان مضمون ۾ ملڪ راج آنند انهي تعلق جي حوالي سان فيض کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو آهي.

پهرين ملاقات ۾، هڪ موقعي تي آنند صاحب پنهنجي پسند جي شاعر اقبال جي حوالي سان ڪا ڳالهه ڇوري ڇاڪاڻ ته هو اقبال جي خيالن ۽ فڪر کان گهڻو متاثر هو، بلڪ هن ان ڳالهه جو به اقرار ڪيو ته اقبال جي ڪري ئي سندس فلسفي ڏانهن لاڙو ٿيو ته فيض کيس فوراً چيو ته اقبال به ته روايت جو حامي شاعر هو. ۽ جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته عمر سان گڏ اقبال ۾ روايت پسندي وڌندي رهي. ملڪ آنند به هار نه مڃي ۽ وراڻيو ته ُمان اقبال جي شاعري جي ان دور ڏانهن اشارو ڪيان ٿو. جڏهن هو شاندار ماضي جي ٻيهر واپسي لاءِ اسلام جي طرف متوجهه نه ٿيو هو، هن پنهنجي ڳالهه ان نڪتي تي ختم ڪئي هئي ته مان ان اقبال کي جيڪو ’بانگ درا‘ جو ڳولاهو آهي. ان مسافر شاعر تي ترجيح ڏيان ٿو. جيڪو پنهنجي منزل تي پهچي چڪو آهي. بهرحال مان گوئٽي کي اقبال تي ترجيح ڏيان ٿو. هاڻي مضمون مان هرگز خبر نٿي پوي ته فيض صاحب کيس ان ڳالهه جو ڪهڙو جواب ڏنو هوندو، پر جيڪي فيض کي سمجهن ٿا. انهن وٽ ان جو جواب موجود هجڻ گهرجي.

---

• ملڪ راج آنند جو هي مضمون ’افڪار فيض نمبر‘ مڪتبه افڪار ڪراچي 1964 ۾ ڇپيو.

# ’نقش فريادي‘ هڪ مطالعو

فيض جي شاعري جي مجموعي پسمنظر ۾، 1972 ۾ لکيل ان مضمون ۾، پروفيسر سحر انصاري ’نقش فريادي‘ کي نہ صرف فيض جو بلڪ جديد اردو شاعري جو هڪ سنگ ميل قرار ڏنو آهي. سندس خيال ۾ جيڪا شاعري ’نقش فريادي‘ ۾ پيش ڪئي ويئي آهي، ان جو انداز، ان جو شعري اسلوب ۽ ان ۾ پيش ڪيل مضمون ڪجهہ اهڙي طرح منفرد آهن، جو فيض ان وقت تائين شايع ٿيندڙ پنهنجي ڪنهن مجموعي ۾ اها ڳالهہ نہ چئي آهي. پر ان سان گڏوگڏ هن اهو بہ چيو تہ فيض جي هر نئين مجموعي تي سندس مخالف اڪثر اهو اعتراض ڪندا آهن تہ سندس هر نئين شعري مجموعي ۾ اها ڳالهہ نہ آهي، جيڪا ’نقش فريادي‘ ۾ آهي، تہ ان سان هن اتفاق نہ ڪيو. (هونئن بہ اهڙي قسم جي تنقيد ۾ فيض صاحب اڪيلو عتاب ۾ نہ آيو آهي، اسان وٽ تنقيد ۾ گهٽي قدر ائين ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن جي اهميت کي گهٽائڻو هوندو آهي تہ فوراً فتويٰ ڏئي ڇڏيندا آهيون تہ هن مضمون، گيت، غزل ۾ اها ڳالهہ نہ آهي، جيڪا ان کان پهرين واري ۾ هئي) سحر انصاري ان ڪري ان نقط نظر سان سهمت نہ ٿيو، جو سندس خيال ۾ ’نقش فريادي‘ ۾ هڪ اجتهادي رنگ هو. ان ڪري اڪثر ماڻهو ان اجتهادي رنگ مان ذوڪو ڪائي وچن ٿا. سندس اها بہ راءِ هئي تہ پوءِ شايع ٿيندڙ مجموعن ۾ پڻ ساڳي ڳالهہ ورجائي وئي آهي پر اُهي حقيقت ۾ اجتهادي حيثيت نہ ٿا رکن. جيڪڏهن هر مجموعو هڪ اجتهادي شان نٿو رکي تہ ان سبب انهن مجموعن کي ڪنهن بہ ريت گهٽ نٿو ليکي سگهجي.

’نقش فريادي‘ جي مطالعي ۾، هن غالب جي شاعريءَ کي بہ سامهون رکيو آهي. سحر صاحب چئي ٿو تہ فيض تي غالب جو وڏو اثر آهي پر ان جو اظهار ’نقش فريادي‘ جي نسبت سندس ٻين شعري مجموعن ۾ وڌيڪ آهي. البت ’نقش فريادي‘ ۾ ان جو ٻج پئجي چڪو هو. دليل طور سڀ کان پهريائين هن ”نقش فريادي“ جي ترڪيب کي ئي پيش ڪيو آهي تہ فيض ان کي پنهنجي دور جي انسان جي سماجي ۽ داخلي ڪشمڪش ۽ ڏاڍ جو استعارو بنايو آهي. ان سلسلي ۾ هن فيض جي ڪافي شعرن کي غالب جي شعرن سان ملائي پيش ڪيو آهي تہ جيئن سندس ڳالهہ جي وضاحت ٿي سگهي. هو ان نتيجي تي پهتو آهي تہ غالب هجي يا مير، سودا هجي يا مصحفي، انهن سڀني جي خيالن جو نچوڙ فيض پيش ڪيو آهي. پر اهو ايئن آهي تہ ان مشق ۾ سندس پنهنجو رنگ ڍنگ ۽ نرالو لهجو بنجي ويو آهي، جيڪو مڪمل طور فيض جو پنهنجو اسلوب آهي.

موضوع جي لحاظ کان هن ’نقش فريادي‘ کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي. يعني پهريون حصو عشقيہ شاعري، پر سندس ان شاعريءَ ۾ بہ روايتي غزل کان انحراف جا نمونا ملن ٿا. تنهنڪري هن فيض جي مختلف غزلن جو بہ حوالو ڏنو آهي. سحر انصاري بہ ٻين عام ماڻهن جيان فيض کي روماني شاعر قرار ڏنو آهي. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ فيض جي همعصرن ۾ تہ ٻيا بہ ڪيترائي روماني شاعر هئا، تہ آخر فيض کي ئي ايڏي اهميت ڇو؟ پهرين ڳالهہ تہ هن اها ڪئي تہ ان دور جي ڪيترن ئي رومان پسند شاعرن تي اختر شيراني جا اثر ملن ٿا، پر فيض تي اهي اثر ٻي نوعيت جا هئا:

> ’فيض جي شاعري ان رومان کان الڳ آهي، جنهن کي شيراني عام ڪيو هو. ان جي رومانيت تي مغرب جو اثر چانيل نظر اچي ٿو. راشد وٽ رومان جو اهو تصور شروع ۾ نظر اچي ٿو. جنهن جي شروعات اختر شيراني ڪئي هئي. مثلاً: ’ماورا‘ ۾ سندس اهو نظم جنهن جي مصرعہ آهي: ”خورشید وماه وانجم میری محبت جواں رہے گی۔“ راشد ’ماورا‘ ۾ هيئت جا تجربا ڪيا آهن. پر ان جو مزاج جديد نہ آهي. ’نقش فريادي‘ ۾ فيض هيئت جا تجربا گهٽ ڪيا آهن. پر ان

جو شعري رَويو جديد ۽ تازو آهي.'

اڳتي هلي سحر انصاري جديد ۽ تازي رَوئي جي نشاندهي ڪندي فيض جي ڪيترن ئي نظمن جا حوالا ڏنا آهن. جن ۾ *'آخری خط'، 'حسینۂ خیال سے'، 'سرود شبانہ'، 'سرود'* ۽ *'یاس'* وغيره شامل آهن.

نقش فريادي جي ٻئي حصي جي باري ۾ هن ڪافي يقين سان چيو آهي ته ان ٻئي حصي مان ئي دعويٰ جو دليل ملي ٿو. ته فيض جو اهو مجموعو جديد شاعري جي دنيا ۾ هڪ اجتهاد جو مقام رکي ٿو ۽ ان جو آغاز *'مجھ سے پہلی سی محبت میرے محبوب نہ مانگ'* کان ٿئي ٿو. ان کان پوءِ سحر انصاري *'نقش فریادی'* جي ٻين حصن جي تقريباً سيني اهم نظمن جو تجزيو ڪندي، اهو ٻڌايو آهي ته آخر آخر ۾ فيض جديد مغربي شاعريءَ کان متاثر ٿيندو رهيو. ان طرح جا خيال ۽ مضمون ته ترقي پسندانه ئي رهيا پر شعرن جي اسلوب ۾ جديد مغربي شاعري جي جهلڪ نمايان رهي. سحر انصاري ان پسمنظر ۾ ترقي پسندي ۽ جديديت کي هڪ ٻئي جو مخالف نه سمجهيو آهي، بلڪه وٽس:

> "علامت نگاري يا جديدت جي ٻين اسلوبن کان ڪم وٺندي يا شاعري جي جديد هيئتن ۽ صنفن کي استعمال ڪندي ترقي پسند ۽ با مقصد شاعري ڪري سگهجي ٿي."

انهن معنائن ۾ هو فيض کي جديد ترقي پسند شاعر سمجهي ٿو، ۽ جديديت کي دراصل ترقي پسندي جي توسيع قرار ڏئي ٿو ۽ نقش فريادي کي ان جو هڪ بهترين شروعاتي مثال قرار ڏئي ٿو.

---

• پروفيسر سحر انصاري جو هي مضمون *"متاع لوح قلم"* مڪتبه دانيال ڪراچي 1981 ۾ ڇپيو.

# 'نسخہ ہائے وفا' تائین

# رات جون محفلون

فيض جن ڏينهن ۾، آخري پيرو پنهنجي جلاوطني وارن ڏينهن ۾ هندستان ويو هو، انهن ڏينهن ۾ قرة العين هي مضمون لکيو هو. پنهنجي ناولن وانگر قرة العين حيدر صاحبہ جي مضمون جو ڪينواس بہ وسيع آهي، بلڪ ڪٿي ڪٿي تہ ان تي ناول جي ڪنهن گوشي جو گمان نظر اچي ٿو. خاص طرح انهن هنڌن تي، جتي هوءَ ان جي سماجي پسمنظر جو ذڪر ڪري ٿي. مثلاً:

’پارڪ سائيڊ نارٿ ڦرول باغ ۾ چاچي مشتاق احمد زاهدي جي پرواري گهر ۾ ليفٽيننٽ ڪرنل فيض پنهنجي ولائتي گهر واري سان گڏ رهندو هو. چاچي زاهدي وٽ وڏي چمار وارو نواب سائل دهلوي اچي تخت تي خاموش ويهندو آهي. جڻ تہ هڪ طرف گذريل دور جو آخري يادگار ۽ ٻئي طرف جديد دور جو نمائندو. پارڪ جي ٻئي طرف ڊاڪٽر سليم الزمان صديقي ۽ ڪجهہ وکن تي ريلوي جو ظهير شمسي، ٻنهي جون جرمن گهرواريون آچر تي چاچي زاهدي جو پٽ اڪبر نور الدين احمد بئريسٽر پنهنجي گهرواري سميت. نهر سعادت خان وٽان اچي، ٽيئي بيگمات پاڻ ڪچهريون ڪنديون هيون. خاص طور مسز سليم الزمان صديقي ۽ مسز نور الدين احمد. پر هڪ ڏينهن پارڪ ۾ پسار ڪندي مارگريٽ شمسي آهستي هوريان چيو تہ هي انگريز اسان جا دشمن آهن. اسان جي

ملڪ کي برباد ڪري رهيا آهن. ان زماني ۾ يورپ ۾ وڏي جنگ هلي رهي هئي. هلاڪو خان هاڻي هٽلر جي روپ ۾ ظاهر ٿيو هو ۽ ڪرنل فيض احمد فيض پنهنجي برطانوي مخالف رَويي جي باوجود برطانوي وردي پهري. فسطائيت جي خلاف انگريزن جي مدد ڪري رهيو هو. اها ان وقت جي پارٽي پاليسي هئي ۽ اها ڪانگريسي قوم پرستن جي پاليسي کان مختلف هئي.'

اهڙن ئي مختلف واقعن سان قرة العين حيدر پنهنجي مضمون جو سٽاء رکيو هو. دراصل هوءَ فيض تي لکڻ کان اڳ هڪ پورو منظر تيار ڪندي هئي، ته جيئن معلوم ٿي سگهي ته فيض پنهنجي آخري ڏينهن ۾ جيئن هو. ان جا ڪهڙا ڪارڻ هئا. اهي ڪهڙا سبب هئا. جن فيض کي فيض ٺاهيو. ڊڪيل لفظن ۾ هن ثابت ڪرڻ تي گهريو ته سياڳو پٽ پينگهي ۾ پڌرو. هن اها ڳالهه زور ڏيندي چئي آهي ته هي دور فيض جو دور آهي. جيئن ته هر دور پنهنجي ڪنهن شاعر جي سبب سڃاتو ويندو آهي، ان ڪري فيض کي سمجهڻ لاءِ ان دور کي ۽ ان دؤر کي سمجهڻ لاءِ فيض کي سمجهڻ تمام ضروري آهي. هن صحيح چيو ته هي دور فيض جي '*نقش فریادی*' کان تسلسل ۾ هلي رهيو آهي. ان ڪري هن ان مضمون ۾، ان ماحول جو ذڪر چڱي تفصيل سان ڪيو آهي، جيڪو فيض جي اپار ۾ مددگار ثابت ٿيو. اهو ئي سبب آهي جو ڪٿي ڪٿي هن ديگهه کان به ڪم ورتو آهي، پر پوءِ به هن فيض جي شخصيت کي سامهون ضرور رکيو آهي.

فيض جي باري ۾ لکڻ کان اڳ، هن سڀ کان پهريائين پنجاب ۽ پنجاب وارن ماڻهن بابت تفصيل سان روشني وڌي آهي. ان حوالي سان بنيادي سوال به اٿاريا آهن. مثلاً جيڪڏهن پاڪستان جي جاگرافيائي حدن تي نظر وجهندي اهو سوال ڪجي ته آخر پشتو، بلوچي ۽ سنڌي جي علائقن ۾ اردوءَ جا وڏا شاعر ڇو نه پيدا ٿيا يا لکنو ۽ دهلي جي بجاءِ لاهور اردو ادب ۽ صحافت جي راڄڌاني ڪيئن بڻي؟ ته قرة العين حيدر جي خيال مطابق پنجاب دراصل برطانوي فتح کان پوءِ تمام تيزي سان جديد دور ۾ داخل ٿي ويو هو. جڏهن ته اتر هندستان جا بيا علائقا ان تبديليءَ کي ذهني طور پوري طرح قبول نه ڪري

سگهيا هئا. قرت العين حيدر ان پسمنظر ۾ لکيو آهي تہ انگريزن جي دور حڪومت ۾ پنجاب وارن جي اندر جي سوچ ظاهر ٿيڻ شروع ٿي هئي. ان لحاظ کان ان کي نندي ڪند جو امريڪن چئي سگهجي ٿو. قرت العين افسوس ڪيو آهي تہ غير پنجابي،پنجاب جي انهيءَ ڪلر فل ۽ طاقتور ڪلچر کي صحيح طرح سمجهي نہ سگهيا آهن. جنهن کي هوءَ 'پنجابي پرشين سڪ ڪلچر' جو نالو ڏئي ٿي. قرت العين پنجاب جي ان خوبصورت، صحتمند ۽ خوش رنگ تهذيبي پسمنظر ۾ فيض جي شاعري ۽ شخصيت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

قرت العين ان مضمون ۾ اهو سوال بہ اٿاريو آهي تہ آخر فيض پنهنجي اظهار لاءِ اردوءَ کي ڇو ترجيح ڏني! ان جي جواب لاءِ ڪيس انگريزن جي لساني پاليسيءَ تي بہ نظر وجهڻي پئي. غدر کان پوءِ مسلم سوسائٽي جتي تهذيبي طور بااثر هئي، ان کي گهٽائڻ لاءِ انگريزن هڪ طرف اردو ۽ هنديءَ جو جهيڙو پيدا ڪيو تہ ٻئي صوبي ۾ اردو کي روزگار جو وسيلو بڻايو. جهڙي طرح انهن يو پي، آگره ۽ اوڌ کان تجربي وارا آفيسر پنجاب ۾ آبپاشي نظام لاءِ موڪليا هئا، اهڙي طرح انهن اردو پڙهائڻ لاءِ بہ اتان پڙهيل لکيل اردو استاد موڪليا. اها پنجاب جي ذرخيز زمين هئي، جنهن ٿوري عرصي ۾ ٻئي اثر قبول ڪيا ۽ اتان علامہ اقبال جهڙو شاعر پيدا ٿيو. ان سان گڏوگڏ اعليٰ درجي جا هندو ۽ سک اديب ۽ شاعر پيدا ٿيا. اهو ئي پسمنظر آهي، جنهن ۾ فيض احمد فيض 1911 ۾ اک کولي ۽ علامہ اقبال کان پوءِ اردو زبان کي فيض جي صورت ۾ هڪ ٻيو جديد ۽ وڏو شاعر ملي ويو.

قرت العين حيدر ان مضمون ۾ . ڊاڪٽر ايوب مرزا جي ڪتاب '*ہم کہ ٹھہرے اجنبی*' جو خاص طور ذڪر ڪيو آهي ۽ ان کي هڪ مريد ۽ مرشد جي گفتگو قرار ڏنو آهي. بلڪ هڪ جاءِ تي ان کي 'ملفوظات حضرت فيض شاهہ جهان دوست' جي نالي سان بہ ياد ڪيو آهي. در اصل هن انهيءَ گفتگو کي نقل ڪندي، فيض صاحب جي زباني سندس سياسي، غير سياسي ۽ ادبي رجحانن ۽ موضوعن کي کوٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مطلب تہ کوڙ سارا اهڙا سوال جيڪي هن جي ذهن ۾ هئا يا فيض جي باري ۾ ڪيا ويندا هئا، انهن مان ڪجهہ اهم جواب هن ان مضمون ۾ ڏنا آهن.

فيض جي شاعري جا اثر جيڪي سندس همعصر اديبن ۽ شاعرن تي پيا، هن ان موضوع تي پڻ لکيو آهي. ان سلسلي ۾، هن پنهنجي حوالي سان اهو اعلان ڪيو ته 'يہ داغ داغ اجالا' جي نالي سان، هن سڀ کان پهريان هڪ افسانو لکيو هو ۽ 'سفینہ غم دل' ۽ 'آخر شب کے ہم سفر' جا عنوان بہ هن فيض جي شاعريءَ کان متاثر ٿي لکيا هئا.

• قرت العين حيدر جو هي مضمون 'ادب لطیف 'فیض نمبر' جديد پريس لاهور، 1988 ۾ ڇپيو.

# فيض ۽ ٻيو ماڻهو

پروفيسر محمد حسن پنهنجي هن مضمون ۾، اهو سوال اٿاريو آهي ته ڇا ڪنهن شاعر يا غير شاعر لاءِ ٻئي ماڻهو جو هئڻ ضروري آهي، جيڪڏهن ضروري آهي ته سندس سڃاڻپ ڪيئن ٿي سگهندي؟ ان کان پوءِ هن ٻيو سوال اٿاريو ته آخر اسان فيض احمد فيض جي شاعريءَ ۾ ان ٻئي شخص جي ڳولا ڪٿان شروع ڪريون؟ محمد حسن صاحب جي خيال مطابق هر انسان لاءِ ٻئي ماڻهو جو هجڻ ضروري آهي. ان ٻئي ماڻهو جي وجود سان ئي زندگيءَ ۾ مزو آهي. ان ڪري غالب جڏهن چيو هو ته غير جي مرڻ سان زندگي جو مزو ئي هليو ويو ته هن ڪجهه غلط به ڪونه چيو هو. ڪنهن شاعر لاءِ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جو وجود ان لاءِ به ضروري آهي ته هو ان جي اظهار جو وسيلو هوندو آهي. ان طرح ان ٻئي ماڻهو جي سڃاڻپ اهم ٿي ويندي آهي. ان ڪري پروفيسر محمد حسن پنهنجي ان مضمون ۾ سوال اٿاريو ته:

> ”ان ٻئي ماڻهو جي سڃاڻپ ڪيئن ٿئي؟ اهو ٻيو ماڻهو ڪير آهي؟ ڇا اهو ٻيو ماڻهو شاعر جو سماج آهي يا اهي روايتون، عقيدا، مثال، لفظ، استعارا ۽ علامتون آهن، جيڪي ڪيس ورثي ۾ مليل ٿيون. جيڪي خراب ۽ سٺيون به هجن ٿيون. اهي تاثر ۽ تعصب جيڪي پنهنجي دور، پنهنجي ملڪ، پنهنجي خاندان ۽ پنهنجي ماءُ جي وسيلي اسان تائين پهچن ٿا.“

پروفيسر محمد حسن جي چواڻي شاعري ۽ فن ۾ بنيادي تضاد

فراهم ڪندڙ عنصر ٿي پيو ماڻهو آهي. جنهن کي اسان محبوب جو نالو به ڏيئي سگهون ٿا ۽ رقيب جو نالو به ڏئي سگهون ٿا يا اسان ان کي سماج به چئي سگهون ٿا. ان طرح ڏٺو وڃي ته پروفيسر محمد حسن جي چواڻي فيض جي شاعري ۾ اهو پيو ماڻهو 'درد' جي صورت ۾ اڀري ٿو.

ان جي ابتدائي شاعري ۾ جيڪا 'نقش فريادی' جو پهريون حصو آهي، ان ۾ اهو درد هڪ رومانی خواهش طور اڀري ٿو. اتي ڪنهن جي نه ملڻ جو ڏک آهي ته ڪنهن کي حاصل ڪرڻ جي تمنا آهي. ڪنهن جي جستجو آهي. اهي شيون بظاهر ذاتي يا وارداتي به نظر اچن ٿيون پر گهٽي قدر اهي ڏک واري احساس جو دل کي ڇهندڙ هڪ اعليٰ معيار آهي. اڳتي هلي جيئن جيئن ان جي شعور ترقي ڪئي ته هن ان درد سان گڏ. سماج جي ڏک کي به پنهنجي ڏک سان ملائي ڇڏيو. ان جي نتيجي ۾ وٽس شاعريءَ ۾ به درد هڪ سياسي نظرئي جي علامت بنجي اڀري ٿو. پر پوءِ خاص طور قيد ۽ بند جي تڪليفن ڪان پوءِ سندس شاعري جو هڪ نئون دور شروع ٿئي ٿو. ان دور جي آئيني ۾ محمد حسن چواڻي ٻئي ماڻهوءَ جي صورت وڌيڪ چٽي نظر اچي ٿي:

> "اهو ماڻهو محبوب نه پر درد جو ساٿي بلڪ گڏيل ڏک سان واڳيل آهي. ان درد جو هڪ حصو شاعر جو به مقدر آهي ۽ اهو گڏيل درد جو احساس ڪرب سان گڏ خوشيءَ جي پڻ هڪ عنصر کي شامل ڪري ٿو ته ڏک جي ان گڏيل زنجير کي ٽوڙڻ جي ڪو پيو به ڪوشش ڪري ٿو. اها زنجير ٻين کي به ٻڌي ڇڏي ٿي. ۽ ان زنجير جي ٽٽڻ سان، انساني ارتقا جو هڪ نئون دروازو کلندو. اهو ڏک جي رشتي جو هڪ نئون احساس جيڪو نشاط ۽ ڪرب ٻنهي سان واڳيل آهي، جنهن ۾ انتهائي ذلت ۽ انتهائي فخر ٻئي ٿا ملن."

فيض وٽ اهو ڏک جو گڏيل رشتو جنهن احساس سان اڀريو آهي، ان کيس ذات کان مٿي سوچڻ جو موقعو فراهم ڪيو آهي ۽ اهڙي طرح سندس شاعري ماڻهن جي دلين ۾ گهر ڪندي وئي. اهو گڏيل درد جيڪو سندس لاءِ ٻئي ماڻهوءَ جي سوغات آهي، ان کي هڪ اهڙو آئينو به ڏنو آهي، جنهن ۾ هو

بئي ماڻهوءَ کي ڏسي سگهي ٿو. ان بئي ماڻهو جي ڏک کي پنهنجي ڏک سان ملائڻ واري عمل کيس انفرادي زندگي کي اجتماعيت جي حسن سان همڪنار ڪيو آهي. اهڙي صورت ۾ جڏهن بئي ماڻهوءَ جو ڏک ڪنهن ڦرمار واري سماج جو ڏک هجي ته پوءِ ان کي تبديل ڪرڻ جي جستجو ۾ جيڪو ڏک ملندو آهي، اهو به اثر انگيز هوندو آهي. انهيءَ لحاظ کان فيض جي شاعري پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن کي هڪ عجيب دل کي وڻندڙ ڪيفيت سان روشناس ڪرائي ٿي.

بئي ماڻهو جي ڪري زندگي جهنم به ٿي سگهي ٿي ته جنت به. پر اهو سڀ ڪجهه پاڻ تي ڇڏيل هوندو آهي. فيض بئي ماڻهو جيڪو سماج جو ناسور هو، ان جي درد جي دوا ڳولهي ۽ سڄي زندگي انهن قوتن خلاف فڪري سطح تي جنگ وڙهندو رهيو. ان جي نتيجي ۾، هن جيڪي ڏک ڏاکڙا ڏٺا، اهي پوري انسانيت جا ڏک هئا. ان طرح فيض وٽ ٻيو ماڻهو جيڪو پوري انسانيت جو درد بڻجي ظاهر ٿئي ٿو، هميشه ان سان گڏ گڏ رهي ٿو. ان ڪري هو غالب جيان شڪايت نه ٿو ڪري ته *'لذت زيست گئی غیر کے مرجانے سے'* فيض وٽ ان بئي ماڻهوءَ جو وجود جهنم نه پر جنت جو سامان مهيا ڪري ٿو. پروفيسر محمد حسن ان بئي ماڻهو جي وجود کي شاعر يا غير شاعر بڻجڻ لاءِ اهم قرار ڏنو آهي. ۽ پنهنجي مضمون جي شروعات ۾ هن سارتر جي هڪ ڊرامي 'نو ايگزٽ' (No Exit) جي ڪردار جو ڊائلاگ نقل ڪيو آهي، جنهن ۾ هو بئي ماڻهو کي *'جہنم'* قرار ڏئي ٿو. پر محمد حسن ان کي هڪ طرفو فيصلو ڪوٺيو آهي. هو سمجهي ٿو ته ٻيو ماڻهو هڪ شاعر لاءِ اظهار جو وسيلو به هوندو آهي. ۽ ان انداز سان هن فيض جي شاعري ۾ ان بئي ماڻهو يا بئي ڪردار جي ڳولا جي ڪوشش ڪئي آهي.

---

• پروفيسر محمد حسن جو هي مضمون *'فیض کے مغربی حوالے'* جنگ پبلشرس لاهور 1993 ۾ ڇپيو.

# فيض جو جمالياتي احساس

پروفيسر گوپي چند نارنگ پنهنجي ان مضمون ۾، فيض صاحب جي شاعريءَ ۾ جمالياتي احساس جي مختلف رخن جو جائزو ورتو آهي. سندس چوڻ آهي تہ شاعر جو جمالياتي نظام ئي سندس معنوي نظام جي توسيع واري شڪل آهي.

هن پنهنجي ڳالهہ ان اصول سان شروع ڪئي آهي تہ تخليقڪار جي اهميت، جو تعين ڪرڻ ۾ وقت کي وڏي اهميت حاصل آهي. ان ڪري ڪيترائي اهڙا شاعر جن کي پنهنجي ناقدريءَ جي شڪايت هئي، ايندڙ وقتن کين پنهنجي وقت کان بہ وڌيڪ اهميت ڏني ۽ ڪيترن ئي ليکڪن کي وقت ڌڪاري ڇڏيو. اقبال کانپوءِ فيض جو آواز پنهنجي دور تي ڇانيل رهيو. اهو ان ڪري ممڪن ٿيو جو:

'هن اظهار جا نوان پيمانا جوڙيا. هزارين لفظن ۽ محاورن کي روايتي معنيٰ کان هٽي ڪري نوان مفهوم ۽ انداز ڏنا . اهي نوان انداز ۽ معنوي رخ فيض جا پنهنجا آهن.'

نارنگ صاحب ان مضمون جي شروع ۾ ئي پنهنجي موقف جو واضح اعلان ڪيو تہ اهڙي تنقيد جيڪا نظرئي يا موضوع تي آڌار ڪري ٿي، پر اظهار جي نون رخن ۽ فني پيمانن تي نظر نٿي رکي، اها فيض جي لطيف سخن جي رازن کي پروڙي نٿي سگهي. ان ڪري ترقي پسند نقطہ نظر کان پاسو ڪندي، پروفيسر نارنگ ان پنهنجي تفصيلي ۽ فڪر انگريز مضمون ۾ فيض صاحب جي زندگي واري نظرئي يا ان جي شاعري جي موضوع

بلڪل بحث نہ ڪيو آهي. سندس سڄو زور ان تي آهي تہ فيض وٽ جيڪا نرمي، دل آويزي، ڪشش، جاذبيت آهي، لطف، اثر ۽ دردمندي وارو جيڪو ماحول آهي، اهو ڪهڙن سببن ڪري پيدا ٿئي ٿو. اها تلاش ڪيس فيض جي شاعري جي فني رخن ڏانهن وٺي وڃي ٿي. ان جي وضاحت هن مختصر لفظن ۾ هيئنئن ڪئي آهي تہ:

"فني لوازمات اسٽرڪچرلزم جا اهي پهلو آهن، جيڪي تخليقي اظهار جي مٿين سطح يعني صرف زبان يا هيئيت مان نہ پر ان جي داخلي سطح يعني معنيٰ واري نظام سان بحث ڪن ٿا."

نارنگ صاحب پنهنجي ان نظرئي جي روشنيءَ ۾ فيض جي شاعري جي تجزيو ڪيو آهي. اردو جي عشقيہ شاعري عاشق، معشوق ۽ رقيب جي ٽمورتي جي چوگرد ڦرندي آهي. ابتدا ۾ تہ اها ٽمورتي صرف ۽ صرف حسن ۽ جمال جي چوڌاري ڦرندي هئي، پوءِ آهستي آهستي ان ۾ معنوي رنگ بہ نظر اچڻ لڳا. جن ۾ صوفيانہ رنگ بہ ڇيو ويو ۽ ويهين صدي جي اچڻ سان ان ۾ سياسي ۽ سماجي رنگ بہ شامل ٿي ويا. پروفيسر نارنگ جي چوڻ مطابق فيض جي عاشقانہ شاعريءَ ۾ معنوي سطح تي اهي ٽئي رنگ نظر اچن ٿا. ان دلچسپ مطالعي جي حوالي سان هن فيض جي هڪ نظم '*ملاقات*' سان پنهنجي ڳالهہ جي شروعات ڪئي آهي. رات ۽ ان جي ضد ۾ صبح جو تصور صديون پراڻو آهي، پر جهڙي ريت فيض اردو جي عشقيہ شاعريءَ ۾ انهي روايت کي آندو آهي، ان سان نہ صرف فيض پر اردو شاعري ۾ بہ نئون رنگ اچي ويو آهي. ان نظم جو تجزيو فيض صاحب فني ترڪيب جي حوالي سان ڪيو آهي ۽ نظم جي مختلف حصن کي الڳ الڳ ڪري، ان جي معنوي حسن کي پيش ڪيو آهي.

فيض صاحب جي شاعري ۾ شروع کان ئي عشقيہ روايتن جو عنصر نمايان نظر اچي ٿو پر '*نقش فريادی*' جي ٻئي حصي کان جتان سندس انقلابي سفر جي شروعات ٿئي ٿي، اتان ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ سندس جمالياتي عنصرن ۾ ڪمي ڏسجي ٿي. اهڙن خيالن جي نارنگ صاحب سخت لفظن ۾ نفي ڪندي چيو آهي تہ منهنجي نظر ۾ اهو سلسلو '*نقش فريادی*'، '*دستِ*

صبا' ۽ 'زندان نامہ' کان شروع ٿئي ٿو، جيڪو آخري مجموعن تائين هلي ٿو. پوءِ هن فيض جي سيني مجموعن مان سندس ڪلام جو حوالو ڏيندي، ان ڳالهہ جي دليلن سان وضاحت ڪئي آهي.

ان مضمون ۾ هن ٻين ڪيترن ماڻهن جي چيل ان ڳالهہ جي تصديق ڪئي آهي تہ فيض جو فڪر تہ انقلابي رهيو پر سندس شعري اسلوب انقلابي نہ آهي. هتي بهرحال هڪ سوال ضرور پيدا ٿو ٿئي تہ انقلابي فڪر، انقلابي اسلوب کان سواءِ ڪيئن ٿو پيدا ٿئي؟ فيض جيڪڏهن هڪ شاعر هو ۽ هڪ انقلابي شاعر هو تہ سندس شعري آهنگ بہ انقلابي هجڻ گهرجي. ها البت اهو ضرور آهي تہ 'رجزخوانی' ئي انقلابي آهنگ نہ آهي، جيئن ڪن ماڻهن فرض ڪري ورتو آهي. انقلابي آهنگ ۾ پنهنجو هڪ اندروني جمالياتي رنگ هوندو آهي. جيڪڏهن سندس لئہ تيز هوندي آهي تہ هو آهستي هلڻ جو سليقو بہ پنهنجي اندر رکندو آهي ۽ فيض جهڙي انقلابي شاعر وٽ ٻئي رنگ، ملن ٿا.

نارنگ صاحب ان مضمون ۾ فيض جي ڪيترن ئي نظمن جي معنوي ماحول کي ڳولي ورتو آهي پر سڀ کان پهريائين جنهن مضمون کي هن پنهنجي موضوع جي ويجهو محسوس ڪيو اهو 'زندان نامہ' جو هڪ نظم 'ملاقات' آهي. هن ان جو تجزيو ڪندي چيو آهي تہ بظاهر اهو نظم رات جي استعاري سان شروع ٿئي ٿو. ان کان پوءِ ان جا لاڳاپيل استعارا صبح ۽ روشني وغيره آيل آهن تہ شاعري ۾ اها ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي. پر فيض جو ڪمال اهو آهي تہ هن ان جي اظهار ۾ هڪ نواڻ پيدا ڪئي آهي. رات کي درد جو درخت چوڻ يقينن هڪ نواڻ آهي. پوءِ ان نواڻ کي جنهن انداز سان نظم ۾ اڳتي وڌائي ٿو، اهو يقينن بيان جو بهتر سليقو ۽ اظهار تي پوري اختيار جو چٽو مثال آهي.

---

• پروفيسر گوپي چند جو هي مضمون 'ادبی تنقید اور اسلوب' ايجوڪيشنل پبلشنگ هائوس دهلي 1989 ۾ ڇپيو.

# فيض جا ٻه عشق

مضمون جي عنوان وانگر پروفيسر قمر رئيس جو هي مضمون ٻه ڀڱن حصن تي مشتمل آهي. مضمون جي پهرئين حصي ۾ هن فيض جي ان عشق جي کوج لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن کي سندس نوجوانيءَ جو پهريون جسماني عشق سمجهڻ گهرجي. جڏهن ته ٻئي حصي ۾ ان عشق جي وضاحت آهي، جنهن کي سندس فڪري يا موضوعاتي عشق چوڻ گهرجي.

هي عنوان فيض جي مشهور نظم 'دو عشق' تان ورتل آهي. جنهن ۾ فيض دراصل پنهنجي ٻن رَوين يا ٻن نظرين جي طرف اشارو ڪيو آهي. ان جو اهو مطلب هرگز نه آهي ته هن نارازي جي هڪ پڙ ۾ . پهريون عشق ۽ ٻئي پڙ ۾ ٻيو عشق رکيو ۽، پوءِ انکي سيني جي سامهون رکيو آهي. جسماني محبت ڪير نٿو ڪري! اسان مان هرڪو زندگي جي ڪنهن نه ڪنهن موڙ تي عشق ڪري ٿو. ڪٿي گهٽ ته ڪٿي وڌ! فيض اهو هرگز نه چيو آهي ته ڪو هن صرف ٻه عشق ڪيا آهن يعني هڪ جسماني ٻيو فڪري. فيض ته حقيقت ۾ ٻن رَوين جي ڳالهه ڪئي آهي. پر الائي ڇو ماڻهن سندس ٻن عشقن واري ڳالهه کي هڪ ۽ هڪ برابر ٻه عشق ڪري ڇڏيو آهي. پوءِ پهرين عشق جي تشريح ڪرڻ وينا. پروفيسر رئيس به ايئن ئي ڪيو آهي. سندس سوال اهو آهي ته:

> فيض جو اهو پهريون عشق ڪهڙي حسينه سان ٿيو ۽ ڪهڙي زماني ۾ ٿيو؟ اسان جي مشرقي شاعري جي اها روايت رهي آهي ته اصل معشوق جا ڪي به پتا پار ڪونه

جهلڪ امرتسر ۾ ڏسي فيض سندس ديوانو ٿي ويو هو. حميد نسيم به امرتسر ۾ ايلس سان ملاقات ۽ انجي عشق ۾ فنا ٿيڻ جو ذڪر ڪيو آهي. هڪ حوالو ته خود قمر رئيس به ڏنو آهي 'ہم کہ ٹھرے اجنبی' غزل ڪنهن لاءِ چيو هو.

ته مٿي ڏنل سيني حوالن کان پوءِ ان ڳالهه جي گنجائش گهٽ رهي ٿي ته ڪو ايئن چوي ته فيض يا ان جي ڪنهن دوست فيض جي پهرين عشق جي باري ۾ ڪجهه نه ٻڌايو آهي. بلڪ ايتري ساري تفصيل ڄاڻڻ کان پوءِ ته اها ڳالهه اجا به واضح ٿي وڃي ٿي ته سندس جسماني يا طبعي عشق جو تعداد گهٽ ۾ گهٽ هڪ کان مٿي هو.

منهنجي خيال ۾ جڏهن فيض پنهنجي نظم جو موضوع 'دو عشق' رکيو هو ته ان مان پهرين عشق جو مطلب هڪ جسماني عشق هرگز نه هو. بلڪ اهو حسن ۽ جمال جو هڪ رويو هو. جيڪو انجي سموري شاعريءَ ۽ پوري زندگي ۾ روان دوان هو. جنهن جو اعتراف ڪندي، هن پنهنجي هڪ شعري مجموعي. 'دست ته سنگ' جو انتساب 'حسن آفاق، جمالِ لب و رخسار کے نام' ڪيو هو ۽ ٻيو عشق سندس اهو فڪري رجحان هو. جيڪو 'ڪميونزم' جي نظرئي حيات سان لاڳاپيل هو. جنهن جو اظهار هن 'نقش فریادی' ۾ 'دلے بفروختم جانے خریدم' چئي ڪيو آهي. فيض جي شاعري انهن ٻن وڏين فڪري ڌارئن جي وچ مان ٿيندي گذري ٿي.

پروفيسر قمر رئيس فيض جي ٻنهين عشقن جي سلسلي ۾ اها ڳالهه زور ڏئي چئي آهي ته پهرين عشق ۾ ناڪامي کانپوءِ هن 'غم' کي ڳلي لڳايو. اهڙي طرح سندس ڏک ۽ درد پوري انسانيت جي ڏک ۽ درد سان ملي ويو. هن مضمون جي ٻئي حصي ۾، فيض جي انقلابي شاعري، سندس جيل جا تجربا ۽ سندس سياسي نظرين، سندس ترقي پسند خيالن کي فيض جي شاعري جي حوالن سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

پرفيسر قمر رئيس پنهنجي مضمون جي ٻئي حصي ۾ فيض جي ٻئي عشق جي باري ۾ ڪجهه هن طرح نقشو چٽيو آهي ته 'انجي شروعات ته پنهنجي سماج جي ڏک سورن وندڻ سان يعني گڏيل هندستان جي سماجي ۽ سياسي حالتن جي پسمنظر ۾، پوءِ وري نئين ملڪ پاڪستان ۾ سياسي جبر ۽ قيد بند جي نتيجي ۾' ٻيو عشق اپري آيو. پر ان جي تڪميل فلسطيني

آزادي پسندن جي جدوجهد سان عملي وابستگي کان پوءِ ٿي. هتي سندس عشق جون سرحدون سجي آسمان تي ڦهليل نظر اچن ٿيون.

- پروفيسر قمر رئيس جو هي مضمون 'فیض احمد فیض تنقیدی جائزہ' مرتب: خليق انجم، انجمن ترقي اردو نئي دهلي 1985 ۾ ڇپيو.

# فيض: هڪ جائزو

باقر مهدي هي مضمون تڏهن لکيو هو، جڏهن فيض صاحب جا اجا رڳو ٽي شعري مجموعا شايع ٿيا هئا. مضمون جي شروعات هن 1967 ۾ جامع مليہ جي سلور جوبلي جي هڪ جلسي سان ڪئي آهي، جنهن ۾ گانڌي ۽ جناح صاحب ٻئي سياسي ليڊر ڊاڪٽر ذاڪر حسين جي دعوت ۾ شريڪ ٿيا هئا. ليکڪ بہ ان ۾ شامل هو. (جڏهن تہ هن اهو ٻڌائڻ مناسب ناهي سمجهيو تہ هو ڪهڙي حيثيت ۾ شريڪ ٿيو هو.) شام جو مشاعرو هو، جنهن ۾ سندس چوڻ مطابق فيض صاحب هڪ چسو نظم پڙهيو، جنهن جو عنوان "سياسي ليڊر جي نانءُ" هو. پهرين ڳالهہ تہ گانڌي ۽ جناح صاحب ان ۾ شريڪ نہ ٿيا هئا تہ اها ڳالهہ ٻڌائي هو پڙهندڙن تي رعب وجهڻ جي ڪوشش ڇو پيو ڪري! ٻي ڳالهہ تہ جيڪڏهن ڪنهن مشاعري ۾ شاعر کي داد نٿو ملي تہ ان مان ڪيئن ٿو ثابت ٿئي تہ اهو نظم ڪمزور هو. ان جي پهرين پيراگراف پڙهڻ سان ئي ڪراهت محسوس ٿئي ٿي. آخري پيراگراف ۾ بہ اهڙي هام هڻندي لکي ٿو تہ:

> 'اج جي نسل ۽ فيض جي وچ ۾ فاصلو وڌندو پيو وڃي. سندن وچ ۾ هڪ سمنڊ اچي چڪو آهي. اها وقت جي وير آهي، جنهن مٿان بند ٻڌڻ تہ ناممڪن آهي پر اجا بہ فيض جو آواز ڪنن کي سنو لڳي ٿو.'

غنيمت آهي تہ 60 واري ڏهاڪي ۾ بہ ڪيس فيض جو آواز وڻي ٿو. هڪ ٻي ڳالهہ جيڪا فيض جي هر پڙهندڙ کي آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي وڃي ٿي. اها هي آهي تہ باقر مهدي فيض جي شاعريءَ جو جائزو وٺڻ بجاءِ

پنهنجي هر اٿوٽندڙ شخصيت جا ڇوڏا لاٿا آهن. ان سلسلي ۾ سندس پهريون هدف سردار جعفري آهي، جيڪو پنهنجي دور ۾ هندستان ۾ ترقي پسند ادب جو نمائنده شاعر هو.

'صبح آزادي' واري نظم ۾ سندس راءِ کي لوئيندي، انڪشاف تو ڪري ته فيض کي 'لينن انعام' ڏياري سردار جعفري پنهنجي سيني غلطين جو ازالو ڪري ڇڏيو. هاڻي باقر مهدي کي اها خبر ڪنهن ڏني، ان جي هن وضاحت به ڪانه ڪئي آهي. اها ڳالهه ته اردو ادب جي روسي ماهرن ڊاڪٽر لدميلا وسي ليوا، ڊاڪٽر انا سودردا يا ڊاڪٽر سخا چوف به ڪتي ڪانه لکي آهي. هڪ ٻئي هنڌ سردار جعفري ۽ فيض تي چوهه چنڊينڊي لکي ٿو ته:

> 'دستِ صبا' جي اشاعت تائين فيض جو طرز سخن پنهنجو انداز بنجي چڪو هو، افسوس جو وقت اهو سچو فريب خود ختم ڪري ڇڏيو ۽ نئين نسل جا شاعر هڪ عرصي کان فيض جي اثر کان نڪري ويا آهن. پر ٻئي طرف ستم ظريفي ڏسو جو سردار جعفري جي اڪثر نون نظمن تي فيض جو اثر وڌندو پيو وڃي.

پنهنجي ڪتاب ترقي پسند ادب ۾ عزيز احمد فيض جي شاعريءَ کي رومان ۽ انقلاب جي ميلاپ تي ٻيڻل لکيو هو. 'هي ڳالهه جيئن ته ترقي پسند اديب چئي آهي، انڪري ڪائنس هضم نه ٿي سگهي. فوراً فتويٰ ڏئي ڇڏيائين ته:

> 'عزيز احمد جي ڪنهن ڳالهه کي سنجيدگي سان قبول نه ڪرڻ گهرجي. هو هر رنگ ۾ پنهنجو ڪرتب ڏيکاريندو آهي. سندس چوڻ مان ائين ٿو لڳي ته سڀ ترقي پسند اهو گهرن ٿا ته فيض هڪ جوشيلي انقلابي جي روپ ۾ اپري اچي، پر فيض لاءِ اهو ممڪن نه هو. فيض ڪوشش به ڪئي ته هو قوالي (سر مقتل) کان اڳتي وڌي نه سگهيو.'

هن خدا ڪارڻ فيض جي حوالي سان، ڊاڪٽر وزير آغا جو به قرض لاهي ڇڏايو ۽ ترقي پسندن مٿان به هڪ وار ڪري ڇڏيو. جيڪو ان مضمون

جو بنيادي مقصد هو. لکي ٿو ته وزير آغا فيض کي ’انجماد‘ جو مثال ڏيئي پنهنجو پرم به وڃائي ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته:

’جيڪڏهن هو غير جانبدار ٿي فيض جو مطالعو ڪري ها ۽ ڪيس مثالن ۾ بند ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪري ها ته اهڙي بيمقصد نتيجي تي نه پهچي ها. (وزير آغا جي ان مضمون جو جواب محترم اثر لکنوي ڏنو هو. ڪنهن ترقي پسند نه ڏنو هو.) فيض جو دائرو محدود رهيو آهي ۽ اها ڪا افسوس جي ڳالهه نه آهي، هو هر موضوع تي ڪامياب نظم نٿو لکي سگهي ۽ اها به ڪا خامي نه آهي. وزير جي عقلمندي جي انتها اها آهي ته هن راجا مهدي علي خان جي تعريف ڪئي آهي ۽ فيض جي مذمت ڪئي آهي

اهڙن ئي بيانن سان اهو مضمون پربو پيو آهي، جيڪو بهرحال غور ڪرڻ جهڙو آهي. ان مان خبر پئي ٿي ته ان دور ۾ ترقي پسند ادب خلاف ڪيترو نه زهر اوڳا ڇيو ويندو هو. ها، فيض جي مقبوليت سبب ڪنهن هڪ نظم جي تعريف ڪئي ته بعد ۾ سندس پنجن ٻين نظمن جي نندا ڪري ڇڏي. وڌيڪ ڪجهه مثال ڏسو.

”نقش فریادی“ جي اشاعت کي ڪي 25 سال گذري ويا آهن. ان جا ڪافي نظم پنهنجو جو ٻن وڃائي چڪا آهن.“ هاڻي باقر مهدي ۽ انجي پارٽي کي ڪير ٻڌائي ته فيض جي وفات کي به 25 سالن کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي، پر پوءِ به سندس شاعري ۾ ساڳيو جاه و جلال آهي. هڪ ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

’فيض جي مذمر لئي، آهستي سان، بلڪل دل جي ڌڙڪنن وانگر هيٺ مٿي ٿيندڙ آواز، چند لمحن لاءِ جادو جاڳائي ٿو. اها ڳالهه البت سندس مشهور نظمن: *مجھ سے پہلی سی محبت میرے محبوب نہ مانگ*‘، ’*سوچ*‘ ’*چندروز میری جان*‘ ۽ ’*بول*‘ ۾ نه آهي. اهي نظم پنهنجي دور جا مقبول ترين نظم شمار ٿيندا هئا. ۽ ترقي پسند شاعري ۾ انهن جو وڏو عمل

دخل هو. پر اڄ اهي پنهنجو اوج وڃائي چڪا آهن ۽ هاڻي
اُهي سطحي نظر اچي رهيا آهن. اهي جيتوڻيڪ اڄ به ڪار
آمد نظر آهن. پر افسوس جو 'مفيد شيون' جلد پنهنجو
قدر ۽ قيمت وڃائي ويهنديون آهن!

مطلب ته هن مضمون ۾ . باقر مهدي پنهنجي ليکي فيض جا چوڏا لاهڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. پر سندس تعريف ڪرڻ به سندس مجبوري نظر اچي ٿي. ڇاڪاڻ ته پنهنجي ساک بچائڻ لاءِ ڪيس فيض شناسيءَ لاءِ ڪجھ نه ڪجھ ته ڪرڻو هو. سو دل تي پٿر رکي ڪٿي ڪٿي فيض جي ڪجھ نظمن ۽ غزلن جي ساراھ به ڪئي اٿس.

---

• باقر مهدي جو هي مضمون ڪتاب 'فيض عکس اور جهتيں' مرتب شاهد ماهلي. بڪ سروس دهلي 1978 ۾ ڇپيو.

# فيض جو ادبي تصور

ڊاڪٽر سليم اختر پنهنجي هن مضمون ۾، فيض جي ادبي تصور کي سندس مضمونن جي مجموعي ’ميزان‘ جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ’ميزان‘ تنقيدي مضمونن جو اهو مجموعو آهي، جيڪو پهريون ڀيرو 1960 ۾ شايع ٿيو هو. فيض پنهنجي ان مجموعي کي چئن حصن ۾ ورهايو هو. پهرين ۽ ٻئي حصي ۾ ادبي ۽ نظرياتي مسئلن بابت مضمون آهن. ٽئين حصي ۾ پراڻن شاعرن، اديبن ۽ سندن ڪمن جي باري ۾ مضمون ڏنل آهن. جڏهن ته چوٿين حصي ۾، هن ڪانئس ڪجهه سينئر ۽ پنهنجي همعصرن بابت راءِ جو اظهار ڪيو آهي. انهن مضمونن ۾ ڪٿي لڪل طور ته ڪٿي واضح طور ۽ ڪليل لفظن ۾ فيض صاحب شعر ۽ ادب تي بحث ڪيو آهي، جنهن بابت هن مضمون ۾ ڊاڪٽر سليم اختر اشارا ڪيا آهن.

ڊاڪٽر سليم اختر پنهنجي مضمون جي شروع ۾ ئي چيو آهي، ته بنيادي طور فيض صاحب هڪ شاعر هو ۽ هن نثر ۾ ڪو وڏو ڪم نه ڪيو آهي. البت ڪن ڪتابن جي پيش لفظن، مهاڳن، ڪنهن خط يا انٽرويو جي شڪل ۾ جيڪو نثر ملي ٿو، ان مان سندس ادب بابت سوچ جو اولڙو نظر اچي ٿو. پر انهن ۾ ڪا تفصيلي وضاحت نه ٿي ملي. جڏهن ته سندس مضمونن جو مجموعو ’ميزان‘ ان معيار تي پورو لهي ٿو. هن لکيو آهي ته:

> ’فيض صاحب پيشور نقاد نه هو. پر سمجهدار ۽ دانشور جي حيثيت ۾ هو زندگي، تاريخ، دور ۽ ادب جي باري ۾ مخصوص راءِ رکندو هو. زندگي ۽ ادب جي باري

۾ ترقي پسند تصورات جيڪي سندس شاعريءَ ۾ واضح آهن، اتي سندس تنقيدي مقالا منطقي دليلن سان ڀريا پيا آهن. ان حوالي سان فيض جي شاعري ۽ تنقيد سندس تخليقي شخصيت جا ٻه رخ آهن.

فيض جيئن ته هڪ ترقي پسند شاعر هو، ان ڪري سندس مضمونن جي مجموعي ۾، سندس پهرين مقالي جو عنوان به 'ادب جو ترقي پسند نظريو' آهي. ڊاڪٽر سليم اختر ان مضمون کي ترقي پسند ادب جي دفاع ۾ لکيو ويندڙ انتهائي اهم مضمون قرار ڏنو آهي ۽ ان جو تعلق انهن مضمونن سان ڳنڊيو آهي، جن ۾ اختر حسين راءِ پوري جو مضمون 'ادب اور انقلاب'، پروفيسر مجنون گورکپوري جو مقالو 'ادب اور زندگي' شامل آهن. هن خاص طور تي فيض جي انهيءَ نقطہ نظر کي واکاڻيو آهي ته قدرن ۽ ڪلچر جو تعلق ترقي پسنديءَ سان ڏاڍو گهرو آهي. هن جتي قدرن ۽ ڪلچر تي زور ڏنو آهي، اتي هن ترقي پسند بنيادن کي به مضبوط ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي آهي.

ڊاڪٽر سليم اختر فيض صاحب جي لکيل سيني مضمونن تي الڳ الڳ راءِ جو اظهار ڪيو آهي ۽ مضمون ۾ اهڙو ڪو رخ ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن سان فيض جي ادب بابت نظرئي جي وضاحت ٿئي ٿي ۽ هي اهو نظريو آهي، جيڪو ترقي پسند ادب جو نظريو آهي. ڪنهن به شاعر جي ادب بابت نظرئي کي نثري تناظر ۾ ڏنو وڃي ته پوءِ ڪنهن نه ڪنهن نتيجي تي اوس پهچجي ٿو. سوال اهو آهي ته فيض صاحب جي لکيل انهن مضمونن جي روشنيءَ ۾ ڪهڙي راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي. ان حوالي سان ڊاڪٽر سليم اختر فيض صاحب جي سيني مضمونن کي انهن جي تاريخي پسمنظر ۾ ڏٺو آهي. ۽ اهو نتيجو اخذ ڪيو آهي ته 'اهي مضمون اڄ به سوچڻ تي مجبور ڪن ٿا ۽ انهن مضمونن جي مطالعي مان اڄ به فڪر کي سگهه ملي سگهي ٿي.

هن فيض صاحب جي نثر نگاريءَ جو تجزيو ڪندي، سندس شخصيت جي اهم رخن جو ذڪر ڪيو آهي، سندس چوڻ اهو آهي ته:

'هڪ نقاد جي حيثيت ۾، فيض صاحب جو اسلوب سندس شخصيت جو مظهر آهي. وچٿرو، صلح پسندي،

انتها پسندي کان پاسو، راءِ جي اظهار ۾ چٽائي، مجموعي طور تڏو مزاج، اهي سڀ رخ ميزان جي مضمونن ۾ پڌرا پيا آهن. هن پنهنجي موقف کي بلڪل چٽو، پر منطقي دليلن سان پيش ڪيو آهي. هن هر ڳالهه لاءِ دليلن جو سهارو ورتو آهي. هن ڪڏهن به جارحاڻو انداز اختيار نه ڪيو آهي، جيتوڻيڪ هي مضمون هن ان دور ۾ لکيو جڏهن ترقي پسند تحريڪ تي ڇتي تنقيد ڪئي ويندي هئي، پوءِ به هن نرم لهجي ۾ دليلن سان پنهنجي ڳالهه بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، نه ڪنهن تي چٽر ڪئي ۽ نه وري ڪنهن تي ذاتي الزام مڙهيا. رڳو تڏي انداز ۾ ڳالهه ڪئي آهي:

ان طرح ڊاڪٽر سليم اختر فيض جي ئي لکيل مضمونن جي روشنيءَ ۾، نه صرف سندس شخصيت، پر سندس شاعري ۽ سندس مجموعي ادبي نظرين کي سمجهڻ لاءِ گهڻو مواد فراهم ڪيو آهي. ان سمجهاڻي جي روشنيءَ ۾ ان نقط نظر جي وڌيڪ وضاحت ٿئي ٿي ته فيض صرف پنهنجي شاعريءَ ۾ ئي نه پر پنهنجي گڏيل تخليقن جي روشنيءَ ۾ به هڪ بالغ ترقي پسند اديب هو، هن جتي هڪ طرف عالمي ادب جو مطالعو ڪيو هو، اتي پنهنجي زبان ۾ لکيو ويندڙ ادبي شهپارن جو به خوب مطالعو ڪيو هو. انڪري هن جي ڪنهن موضوع تي راءِ ڏيڻ وقت سندس موقف ۾ ڪو وڪڙ نظر نٿو اچي. جيئن هو سوچيندو هو، ان ريت راءِ بيان ڪرڻ ۾ ڪيس عبور حاصل هو، سندس مضمونن جو مجموعو 'ميزان' ان جو هڪ سٺو مثال آهي.

---

• ڊاڪٽر سليم اختر جو هي مضمون 'ادبيات فيض نمبر' اڪيڊمي ادبيات پاڪستان، اسلام آباد، 2009 ۾ ڇپيو.

# فيض جو ذهني سفر

پروفيسر عتيق احمد ان مضمون ۾ فيض جي ذهني سفر جو جائزو ورتو آهي. يعني 'نقش فريادي' کان 'نسخہ ہائے وفا' جي سموري ڪلام جو جائزو ورتو آهي. هن 'نقش فريادي' واري زماني کي سامهون رکي. اها ڳالهہ ڪئي آهي تہ ان دور ۾ فيض جا سڀ همعصر شاعر عشقيہ ۽ جذباتي شاعري ڪندا هئا. اها ڪا اهڙي خراب ڳالهہ بہ نہ هئي. ظاهر آهي تہ نوجواني واري دور ۾ هر ڪو شاعر ان طرح سوچيندو آهي، پر جنهن خاص ڳالهہ فيض کي صرف عشقيہ شاعري ڪرڻ کان بچايو، اهو سندس ضبط جو ڪمال هو. ان طرح وٽس هڪ توازن پيدا ٿيو. جيڪو هميشہ سندس شخصيت جو مک پهلو رهيو. هن عشقيہ ۽ جذباتي شاعري بہ ضرور ڪئي، پر خوبيءَ سان. هن جڏهن بہ اهڙي ڪا ڳالهہ ڪئي تہ فوراً سندس ذهن بازار حسن ۾ وڪرو ٿيندڙ جسمن جي نيلامي ۽ مختلف مرضن ۾ ورتل حسينائن طرف ويندو هو، حالانڪ هي اُهو زمانو هو، جڏهن سندس دوستن 'انگارے' جي اشاعت جو ڪم پنهنجي ليکي ڪيو هو.

پروفيسر عتيق احمد 'نقش فريادي' واري پيش لفظ جي پسمنظر ۾ اها ڳالهہ چئي آهي تہ ان پيش لفظ ۾ هڪ طرح معذرت وارو انداز آهي، ڇاڪاڻ تہ عملاً 1935 ۾ انجمن ترقي پسند تحريڪ سان وابستگي باوجود وٽس 1940 وارو مجموعي رجحان نہ ٿو ملي. ايئن بہ نہ هو تہ هو پنهنجي دوستن مان نظرياتي طور ڪو پوئتي رهيو هجي. فيض جي ان معذرت خواهانہ رَويي بابت پروفيسر عتيق احمد لکي ٿو تہ:

'اها حقيقت آهي تہ 'نقش فریادی' ۾ سندس بہ نظم 'رقیب سے' ۽ 'موضوع سخن' شامل نہ هجن ها تہ شايد فيض پنهنجي پهرئي ڪلام ڇپائڻ وقت، ان کان وڌيڪ تڪراري نظر اچي ها، جيترو هو ان پيش لفظ ۾ لڳي رهيو آهي'

'نقش فریادی' جي پيش لفظ مان پروفيسر عتيق احمد جو اهو نتيجو ڪڍڻ تہ جيڪڏهن ان ۾ بہ نظم نہ هجن ها، تہ شايد ان مجموعي ڇپائڻ جي نوبت بہ نہ اچي ها.' اسان جي خيال ۾ پروفيسر جو اهو نڪتو اعتراض جوڳو آهي. حقيقت ۾ فيض بنيادي طور انڪسار پسند شخص هو ۽ ان پيش لفظ ۾ بہ سندس نهٺائي نظر پئي اچي. ورنہ ان مجموعي ۾ صرف اهي بہ نظم نہ آهن، بلڪ 'سرودِ شبانہ'، 'تہ نجوم'، 'یاس'، 'آج کی رات'، 'مجھ سے پہلی سی محبت'، 'تنہائی'، 'چند روز مری جان'، 'کتے'، 'بول'، ۽ 'ہم لوگ' جهڙن خوبصورت نظمن سان گڏ. ڪيترائي سٺا غزل بہ شامل آهن ۽ انهن مان گهڻن کي اڄ بہ عام مقبوليت جي سند حاصل آهي، جڏهن تہ انهن نظمن جي سرجڻ کي تقريباً ستر سالن کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي.

فيض جي ٻئي شعري مجموعي 'دستِ صبا' کي پروفيسر عتيق فيض جي ذهني سفر جي واضح ارتقا سڏيو آهي. جنهن ۾ فيض پنهنجي منزل کان پوري طرح آگاهہ نظر اچي ٿو. فيض جنهن انقلاب ۽ رومان جي سنگم تي بيهي 'نقش فریادی' جي شاعري ڪئي هئي، هاڻي هو نئين راهہ تي هلي رهيو هو. ۽ سماجي احساس جي نتيجي ۾ 'صبح آزادی' جهڙا نظم در اصل سندس راہ کي اجا بہ واضح ڪن ٿا. 'زنداں نامہ' جي اشاعت کي پروفيسر عتيق پاڪستان ۾ منافقانہ روين جو زمانو ڪوٺيو آهي. هي اهو زمانو آهي، جڏهن اقتدار آهستي آهستي سياستدانن جي بجاءِ آفيسرن ۽ بيوروڪريسي جي هٿن ۾ وڃي رهيو هو، جنهن جو لازمي نتيجو ڪجهہ عرصي کان پوءِ ظاهر ٿيڻ وارو هو. پروفيسر عتيق جي چوڻ مطابق فيض جي ان دور واري شاعري جا اڪثر موضوع ان منافقت واري ماحول جي عڪاسي ڪن ٿا.

فيض جي ذهني سفر جي ارتقا ۾ هن، پاڪستان جي مستقل آمرانہ ماحول جي دخل کي بہ اهميت ڏني آهي. آمريت جي ان دور ۾ فيض جو تعلق عوام سان وڌيڪ گهرو ٿيندو ويو، جنهن کي پروفيسر عتيق احمد فيض جي

شاعري جو اهم سنگ ميل قرار ڏنو آهي. هن 'سروادئ سينا' جي ڪيترن ئي نظمن جي حوالي سان اهو ثابت ڪيو آهي ته ان دور ۾ جڏهن اقتدار ڏٽين خلاف چپ چورڻ تي به پابندي هئي ۽ هو ٿوري به تنقيد برداشت نه ڪري سگهندا هئا، ته ان دور ۾ به فيض مظلوم طبقي جي نمائندگي پنهنجي شاعريءَ وسيلي ڪئي.

فيض جي انهيءَ اميد پرست شاعريءَ ۾ به ڏک جو هڪ سمنڊ موجون ماريندي نظر اچي ٿو. 'هتان شهر کي ڏسو'، واري ڳالهه جڏهن فيض ڪئي هئي ته سندس سامهون ڪو هڪ شهر نه هو، بلڪ پوري ملڪ جو هڪ شهر هو. صرف اهو ئي نه بلڪ ان منظر ۾ ته ٽين دنيا جو پسمنظر نظر آيو ٿي. انڪري پروفيسر عتيق ان مضمون ۾ اڳ ئي ڪيئي پيرا ورجايل ڳالهه وري ورجائي آهي ته فيض صرف پاڪستان جو نه پر پوري ٽين دنيا جي مظلومن جو شاعر آهي.

پروفيسر عتيق جي ان مضمون ۾ اها به شڪايت ملي ٿي ته فيض جي ان ذهني سفر ۽ ارتقا کي هڪ گروهه طرفان لڪايو به وڃي ٿو. ۽ جتي به سندس نظرين جي ڳالهه اچي ٿي ته ان کي فيض جي نرم لهجي ۽ سندس انسان دوستي واري تصور کي هڪ روايتي تصور چئي ڪري. ٽاريو وڃي ٿو. جيڪا فيض جهڙي شاعر سان هڪ وڏي زيادتي آهي.

> 'فيض جي فڪر ۽ سندس ذهني رجحان جي آبياري ڪندڙ معيارن جي سطح تائين، سندس شاعري کي جيتري حد تائين سمجهي سگهجي ٿو، اهو ايترو ئي ممڪن آهي. جيترو سندس نرم لهجو، ڪلاسيڪي روايت جي پاسداري ۽ بنا رخ جي هلڪي ڦلڪي ترقي پسندي جي وصف بيان ڪئي وڃي ٿي. تعجب ان ڳالهه تي ٿئي ٿو ته فيض جي شاعريءَ جي حوالي سان، سندس ان غير منصفانه رَويي جي نشاندهي ڪرڻ نصيب نه ٿي ٿئي، جيڪا فيض جي تخليقي قوت جو سرچشمو آهي. فيض جي شاعري جي نظرياتي بيهڪ ۽ سچائي شايد فيض جي انهن تبصري نگارن کي راس نه ٿي اچي.'

فيض جي عربي ڄاڻ کي به پروفيسر عتيق ان مضمون ۾ واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ چيو آهي ته عربي شاعريءَ جو مزاج شناس هئڻ ڪري سندس روماني شاعري ۾ به رجز جو هڪ آهنگ ملي ٿو. جيڪو عربي شاعري جو هڪ نمايان حوالو آهي. ان سلسلي ۾ هن فيض جي ڪيترن ئي نظمن جا حوالا پڻ ڏنا آهن.

• پروفيسر عتيق جو اهو مضمو: 'فیض کی تخلیقی شخصیت' مرتب ڊاڪٽر طاهر تونسوي، سنگ ميل پبليڪيشن لاهور 1989 ۾ ڇپيو.

# فيض جو غزل ۾ مقام

غالب احمد، فيض جي غزلن تي گفتگو ڪندي، اردو غزل جي گذريل ٽن صدين جي پسمنظر تي ان مضمون ۾ تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. ان سلسلي ۾، هن پنهنجي استاد پروفيسر خواجه منظور حسين جي ڪتاب 'اردو غزل جو خارجي روپ ۽ بهروپ' کي بنياد بنائيندي، ان نظرئي کي ورجايو آهي ته غزل جو اهو روپ، جيڪو دراصل ان جو تخليقي روپ آهي، ان ۾ پنهنجي دور جي عڪاسي تمام سهڻي نموني ٿيل هوندي آهي ۽ ٻيون صنفون ان جي مقابلي ۾ نه ٿيون اچي سگهن. سندس خيال ۾ اهو سڀ ڪجهه تاريخي عمل جو نتيجو آهي، ڇاڪاڻ ته اردو غزل فارسي جي ادبي روين مان ظاهر ٿيو هو. پر ان نئدي ڪند جي ٻين زبانن جي ميلاپ سان هڪ نئون روپ اختيار ڪيو. هاڻي سندس اهو نئون رنگ ۽ روپ اردو غزل جو هڪ نمايان روپ آهي. ان کان سواءِ سڄي اردو شاعري بي نور نظر ايندي. اهو هڪ وڏو سرمايو آهي، جنهن جو هرحال ۾ پورو پورو خيال رکڻ گهرجي. هن مضمون ۾ غالب احمد اردو غزل جي تاريخي پسمنظر کي ٽن حصن ۾ ورهايو آهي: پهريون دور مير تقي مير کان غالب تائين. ٻيو دور غالب کان شروع ٿي حالي ۽ اقبال تائين اچي دنگ ڪري ٿو. جڏهن ته ٽئين دور ۾، غزل ۽ نظم جي وچ ۾، ڪشمڪش نظر اچي ٿي. جنهن جو اظهار فيض ۽ مجاز وٽ وڌيڪ نظر اچي ٿو. ان ڏس ۾ غالب احمد پنهنجي خيالن کي هن ريت بيان ڪري ٿو:

'غالب کان پوءِ داغ ۽ اقبال جي موجودگي باوجود غزل پنهنجي توانائي وڃائي ويهي ٿو. ڇاڪاڻ ته ڪابه

> نئين صنعت، نئون اسلوب ڪوششن جي باوجود ڪنهن شاعر تخليق ڪونہ ڪيو. جيڪو غم عشق ۽ غم روزگار سبب وڏندڙ وٿيءَ کي پري سگهي. غالب کان پوءِ ڪنهن بہ شاعر اهو ڪم سٺي نموني سرانجام نہ ڏنو. پر ان جي پيٽ ۾ فيض نظم کي اختيار ڪرڻ باوجود پنهنجي قلبي واردات جو ظاهري ۽ باطني رخ غزل طرف رکيو. انهيءَ حقيقت سان تي سگهي ٿو تہ ڪن ماڻهن کي تڪليف بہ رسندي هجي، تہ فيض پنهنجي ادبي تشخص جي حوالي سان، غزل گو شاعرئي چورائيندو. بهرحال غزل جي تاريخ ۾، فيض جو مقام اردو ادب ۾ غالب کان پوءِ اردو ادب جي پاهرين ۽ اندرين گهرجن سميت اسان جي هاڻوڪي زندگيءَ جي لوڏيندڙ دؤر ۾ نہ رڳو هڪ روشن مينار جي حيثيت رکي ٿو پر سندس قائم ڪيل نوان رخ ۽ رجحان اردو ادب ۾ جديد غزل جي لاءِ موقعا فراهم ڪندا.[2]

بنيادي طور فيض کي هڪ غزل گو شاعر قرار ڏيڻ ڪانپوءِ غالب احمد ان مضمون ۾، فيض جي غزل جا بہ ٽي دور مقرر ڪيا آهن. پهرين دور ۾، سندس چوائي فيض جي غزلن تي غالب ۽ اقبال جو رنگ نمايان نظر اچي ٿو. ان بابت هن 'نقش فريادي' مان مثال طور ڪي غزل پيش ڪيا آهن. جن مان ڪن تي غالب تہ ڪن تي اقبال جو رنگ نمايان نظر اچي ٿو. وري انهن ۾ ڪجهہ اهڙا بہ غزل آهن، جن ۾ ٻنهين جو رنگ نظر اچي ٿو. انهن غزلن مان ڪجهہ اهي آهن جن ۾ فيض غالب کان شعري شعور ۽ لفظن جي بندش جو سليقو سکيو آهي. تہ ٻئي پاسي اقبال کان شعور نفس ۽ شڪوه شڪايت جو بي ڌڙڪ اظهار سکيو آهي. ان کان پوءِ فيض وٽ تجديد غزل جو دور شروع ٿئي ٿو. جنهن ۾ ترقي پسند نقطہِ نظر سان وابستگي ۽ وطن سان محبت جي گهرائي نظر اچي ٿي. اتان ئي سندس غزل غالب ۽ اقبال جي روايت کان هٽي ڪري، هڪ نئون رستو اختيار ڪري ٿو. ۽ ٽئين دور تائين ايندي ايندي. فيض جو غزل پنهنجو الڳ ۽ منفرد رنگ اختيار ڪري ٿو. فيض جو اهو جديد غزل پنهنجي سياسي رنگ ڍنگ سان گڏ اردوءَ جي عشقيہ شاعري سان سلهاڙيل بہ

نظر اچي ٿو.

غالب احمد فيض جي غزلن کي ڪلاسيڪي انداز ۽ ان جي جديد فڪر کي غزلن جي بنيادي سڃاڻپ قرار ڏنو آهي. انهن غزلن ۾ هڪ تہ اڪيلائپ جو احساس وڌيڪ آهي ۽ انهن ۾ هڪ مسلسل انتظار جي ڪيفيت ملي ٿي. ان جو جيڪو ظاهري سبب نظر اچي ٿو، ان طرف غالب احمد ڪو اشارو بہ نہ ڪيو آهي تہ جن ڏينهن ۾ هو قيد ۾ هو يا زندگي جي پڇاڙ ڪن ڏينهن ۾، جڏهن هو جلاوطن هو، انهن ڏينهن ۾ وٽس اڪيلائپ جي شدت وڌيڪ هئي ۽ ايئن ٿيڻ بلڪل فطري آهي. پر فيض جهڙي طرح ان ڪيفيت کي شعر جي ڪالب ۾ گهڙيو آهي، يقيناً اهو سندس شعري فن جو ڪمال آهي.

ان دور جي غزلن جي هڪ ٻي خصوصيت جنهن طرف غالب اشارو ڪيو آهي، اها هي تہ وٽس هڪ مستقل انتظار جي موسم نظر اچي ٿي. ان انتظار جي موسم سان فيص پنهنجي شاعريءَ جي ڪينواس کي وسيع ڪيو آهي. غالب احمد فيض جي غزلن جي ٽين خصوصيت سندس شاعري جي مخصوص ترتيب کي قرار ڏنو آهي، جنهن ۾ هر گهڙي تحرڪ نظر اچي ٿو. چوٿين خصوصيت هن اها ٻڌائي آهي تہ فيض وٽ استعارن ۽ تشبيهن جي فراواني نظر اچي ٿي. جڏهن تہ پنجين صفت سندس اميد پريو احساس آهي. غالب ان مضمون ۾، انهن سيني نڪتن تي تفصيل سان روشني وڌي آهي ۽ موقعي مهل جي نسبت سان ڪيترن ئي غزلن جا حوالا بہ ڏنا آهن، جنهن ڪري فيض جي مطالعي ۾ رغبت ۽ چاهت پيدا ٿئي ٿي.

---

• غالب احمد جو هي مضمون 'ادب لطيف فيض نمبر' جديد پريس لاهور 1988 ۾ ڇپيو.

# ’ميزان‘ هڪ مطالعو

اجا اردو ادب جي افق تي ’نقش فريادي‘، ’دست صبا‘ ۽ ’زندان نامه‘ جي روشني چانيل هئي تہ سن سٺ جي ڏهاڪي ۾ فيض احمد فيض جي تنقيدي مضمونن جو مجموعو ’ميزان‘ ڪتابي صورت ۾ ظاهر ٿيو. انهن مضمونن کي هن مختلف وقتن ۾ لکيو هو. جيڪي لڳ ڀڳ پاءُ صدي تي مشتمل هئا. اُهي مضمون وڏي سوچ ويچار ۽ نهايت سنجيدگيءَ سان لکيا ويا هئا. جڏهن اهي شايع ٿيا تہ ادبي حلقن ۾ انهن تي خاص نظر وڌي ويئي، پر جڏهن ڪتابي صورت ۾ اهي شايع ٿيا تہ انهن مضمونن کي اها پذيرائي نہ ملي. جيڪا سندس ٻين تحريرن کي ملي هئي. ان خاص نڪتي کي صلاح الدين حيدر پنهنجي مضمونن ۾ لکيو آهي.

هن اهو سوال بہ ڪيو آهي تہ آخر ڪهڙو سبب آهي، جو ٻين ترقي پسند نقادن جي ڀيٽ ۾ فيض جي تنقيدي مضمونن کي اها اهميت نہ ملي، جيڪا پروفيسر احتشام حسين، پروفيسر آل احمد سرور، پروفيسر مجنون گور کپوري، پروفيسر ممتاز حسين يا اختر حسين راءِ پوري جهڙن ترقي پسند نقادن کي ملي. صلاح الدين حيدر جي خيال ۾، ان جو هڪ خاص سبب اهو آهي تہ مضمون پنهنجي وقت کان گهڻو پوءِ شايع ٿيا هئا. انڪري جن موضوعن تي قلم کنيو ويو هو، اهي جيتوڻيڪ بنيادي نوعيت جا هئا، پر سٺ واري ڏهاڪي ۾، اردو تنقيد جا مکيہ موضوع وجوديت، سرريلزم ۔ ماورائيت ۽ نئين لساني تشڪيل هئا. اهڙي ماحول ۾ ’ميزان‘ جا مضمون ادبي منظر نامي ۾ ڪا خاص جاءِ ناهي نہ سگهيا. پر ان جي تفصيلي مطالعي کان پوءِ

صلاح الدين حيدر 'ميزان' کي پنهنجي قدر قيمت جي اعتبار کان مولانا حالي جي شعر شاعري جي مقدمي جيان هڪ دستاويز سمجهي ٿو.

پنهنجي ان دعويٰ کي ثابت ڪرڻ لاءِ، صلاح الدين حيدر ان مختصر مضمون ۾، ميزان جي تقريباً سڀني مضمونن تي پنهنجي راءِ ڏني آهي. هن هڪ سٺي ڳالهه پنهنجي مضمون ۾ اها ڪئي آهي ته 'جيئن ته فيض جي انهن مضمونن ۾ نظرياتي بحث به شامل آهن، جن ۾ فيض جو پنهنجو نقطءِ نظر وضاحت سان بيان ڪيو ويو آهي، ته ان پسمنظر ۾ انهن مضمونن وسيلي فيض جي ادب بابت نظرئي کي پرکي ۽ سمجهي سگهجي ٿو. مثلاً فيض نه صرف پنهنجي شاعريءَ ۾ بلڪ تنقيد ۾ به روايت جي پاسداريءَ جو خيال رکيو آهي. انڪري ڪنهن فن پاري جي تحسين يا ترديد ڪرڻ وقت ان جي سياق ۽ سباق (اڳ ۽ پٺ) کي گهڻي اهميت ڏئي ٿو. 'ميزان' ۾ پکڙيل اهي اصولي ڳالهيون فيض جي شاعرانه مزاج تان پردو کڻن ٿيون.

صلاح الدين حيدر ان مضمون ۾ ميزان جي حوالي سان فيض جي فن بابت نظرئي تي به روشني وڌي آهي. مثلاً فيض وٽ اهو نظريو آهي ته: 'زندگي جا وڏا حادثا ئي وڏن فن پارن کي جنم ڏيندا آهن.' اهو سندس سوچيل سمجهيل نظريو هو، هاڻي ان جي روشنيءَ ۾ ڏٺو وڃي ته فيض جي شاعري ۾ ان دور جي تضادن ۽ ڳنڍيل حادثن جون شڪليون صاف نظر اچن ٿيون.

فيض صاحب پنهنجي هڪ مضمون 'ادب اور جمهور' ۾ لکيو آهي ته ادب جو هر زماني ۾، ڪنهن نه ڪنهن طرح سان عوام سان رابطو رهيو آهي. ان حوالي سان صلاح الدين حيدر لکي ٿو ته:

> 'فيض انسان جي پهرين سماجي رَوين تي بحث ڪيو آهي. ۽ اهو ٻڌايو آهي ته ادب جو هر زماني ۾ ڪنهن ڪنهن طرح عوام سان رابطو رهيو آهي. پر هتي فيض جي زبان لرزي ٿي، جڏهن هو چئي ٿو ته اتي شيڪسپيئر پيدا ٿيو ۽ هتي عرفي ۽ نظيري، ان کان پوءِ سماج جي سرشتي تي وچولي طبقي جي ڏارا اڳتي وڌي. اُتي ورڊس ورٿ ۽ ڊڪنز پيدا ٿيا ته هتي حالي ۽ اقبال. ۽ هاڻي عوام جو طبقو اسري رهيو آهي. اهو بيان غور طلب آهي. جڏهن

ايسٽ انڊيا ڪمپني نهي تہ اولهہ ۾ دولت وڌي، ۽ اوير ۾ اها گهٽ ٿي. هڪ طرف مشين ۽ ٿيٽي ڪم ڏيڪاريو تہ ٻئي طرف بک ۽ بدحالي ديرا ڄمايا. اوير جو وچولو طبقو نون آبادڪارن جو غلام ۽ اولهہ جو وچولو طبقو اڳرائي جي نشي ۾ مست. پر ان پيٽ سان جزوي طور اتفاق ڪندي، اهو تسليم ڪري سگهجي ٿو تہ برو يا ڀلو جهڙو بہ سهي پر انگريزن جي دور ۾ وچولو طبقو پيدا ٿيو. روشن خيالي واري ادب ان طبقي ۾ پاڙون پختيون ڪيون.

صلاح الدين حيدر جهڙي ريت ان نقطي تي پنهنجو اختلافي نوٽ لکيو آهي، ان سان ان مضمون جي اهميت ۽ افاديت ۾ اضافو ٿيو آهي. هن تقريباً سيني مضمونن تي هڪ منفرد ۽ الڳ نظر وجهندي، ڪونہ ڪو خاص نڪتو يا خاص رخ پڌرو ڪيو آهي. ان طرح سندس مضمون جي اهميت اڃا بہ وڌي وڃي ٿي، مثلاً '*ميزان*' جي پهرين مضمون ۾، جنهن جو عنوان "ادب جو ترقي پسند نظريو" آهي، جيڪو 1938 ۾ لکيو ويو هو. ان مضمون ۾ فيض هڪ ڳالهہ اها ڪئي هئي تہ ترقي پسند نظريو دراصل ڪلچر جي ترقي جو هڪ ذريعو آهي. ان سان گڏ فيض ٻي خاص ڳالهہ اها بہ ڪئي هئي تہ هر قسم جو ادب ڪنهن نہ ڪنهن نظرئي جي پروپيگنڊا هوندو آهي، فرق صرف اهو آهي تہ ڪا پرچار سني هوندي آهي، ڪا خراب. اهڙي صورت ۾ ليکڪ کي فيصلو ڪرڻ گهرجي تہ هو پاڻ کي ڪتي ٿو بيهاري، اهو اهو مقام آهي، جتان ليکڪ جو اعتبار قائم ٿئي ٿو.

صلاح الدين حيدر ان مضمون ۾ انهن سيني درجن کي سامهون رکيو آهي، جيڪي فيض جي مضمونن جا مرڪزي نڪتا هئا. اهڙي طرح نظرياتي بحث سان گڏ، هن سندس جمال ۽ جلال واري فلسفي تي بہ روشني وڌي آهي، جنهن سان فيض جي شاعرانہ مزاج کي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي.

---

• صلاح الدين حيدر جو اهو مضمون '*ادب لطيف فيض نمبر*' جديد پريس لاهور ۾ 1988 ۾ شايع ٿيو.

# ’زندان‘ ۾ فيض جو زندگيءَ بابت نظريو

اها هڪ حقيقت آهي تہ قيد و بند وارا ڏينهن مختلف ماڻهن تي مختلف اثر ڇڏيندا آهن. گهڻي قدر ايئن ٿيندو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن انسان مٿان اهو سلسلو ڏگهو ٿي ويندو آهي تہ سندس جسماني ۽ خاص طور ذهني عضوا جواب ڏئي ويندا آهن پر اُهي ماڻهو جيڪي ڪو واضح مقصد سامهون رکندا آهن، انهن لاءِ اهي تڪليفون هڪ اميد ۽ روشن صبح جي حيثيت رکنديون آهن. (جيئن سنڌ جي عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي فرمايو آهي تہ ” سڪر سيئي ڏينهن، جي مون گهاريا بند ۾ “) فيض بہ اهڙي حوصلي وارن ماڻهن جي صف ۾ نظر اچي ٿو. اشفاق سليم مرزا پنهنجي ان مضمون ۾ فيض صاحب جي قيد وارن ڏينهن جو ذڪر ڪيو آهي تہ انهن مٿس ڪهڙا اثر ڇڏيا. ان سان گڏ اهو بہ ٻڌايو آهي تہ انهن قيدوارن ڏينهن سندس ادب بابت نظرئي تي ڪهڙا اثر ڇڏيا آهن. هن تاريخ جي اهڙين ٻين قداور شخصيتن جا حوالا ڏيندي، چيو تہ انسان زندگيءَ پنهنجون ترجيحون پاڻ مقرر ڪندي آهي. پوءِ اها قيد ۾ هجي يا آزاد! يا فيض جي لفظن ۾ ان کي اختيار جي موسم چئو يا جبر جي موسم! يعني اصل ڳالهہ انسان جي ترجيحن جي آهي. فيض جي ترجيحن کي بہ جيڪڏهن سندس قيد وارن ڏينهن جي پسمنظر ۾ ڏٺو وڃي تہ خود بخود ڳالهيون واضح ٿينديون وينديون.

ان سلسلي ۾ قيد وارن ڏينهن دوران لکيل خط سندس پهريون حوالو آهي. انهن خطن ۾ جتي سندس اڪيلائپ جا رنگ نظر اچن ٿا تہ اتي اميدن جون اندلنيون بہ نظر اچن ٿيون. جيل مان لکيل خط هجن يا سندس گفتگو، سندس

شاعري هجي توڙي نثر. خاص طور 'دستِ صبا' ۽ 'زندان نامہ' جي شاعريءَ ۾ تہ هر جاءِ تي هڪ اميد نظر اچي ٿي ۽ اها اميد پرستي سندس شخصيت جو خاص اهڃاڻ بنجي وڃي ٿي. جيتوڻيڪ 'اميد پرستي' هڪ رويو آهي، پر اُها جڏهن ڪنهن آدرش جي نتيجي ۾ ظاهر ٿئي ٿي تہ پوءِ اُها فڪري سطح تي هڪ تازي بهار جو پيغام آڻي ٿي. اهو انڪري ٿيندو آهي، جو اشفاق سليم مرزا چواڻي:

'ڪنهن بہ آدرش جي مسافر جي اها ريت تاريخ ۾ هرجاءِ موجود آهي تہ هو ان آدرش جي حاصلات لاءِ پر اميد هوندو آهي ۽ سندس سمورو ڌيان ان طرف هوندو آهي. هو هر وقت ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهندو آهي. هيگل انکي تاريخ ساز شخصيت جي ڪردار جو اهم حصو سمجهي ٿو. پر هڪ سياسي ڪارڪن ۽ تخليقڪار اميد جو هڪ محل ٺاهيندو آهي، جيڪو سندس رڳ رڳ ۾ سمايل هوندو آهي. اهو جذبو ۽ اها تڙپ ڪيس روشن مستقبل جي راهہ ڏيکاريندي آهي. اها سوچ ڪردار جي پختگيءَ جو اهم جزو بنبي آهي.' (بقول پٺائي جي تہ 'واٽ وندر جي وڻ پيا ڏسيندا')

اڳتي هلي اشفاق سليم مرزا هڪ دلچسپ نڪتو اٿاريو آهي تہ جيڪڏهن اميد پرستي پنهنجي معروضي حالتن کان ڪٽيل آهي تہ پوءِ اهو ڪو ڪارنامو نہ آهي، بلڪ اها هڪ بيخبر اميد پرستي آهي. جيڪڏهن اها حد اورانگهي وڃي تہ انکي مرض سمجهڻ گهرجي. جيئن اڄ ڪلهہ اسان دهشت گردن جي روپ ۾ ڏسي رهيا آهيون، جيڪي پڻ مرڻ سان پنهنجي لاءِ جنت جو هڪ دروازو کليل ڏسندا آهن. ان اڻڏٺل جنت لاءِ هو نہ صرف پنهنجي جان وڃائيندا آهن، بلڪ ڪيترن ئي معصوم ماڻهن جون جانيون بہ تباهہ ڪندا آهن. اها هڪ مريض ذهن جي سوچ آهي، جنهن جي اسان ڪنهن بہ صورت ۾ آجيان ڪونہ ڪنداسين. جڏهن تہ فيض وٽ اميد پرستي پنهنجي معروضي حالتن سان جڙيل نظر اچي ٿي. اها اميد پرستي عمل ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ مددگار ثابت ٿئي ٿي. ان ڏس ۾ هن فيض جي ڪيترن ئي خطن جا حوالا ڏنا آهن ۽ ثابت ڪيو آهي تہ هو هڪ آدرشي انسان هو ۽ پنهنجي دور جي سيني

تضادن کان واقف هجڻ کانپوءِ هو هڪ روشن صبح جي ظاهر ٿيڻ تي ايمان رکندو هو.

اشفاق سليم مرزا پنهنجي ان مضمون ۾، خاص طور تي اها ڳالهه ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته فيض ڪهڙين ڪنن حالتن به اطمينان ۽ قناعت پرستي تي عمل ڪندو رهندو هو. جيل ۾ ڪيس اهڙا به موقعا آيا جو هو اداسي ۽ شديد اڪيلائپ جو شڪار رهيو، پر پوءِ به هڪ سچي تخليقڪار جي حيثيت ۾، هن اڪيلائپ مان به ڪيترائي سهڻا خواب چٽيا. جيڪي سندس خوبصورت شاعري خاص طور *'دست صبا'* ۽ *'زنداں نامہ'* ۾ ڪافي جاين تي موجود آهن. فيض جي اميد پرستي واري موضوع تي روشني وجهندي، هن ان طرف به ڌيان ڇڪايو آهي ته جيتوڻيڪ سندس فن ۽ فڪر جو مرڪزي خيال اميد پرستي جي چوڌير ڦرندو رهي ٿو. پر زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ سندس شخصيت جو اهو رخ ڪٿي ڪٿي ڪمزور ٿيندي به نظر اچي ٿو. ان سلسلي ۾ اشاري طور هن فيض جي ٻن نظمن جو حوالو به ڏنو آهي. انهن جو عنوان: *'کیا کریں'* ۽ *'تم ہی کہو کیا کرنا ہے'* آهي.

مرزا صاحب جيل وارن ڏينهن ۾، فيض صاحب جي مطالعي ۽ مشاهدي واري عادت ڏانهن به خاص طور ڌيان ڇڪايو آهي. فيض صاحب پنهنجي خطن ۾ ڪيترن ئي ڪتابن جي باري ۾ لکيو آهي. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته جيل وارن ڏينهن ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب سندس مطالعي هيٺ رهيا. هو دوستن کي فرمائش ڪري، جيل ۾ ڪتاب گهرائيندو هو ۽ انهن تي پنهنجي راءِ به ڏيندو هو. اهڙي طرح سندس مشاهدي جا به ڪيئي مثال سامهون اچن ٿا. جن جو ذڪر مرزا صاحب پنهنجي مضمون ۾ ڪيو آهي. اهڙي طرح هن فيض صاحب جي لڳاتار جدوجهد ۽ خوش مزاجي جا به ڍاڍا سهڻا مثال ڏنا آهن. بلڪ ڪجهه لطيفا به نقل ڪيا آهن. جن مان خبر پئي ٿي ته هو جيل دوران به ڪيترو مطمئن ۽ پرسڪون هو.

---

• اشفاق سليم مرزا جو هي مضمون ' *ادبيات فيض نمبر*' اڪيڊمي ادبيات، اسلام آباد 2009 ۾ ڇپيو.

# فيض تنهنجي جڳ ۾ هاڪ

فيض جڏهن پنهنجي ڊگهي جلاوطني کان پوءِ واپس وريو هو ته ان وقت پاڪستان ۾ ضياء الحق جي مارشل لا پوري عروج تي هئي. ملڪ ۾ هڪ نئون ادبي نظام طاقت جي زور تي آندو پئي ويو. 'اهل قلم' ڪانفرنسن ۾ اديبن کي پنهنجو قبلو درست ڪرڻ جون تلقينون ڪيون پئي ويون. ٻئي طرف سرڪاري سرپرستي کان هٽي ڪري لکندڙن جو هڪ ٻيو گروپ به هو، جيڪو ملڪ ۾ بنيادي ۽ جمهوري حقن لاءِ قلم کي استعمال ڪري رهيو هو. ان وچ ۾ جڏهن فيض جي سالگرهه آئي ته ان گروپ جي ڪجهه دوستن فيض صاحب کي ڀرپور نموني خراج عقيدت پيش ڪيو. ان موقعي تي ترقي پسند اديب ۽ دانشور فخر زمان فيض سان مخاطب ٿيندي چيو ته:

"جناب فيض! اڄ ڪلهه جنهن طريقي سان، انسان سفاڪ ٿي ويو آهي، اهو اڄ جي دور جي تحفو آهي. ظلم، تشدد، جبر، آمريت ۽ حقن جي پائمالي جو شڪار ته ٽين دنيا جا ڪيترائي ملڪ آهن. پر انسان جي غير انسان ٿيڻ جو عمل هڪ نئون رجحان آهي ۽ اهڙي پسمنظر ۾ اسان جي ليکڪن جي مصلحت واري خاموشي به هڪ نئون رجحان آهي. ته جناب فيض صاحب! اهڙي گنڌل ماحول ۾ اوهان جلاوطني جا ڪيئي سال گذاري پوءِ آيا آهيو. هاڻي هتي ادبي منظر اهو نه آهي، جيڪو اڳ ڪڏهن هو. يا جڏهن توهان ٻاهر ملڪن ۾ هئا هاڻي نئين صورتحال ۾

اوهانجو ڪردار بہ بدلجي ويو آهي.

دراصل ان مضمون ۾ فخر زمان فيض صاحب کي مخاطب ضرور ٿيو آهي پر سندس اصل مخاطب سندس دور جا ليکڪ آهن. هن ان دور ۾ لکندڙن کي جنجهوڙيو ۽ کين جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هو ان آمرانہ ماحول کي پنهنجي قلم وسيلي بدلائڻ جي ڪوشش ڪن. ان ماحول جي خلاف احتجاج جو آواز اٿارين ۽ حساس اديبن جيان پنهنجون ذميواريون پوريون ڪن. هن ان مضمون ۾ پنهنجي دور جي اديبن جي ڪردارن ۽ روين جي باري ۾ شڪايت واريون ڳالهيون ڪيون. ڪيس افسوس آهي تہ سندس دور جي اديبن اهو ڪردار ادا نہ ڪيو. جيڪو کين ادا ڪرڻ گهرجي ها.

فخر زمان ان دور جي پاڪستاني اديبن کي واضح طور ٻن حصن ۾ ورهايو آهي: سندس مطابق هڪڙن اديبن جي تحريرن ۾ عوامي رنگ ۽ عوام جي جذبن جي عڪاسي ٿيل آهي، ٻئي طرف عوام دشمن جذبن جي ترجماني ٿيل آهي. سندس خيال موجب سچو اديب اهو آهي. جيڪو ڪڏهن بہ اسٽيبلشمينٽ جو حامي نہ هجي.

سندس خيال موجب اردوءَ جي ڀيٽ ۾ پاڪستان جي ٻين زبانن ۾ سرجندڙ ادب صحيح معنيٰ ۾ عوامي ادب جو ترجمان آهي. هو انکي ڪافي سگهارو ۽ توانو تصور ڪري ٿو. هن اهي سڀ ڳالهيون فيض کي مخاطب ٿيندي چيون آهن. ڇاڪاڻ تہ سندس نظر ۾ فيض صاحب ان قافلي جو سالار آهي ۽ ان فڪر جو جهنڊو کڻي هلندڙن ۾ هو سڀني کان اڳيان آهي. هن مضمون ۾ فخر زمان هڪ ٻي ڳالهہ بہ ڪئي آهي ۽ فيض صاحب کان سندس روبرو اهو سوال ڪيو تہ آخر هو ڪهڙي لحاظ کان پاڻ کي 'صوفي' چئي ٿو يا سمجهي ٿو؟

فخر زمان جي خيال مطابق ان دور ۾ ڪجهہ ماڻهن دربارن سان ويجهو رهڻ يا رعايتون وٺڻ لاءِ پنهنجي ڇهري تي صوفيءَ جو ڏڪ ڏکيو آهي. اهڙن صوفين لاءِ هن صوفي آف اسٽيبلشمينٽ جو اصطلاح استعمال ڪيو ۽ کين پنهنجي ملڪ جي گذريل صوفي روايتن کان باغي قرار ڏنو. سندس نظر ۾ صوفين جي روايت خلق خدا کي آرام رسائڻ واري روايت آهي نہ ڪا آزار رسائڻ واري. ڪجهہ ماڻهن انهن ڏينهن ۾ فيض کي صوفي ۽

ملامتي صوفي ثابت ڪرڻ شروع ڪيو هو. ان جو پردو ان مضمون ۾ فخر زمان کوليو هو.

’فيض کي مخاطب ٿيندي فخر زمان ڪيس اصل صوفياڻين روايتن تي قائم رهڻ جي تلقين بہ ڪئي ۽ درخواست بہ ڪئي. هن فيض صاحب جي انڪساري ۽ درگذر ڪرڻ واري عادت کي ذهن ۾ رکندي، ڏاڍي پيار واري انداز ۾ فيض صاحب سان مخاطب ٿيندي چيو تہ ’ڪٿي هو بہ سرڪاري صوفين واري ڦندي ۾ نہ ڦاسي پوي.‘

’فيض صاحب! هاڻي فيصلو اوهان جي اختيار ۾ آهي. ڪٿي ائين نہ ٿئي جو اوهان مروت ۾ انهن ماڻهن جي حوصلي افزائي جو سبب بڻجو. جيڪي حب الوطني، زمين، ڌرتي ۽ ثقافت جي غلط تعبير ۽ تشريح جي ذريعي هڪ خاص نظام کي ديگهہ ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿي رهيا آهن. اهو عرض مون ان ڪري ڪيو آهي تہ اوهان مروت ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون ڳالهيون ڪندا آهيو، جو اوهان جا مداح ٻڏتر جو شڪار ٿي ويندا آهن.

فخر زمان جو اهو مضمون جتي پنهنجي دور جي نمائنده شاعر جي سامهون حق ڳالهہ ڪرڻ جي هڪ خلوص واري ڪوشش آهي، اتي ڪيترن مونجهارن کي ختم ڪرڻ جو واضح ۽ ٺوس قدم بہ آهي. سندس ان مضمون ۾ فيض صاحب جي باري ۾ ڪافي ڳالهيون آهن. ان سان گڏوگڏ سندس مطالعي مان ان دور جي پاڪستاني ادب جي رفتار ۽ رخ جو بہ صحيح اندازو ٿي وڃي ٿو. ان مضمون ۾ ان دور جي سياسي جدوجهد ۾ آمريت خلاف نئين نسل جي بي باڪ لهجي جي للڪار ۽ گونج بہ صاف ٻڌڻ ۾ اچي ٿي.

فخر زمان جيڪو اردو ۽ پنجابي ٻنهين زبانن تي مڪمل عبور رکي ٿو، پنجابي صوفي شاعرن جا مناسب هنڌن تي حوالا ڏيئي، ان مضمون کي باوقار بنايو آهي ۽ هڪ طرح فيض کي پنجاب جي اصل صوفي روايتن جي ياد ڏياري آهي.

---

- فخر زمان جو هي مضمون ’ادبيات فيض نمبر‘ اڪيڊمي ادبيات، اسلام آباد 2009 ۾ ڇپيو.

# مرڻ مون سين آءُ

ڪيترن ئي صوفي شاعرن جيان فيض احمد فيض بہ پنهنجي شاعري ۾ 'موت' کي مختلف رنگن ۾ سجايو آهي. ان جي شروعات سندس پهرين ڪلام جي مجموعي 'نقشِ فريادي' ۾ ئي ٿئي ٿي. جيئن جيئن سندس شاعري جو سفر اڳتي وڌي ٿو، تيئن وٽس موت جي رنگن ۾ بہ تبديليون اينديون رهن ٿيون. سندس جمال ۽ جلال جا رنگ تبديل ٿيندا رهن ٿا. ڊاڪٽر شاهين مفتي پنهنجي ان مضمون ۾ فيض جي شاعريءَ ۾ موت بابت جيڪي تصور پيش ڪيل آهن، انهن بابت لکيو آهي.

هن مضمون ۾، شاهين مفتي 'نقشِ فريادي' مان سندس نظم 'آخري خط' جي حوالي سان چيو آهي تہ ان خط جا ڪافي حصا فنا جي تصور بابت آهن. اهي تجربا جيڪي فيض جي 'نقشِ فريادي' ۾ ملن ٿا، سي ڪنهن طبعي موت جي خواهش بابت نہ آهن بلڪ اهي پيارن جي وڇوڙن ڪان پوءِ آيل گهائن بابت آهن. اهڙا جذبا اسان کي ڪنهن پيار ڪندڙ دل ۾ ڌڙڪندي محسوس ٿين ٿا. شاهين مفتي موت جي اهڙي آرزو جي شاعرانہ اظهار کي ڪنهن 'نقشِ فريادي' جي شنوائي جو محتاج قرار ڏنو آهي ۽ ان جي پهرين مجموعي جي عنوان سان ربط ملائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

'دستِ صبا' تائين ايندي، فيض جي موت لاءِ جيڪا خواهش آهي، اها ٿيو ڏيئي اجا بہ مٿي اچي ٿي. جيڪا ڪا معنيٰ بہ رکي ٿي ۽ موت جي ان منظر کي ڪشادگي بہ ڏئي ٿي. شاهين مفتي چواڻي اها موت جي آس جي ارتقائي شڪل آهي، جيڪا موجود هستي سان لاشعوري طور تعلق

جوڙي ٿي . اهو موت جو هڪ نسبتاً بهتر منظرنامو آهي، هتي ذات جو حوالو پوئتي رهجي وڃي ٿو ۽ گڏيل مسئلا اڳتي اسري اچن ٿا.

غور سان ڏٺو وڃي ته فيض جو موت بابت اهو تصور 'دستِ صبا' کان اڳ، 'نقش فريادي' ۾ ان وقت نظر اچي ٿو. جڏهن هو پنهنجو رشتو عوام سان جوڙي ٿو. هو پاڻ کي ۽ پنهنجي محبوب کي چئي ٿو ته 'محبت کان سواءِ به بيا ڪيترائي ڏک آهن زماني ۾. البت مفتي صاحب جي اها ڳالهه ڪنهن حد تائين درست آهي ته فيض صاحب جو موت بابت تصور 'دستِ صبا' ۽ 'زندان نامه' ۾ هڪ نئين جذبي ۽ انداز سان اڀريو آهي. اتي موت ڪو معمولي موت نه آهي، پر اهو شهادت جو درجو حاصل ڪري چڪو آهي. هتي قتل گاهن ۾ موت جي هٽن مان جهندا ڪسي عاشقن جا نوان نوان قافلا جڙي رهيا آهن. نوان نوان رستا کلي رهيا آهن. هاڻي موت جي سڏ ڪرڻ وارن کي موت هڪ هاڪاري قوت نظر اچي رهيو آهي. اتي موت جي صرف آس نه آهي پر موت هڪ بامقصد استعارو ۽ هڪ انقلابي گيت به آهي. فيض ان موضوع تي لکيل نظمن ۾ ان استعاري کي هڪ زنده استعارو ڪري پيش ڪيو آهي. (شاهه عبداللطيف ڀٽائي پڻ اهڙي جذبي جي ڳالهه ڪئي آهي 'مر متا ڏيئي پنهون ڪارڻ پب ۾' موت کي امر سمجهندي شاهه صاحب فرمائي ٿو ته: 'مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نه مات، هوندا سي حيات، جيئڻان اڳي جي جيا.')

اهو انقلابي فڪر سندس زبان ۾ اها طاقت پيدا ڪري ٿو، جنهن جي نتيجي ۾، هو خود پنهنجي قتل نامي جي گهر ڪري ٿو ته جيئڻ جاٽي ته ان تي ڪنهن ڪنهن جي مهر لڳل آهي ۽ آخر ۾ ان نتيجي تي پهچي ٿو ته اها ته ازل کان قاتل ۽ مقتول، ظالم ۽ مظلوم جي وچ ۾ لڳل لڙائي آهي، جنهن جو انت پنهنجي ئي خون سان ٿئي ٿو. فيض جي انقلابي شاعري جي دلپذير نغمن جي پسمنظر ۾ شاهين مفتي لکي ٿو ته:

> 'غير مشروط اجتماعيت سان وابستگي، شاندار موت جو انتظار اهي اهڙا پهلو آهن. جيڪي شاعر کي ديوتائن ۽ خدائن جي برابر سمجهن ٿا. جيڪي موجود نظام جي متاهين سطح کي توڙي پنهنجو پاڻ کي لافاني ۽ مثالي هيرو جي درجي تي رسائين ٿا. اهو هڪ

غير معمولي لمحو آهي، جتي تڙپ، ڳٽتي، دهشت، اڻ تڻ ،
خوشي، فتح ۽ ميلاپ جا لازوال جذبا لافاني خوشيءَ ۾
منتقل ٿين ٿا.'

هيءَ اها ئي لافاني خوشي آهي جو هو پنهنجي موت جي آمد جي منظر کي جنهن والهانه انداز ۾ بيان ڪري ٿو، اها اردو ٻوليءَ ۾ لکيل نظمن مان خوبصورت ترين نظم آهي. اهو نظم شروع ئي ان مصرعي سان ٿئي ٿو ته اهو منظر ڪيئن هوندو، جڏهن موت منهنجي سامهون هوندو!. پوءِ ان منظر کي فيض صاحب مختلف رنگن ۾ اُٽيو آهي. ڪٿي صبح جو منظر آهي ته ڪٿي شام، ڪٿي رات جي پهرين پهر جو ذڪر آهي ته ڪٿي وري پرهه ڦُٽي جو ذڪر آهي. شاهين مفتي انهن منظرن ۾ جڙندڙ خاڪي کي فيض جي تڪميل حيات ۽ تشڪيل حيات جو دلداري وارو لمحو قرار ڏنو آهي ۽ خود فيض ان کي '*حيات سرمدی*' سان تعبير ڪري ٿو.

تڪميل حيات لاءِ فيض جن نظرين تي يقين رکندو هو، اهو ئي سندس شعر جو فلسفو به آهي. پوري زندگي هن انهن آدرشن لاءِ جدوجهد ڪئي. ان راهه تي هلندي ان مٿان به اها ئي گذري، جيڪا سيني تي گذرندي آهي. هو پنهنجي آدرش تي ايتريقدر پختو يقين رکندو هو جو جيڪڏهن موت به ڪهڙي به صورت ۾ وٽس اچي ته به هو انهن تي باقاعده مستحڪم رهندو هو. فيض موت جو نه پر زندگي جو نغمو ڳائڻ وارن مان هو. هو ته موت جي پويان عشق جو نعرو بلند ڪرڻ وارن مان هو. شايد موت جي پرجوش آجيان لاءِ ممڪن تصورن کي گڏي پاڻ کان سوال ڪيو هو ته: ان وقت ڇا ٿيندو، جڏهن موت سامهون هوندو؟

---

• ڊاڪٽر شاهين مفتي جو هي مضمون '*ادبيات فيض نمبر*' اڪيڊمي ادبيات، اسلام آباد 2009 ۾ شايع ٿيو.

# هتين خالي شاعر: فيض

پروفيسر عقيل شاهين جا آخري ڏينهن ٽورنٽو ۾ گذريا. بنيادي طور هوءَ اردو جي پروفيسر هئي. هن پاڪستان جي مختلف اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ اردو زبان ۽ ادب جي تعليم ڏني. 1980ع ۾ فيض جڏهن ٽورنٽو ويو ته ساٿس هڪ شام جو بندوبست ڪيو ويو. جنهن ۾ عقيل شاهين هي مضمون پڙهيو هو. ان مضمون جي شروعات ۾ عقيل شاهين لاهور جي هڪ مشاعري جو ذڪر ڪندي چيو ته:

> '1948 ۾ سردين جي هڪ شام تي لاهور جي هڪ اورينٽيل ڪاليج جي دروازي تي ٻه گهٻرايل برقعه پوش عورتون داخل ٿيون. ڪين برقعا ٻه ديسي پاتل هئا. دروازي تي چوڪرن ڪان پڇيائون ته 'مشاعرو' ڪٿي ٿي رهيو آهي. سندن گهٻراهٽ، پرده پوشي ۽ مشاعري جي شوق سبب ماڻهو مٿن ڪلڻ لڳا. پر ڪين رستو ڏيئي مشاعري واري هنڌ تي پڄايائون. مشاعرو شروع ٿيو. ان ۾ تاثير، چراغ حسن ۽ گهٽو ڪري صوفي صاحب ٻه هو. انهن سان گڏ فيض ٻه هو. هو هڪ اوور ڪوٽ پائي اسٽيج تي آيو ۽ پنهنجو نظم *'دو آوازين'* ٻڌايو. برقعي اندر چرپر ٿي، نه ڪنهن ڏني نه پسي پر ٻڌندڙن محسوس ڪئي. ڪيئي مصراعون ٻڌندڙن جي دل ۾ وبهي ويون.

عقيل شاهين انڪشاف ڪيو ته انهن برقعن وارين عورتن مان هڪ

پاڻ هئي. ان نظم ۾ فيض هٿن جو به ذڪر ڪيو هو، جيڪو هن جي ذهن تي نقش ٿي ويو ۽ جڏهن ٽورنٽو ۾ فيض سان شام پئي ملهائي ويئي ته هن ان جو به سٺي نموني ذڪر ڪيو.

هن پنهنجي ان مضمون ۾ فيض وٽ اُنهن رشتن کي تلاش ڪيو آهي، جيڪي مجبورن ۽ محڪومن سان سندس هميشه رهيا. انهن خوبصورت رشتن جو اظهار هن پنهنجي شاعري ۾ 'هٿ' جي علامت سان پڻ ڪيو آهي. هي اُهي هٿ آهن، جيڪي ڪڏهن هين جي آڏو جهڪندا آهن ته ڪڏهن وري عزت ۽ غيرت خاطر تلوارون به کڻندا آهن. عقيل شاهين 'هٿ' ۽ انهن جي استعمال بابت فيض جي شاعري جي حوالي سان هڪ نئين انداز سان لکيو آهي.

هن فيض جي شاعري جي مجموعن *'دست صبا'* ۽ *'دست تہ سنگ'* جي معنيٰ ۽ محنت ڪندڙ هٿن جي تعلق تي به روشني وڌي آهي. سندس خيال ۾ فيض جي ذهن تي 'هٿ' جو استعارو ڪنهن نه ڪنهن انداز ۾ هميشه موجود رهيو آهي. ان ڏس ۾ هن فيض صاحب جي مختلف نظمن جي مصراعن جو به حوالو ڏنو آهي. هن اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته فيض وٽ 'هٿ' جو لفظ سندس نصب العين جي بلڪل ويجهو رهيو آهي. مثلاً : *'صبا کے ہاتھ میں نرمی ہے انکے ہاتھوں کی'* يا وري *'سیاسی لیڈر کے نام'* نظم ۾ *'بے آسرا جکڑے ہوئے ہاتھ، تیرا سرمایہ'، تیری آس یہی ہاتھ تو ہیں'۔* اور *کچھ بھی نہیں تیرے پاس یہی ہاتھ تو ہیں، تجھ کو منظور ہے یہ ہاتھ قلم ہو جائیں۔* يا وري هڪ ٻيو نظم جنهن ۾ فيض صاحب عمل جي دعوت ڏيندي چيو هو ته *'اٹھو سب خالی ہاتھوں کو اس رن سے بلاوے آتے ہیں'* فيض هٿن جو ذڪر ڪندي آڱرين ۽ ٻانهن جو به ذڪر ڪيو آهي. *'کہ خونِ دل میں، ڈبولی ہیں انگلیاں میں نے'* يا *'بازو تولے ہوئے منڈلاتے ہوئے آتے ہوئے'* وغيره جهڙا ڪيترائي مثال فيض جي شاعري ۾ ملن ٿا.

عقيل شاهين هٿن کي محنت ڪندڙن جي علامت ۽ تخليق ۽ تعمير جي روح سان تعبير ڪندي، انهن کي فيض جي شاعري جو مرڪزي استعارو قرار ڏنو آهي؛ چاڪاڻ ته هٿ محنت ۽ جدوجهد جي علامت آهن ۽ اهي علامتون جبلن سان به ٽڪر کائين ٿيون. فيض جي شاعري انهن ٿي معنائن ۾ ظلم ۽ ڏاڍ جي خلاف هڪ سگهاري علامت آهي.

عقيل شاهين هڪ چيندڙ سوال بہ اٿاريو آهي تہ ڇا مستقبل ۾ ڪا اهڙي تاريخ لکي ويندي، جنهن ۾ فيض کي خراج عقيدت پيش ڪندي، اهو چيو ويندو تہ:

'جنهن قوم ۾ ڪم ڪندڙ کي 'ڪمي' (ڪمينو) جو خطاب ڏنو ويندو هجي، اتي هڪ احساس رکندڙ شاعر هئن جي عظمت جو جهنڊو بلند ڪيو هو؟'

پروفيسر عقيل شاهين ان حساس دل شاعر فيض احمد فيض کي پنهنجي ان مضمون ۾ خراج عقيدت پيش ڪيو آهي. هن ان طرف بہ اشارو ڪيو آهي تہ فيض جي اڪثر نقادن کيس صرف هڪ شاعر اهو بہ روماني شاعر چئي ساڻس انصاف ناهي ڪيو. فيض جي شاعري ۾ جيڪا انقلاب جي دعوت آهي، ان جو اعتراف بہ تمام گهٽ ڪيو ويو آهي. اڄ ڪلهہ تہ بلڪل ان کي جهڙوڪر پري کان سلام ڪيو وڃي ٿو. واضح رهي تہ هي دور فيض جي جلاوطني جو دور هو ۽ ٻئي طرف ملڪ ۾ آمريت جو سج چوٽي تي هو.

---

• پروفيسر عقيل شاهين جو هي مضمون 'فيض کے مغربي حوالے' جنگ پبلشرس لاهور 1993 ۾ ڇپيو.

# نسخہ ہائے وفا' کان پوء

# فيض: نظرين جو شاعر

فيض ۽ احمد نديم قاسمي هڪ ئي دور ۽ هڪ ئي فڪر جا ترجمان هئا. وڏي عرصي تائين ماڻهو سندن هڪٻئي سان ڀيٽ ڪندا رهيا. پر حقيقت اها آهي تہ ٻنهين جي سوچ ۽ بيان ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. فيض جڏهن لاڏاڻو ڪري ويو تہ احمد نديم قاسمي اچا جيئرو هو. فيض جي وفات تي احمد نديم قاسمي فيض جي شاعري جي باري ۾ پنهنجا تاثر هن مضمون ۾ لکيا آهن. جيتوڻيڪ اهي مختصر آهن، پر هڪ همعصر جا فيض جي باري ۾ ڀرپور خراج عقيدت جي عڪاسي ڪن ٿا. هن مضمون جي پڄاڻي قاسمي صاحب هيٺين لفظن سان ڪئي آهي:

'فيض پاڪستان ڪي ۽ ٽين دنيا ڪي بلڪ پوري دنيا ڪي فن، اميد پرستي ۽ انسان جي روشن مستقبل تي اعتماد جي صورت ۾ گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي. ان جي باوجود مان فيض جي لاڏاڻي کان پوءِ هن وقت تائين ڪيئي ڀيرا چئي چڪو آهيان تہ فيض جي رحلت سان، اسان تهذيبي، ثقافتي ۽ فني لحاظ کان غريب تي ويا آهيون. غريبيءَ جو احساس ان وقت شدت اختيار ڪندو آهي، جڏهن اسان اهو سوچيندا آهيون تہ فيض اجا ٻہ ٽہ چار سال زنده هجي ها، تہ اسان جي تهذيب اجا ٻہ سگهاري ٿئي ها ۽ اسان جو ادبي افق ڪجهہ وڌيڪ روشن ٿي وڃي ها. فيض جي لحد ۾ لهڻ کان پوءِ اسان ڪي پنهنجي غربت

جو احساس ٿئي ٿو ته فيض ته پنهنجو سڀ ڪجهه وڃائي،
اسان کي تهذيبي لحاظ کان ڏاڍو اميرُ شاهوڪار بنائي
پوءِ موڪلائي ويو آهي.'

هن مضمون ۾ احمد نديم قاسمي فيض کي هڪ نظرياتي شاعر قرار ڏيندي، سندس فڪري رخن جي نشاندهي ڪئي آهي. سندس نظرياتي شاعري جي پسمنظر سان گڏوگڏ هو انجي مستقبل تي به نظر رکي ٿو ۽ ان ڳالهه جي وضاحت ڪري ٿو ته هو جڏهن نظرياتي شاعر هو ته پوءِ وٽس انقلابي گجگوڙ ڇو نه هيو؟ سندس آواز ڌيمو ڇو آهي؟ ان ۾ ايتريقدر مناڻ ۽ نرمي ڇو آهي؟

انهن سوالن جي جوابن جي ڳولا ۾ هو ان نتيجي تي پهچي ٿو ته انجو تعلق فيض جي زندگي بابت نظرئي سان بنهه گهرو آهي. سندس نظر ۾ فيض بنيادي طور زندگيءَ کي خوبصورت ڏسڻ گهرندو هو. هو هڪ اهڙي سماج جي آس رکندو هو جنهن جو بنياد عدل ۽ انصاف تي هجي نه کي ڦرمار ۽ ظلم تي. جيئن ته سندس زندگي بابت اهو ئي نظريو هو ۽ ان تي ئي سندس ايمان به هو، انڪري هو نرم لهجي ۾ ان ڳالهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ ان ۾ ڪامياب به رهيو.

فيض کي انقلاب لاءِ پنهنجي لئي کي تيز ڪرڻو نه پيو، پر سندس شاعري ۾ جيڪا سحر انگيز فضا نهندي هئي، اها ذهنن ۽ دلين ۾ انقلاب پيدا ڪندي هئي. يعني هڪ سطح تي سندس شاعري انقلاب کي نغمو ناهيندي هئي. ان طرح قاسمي صاحب فيض جي نرم لهجي جو دفاع ۽ سندس انقلابي فڪر جي حمايت ڪئي آهي ته سندس زندگي بابت نظريو به اهو ئي هو. البت اظهار جا درجا مختلف هئا. جيڪڏهن ڪنهن پنهنجي شاعري ۾ انقلاب جي سر يا لئي کي تيز رکيو آهي ته اها به هڪ اعليٰ سطح آهي. ان حوالي سان انقلابي شاعر جوش مليح آبادي جي شاعري جو مثال ڏئي سگهجي ٿو. پر فيض انقلابي پيغامن کي عام ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ هيو طريقو استعمال ڪيو، جيڪو نرم ۽ هيٺاهون هو.

قاسمي صاحب فيض جي روماني رخن کي سندس فڪري پاسن سان ملائي ڏٺو آهي ۽ سندس نظر ۾ جڏهن انهن جو ميلاپ ٿئي ٿو ته هڪ نئون دلڪشن روپ وٺي ٿو. اهو دلڪشن لفظن جو سرمايو، پنهنجي بنياد ۾ اهو

سرمايو رکي ٿو. جيڪو صدين کان اردو شاعريءَ جو مزاج رهيو آهي. فارسيءَ جي استعمال سان اردو زبان ان کي نواڻ بخشي ۽ مقبول بڻايو. فيض ان جي دامن کي وسيع کان وسيع تر ڪري ڇڏيو. ان طرح فيض اردو زبان کي هڪ طرح ڪشادگي بخشي. ان مضمون ۾ قاسمي صاحب اهو به چيو آهي ته فيض خصوصي طور خواجه حافظ جي اسلوب ۽ ٻوليءَ کي اينتري خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جو اڄ جي اردو شاعري جو اسلوب ئي اهو ٿي ويو آهي. هڪ ٻئي رخ طرف به قاسمي صاحب اشارو ڪيو آهي. اهو هي ته فيض کي ڪن شين سان نفرت به هئي ۽ تمام سخت نفرت هئي. اها نفرت سامراج، جاگيردار ۽ سرمائي دار طبقي سان هئي. ڪيس ساڳي نفرت انسانن جي استحصال ڪندڙ ڦورو طبقي سان به هئي.

هي سڀ نفرتون فيض جي انسان دوستي واري نظرئي جي گهيري ۾ اچي وڃون آهن. اهڙي طرح فيض جي مقصد واري شاعري، ان اعليٰ معيار واري شاعري آهي، جنهن کان سواءِ ٻيو ڪو به معيار انساني ذهن کي نه سجهيو آهي.

پر عام شاعرن وٽ نفرت جا اهي جذبا هڪ طرح جذباتي نعرا ۽ للڪار بڻجي ويندا آهن. جڏهن ته فيض وٽ اهي جذبا انسانيت سان پيار ۽ محبت سان سرشار هوندا آهن ۽ ان بي انتها محبت مان هڪ طرح اميد جو ڪرڻو نظر ايندو آهي. جيڪو مايوسيءَ مان نڪرڻ جو گس ڏيندو آهي. فيض پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي نه رڳو پنهنجي ملڪ پر پوري دنيا ۽ خاص طور ٽين دنيا جي مظلوم ماڻهن جي زخمن تي پها رکيا آهن.

ان مضمون ۾ احمد قاسمي انهن معنائن ۾ فيض کي هڪ نظرياتي شاعر قرار ڏنو آهي. هي مضمون هڪ طرح سان خراج عقيدت به آهي، جيڪو هن فيض جي وفات تي ڪيس خوبصورت لفظن ۾ پيش ڪيو آهي.

* احمد نديم قاسمي جو هي مضمون "فيض احمد تنقيدی جائزہ" مرتب: خليق انجم، انجمن ترقي اردو، نئي دهلي، 1985ع ۾ شايع ٿيو.

# پنهنجي دور جو آواز

فيض صاحب جي وفات کان پوءِ لنڊن ۾ ڪوئايل هڪ تعزيتي ميڙ ۾ مشتاق احمد يوسفي هي مضمون پڙهيو هو. هن مضمون ۾ هن موقعي مهل جي نسبت سان اهي ڳالهيون ڪيون، جن سان فيض جهڙي عهد ساز شاعر جي عظمت اجاگر ٿئي ٿي. پر ان سان گڏ هن فيض جي شاعري ۽ شخصيت جي بنيادي رخن تي به پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي.

هن پهرين ڳالهه اها ڪئي ته سندس دور ۾ يا ان کان اڳ سندس ذهن ۾ ڪنهن بئي اردو شاعر جو اهو تصور ئي نه هو ته ماڻهن شاعر جي سياسي نظرين سان ايڏا وڏا اختلاف ڪيا هجن ۽ وري بئي پاسي ايترو پيار به ڪيو هجي! نه ته عام طور ايئن ٿيندو آهي ته جيڪڏهن ڪو ڪنهن جي سياسي مسلڪ سان متفق نه هجي ته ان مان هزارين عيب ڪڍندو آهي، پر فيض سان ايئن گهٽ ٿيو آهي. اها ڳالهه بظاهر نئين پئي نظر اچي. پر اصل ۾ اهو ئي فيض جي شخصيت جو ڪرشمو هو. ساڻس سياسي نظرين سان بي حد اختلاف رکندڙن سندس شاعري ۽ شخصيت کي ڪڏهن به تڪراري نه بڻجڻ ڏنو. خود مشتاق احمد يوسفي به اقرار ڪيو آهي ته هو ساڻس سياسي اختلاف رکڻ باوجود هميشه سندس مداحن جي صف ۾ شامل رهيو. پنهنجي مخصوص ۽ وڻندڙ انداز ۾ فيض جي شخصيت جي ڪجهه پاسن بابت ان مضمون ۾ ذاتي مشاهدن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته:

’ڪجهه ڳالهيون اهڙيون آهن، جيڪي فيض صاحب جي مزاج ۽ مسلڪ جي خلاف هيون، مثلاً ڪيس ڪڏهن به

پيسن جو ذڪر ڪندي ڪونہ ٻڌو ويو. پنهنجي ڪنهن ضرورت جو ذڪر ڪندي ڪونہ ٻڌو ويو. زماني جي شڪايت يا پنهنجي سياسي نظرئي جي باري ۾ گفتگو ڪندي ڪونہ ٻڌو ويو.

هو ڪنهن جي گلا يا برائي نہ ٻڌي سگهندو هو. ڪوبہ سندس سامهون ڪنهن ٻئي جي گلا ڪندو هو تہ هو پنهنجي ذهن، زبان ۽ ڪنن جو سوئچ بند ڪري ڇڏيندو هو. هڪ دفعي مون کان پڇيائين 'توهان اج ڪلهہ ڪجهہ لکيو پيا يا بينڪ جي نوڪري مان واندڪائي ڪونہ ٿي ملي؟ مون چيو تہ فرصت ۽ واندڪائي تہ ڪافي آهي پر سست ٿي ويو آهيان. پڙهڻ جي عياشيءَ ۾ غلطان ٿي ويو آهيان. جڏهن ڪنهن ليکڪ کي پڙهڻ ۾ وڌيڪ مزو اچي تہ سمجهو تہ حرام خوري تي لهي آيو آهي. مان ڪافي، دير تائين پاڻ کي اهڙي طرح لوئيندو رهيس. فيض صاحب خاموشيءَ سان ٻڌندو رهيو. پوءِ شفقت مان پنهنجو هٿ منهنجي ڪلهي تي رکيائين ۽ ايترو ويجهو ٿيو جو سندس سگريٽ جو ڦلو منهنجي ٽائي تي ڪريو. چوڻ لڳو تہ يار اسان ڪنهن جي گلا ٻڌي نہ سگهندا آهيون. ڪنهن سان ساڙ رکڻ صحيح نہ آهي. پنهنجو پاڻ کي معاف ڪندو ڪر، درگذر ڪرڻ ثواب جو ڪم اٿئي.

• مشتاق احمد يوسفي فيض صاحب کي خواجہ الطاف حسين حالي ۽ رشيد احمد صديقي جي ڪٽر مان ليکيندي چيو آهي تہ اردو ادب جون اهي ٽئي شخصيتون هيون، جن جي ذاتي شرافت، سلڇڻائي ۽ بزرگي سندن لکتن مان ليئا پائيندي نظر ايندي هئي. اهي جهڙا اندر هئا تهڙا ٻاهرا فيض جي پوري شاعري سندس شخصيت جو بيمثال آئينو آهي.

يوسفي صاحب فيض جي نظم 'بول' کي نہ صرف ان جي بلڪ پوري ٽين دنيا جو 'عهد نامو' قرار ڏنو آهي. ان ۾ ڪيڏاري جو عجيب غريب جلال نظر اچي ٿو. اهو نظم فيض چاليهن واري ڏهاڪي ۾ لکيو هو. ايترن سالن

گذرڻ کان پوءِ به ان جي لئي توڙي چس يا مقصديت ۾ ذري برابر به فرق نه آيو آهي. گذريل سالن ۾ ايم-آر-ڊي واري تحريڪ ۾ اهو نظم پوري ملڪ جي ڳلين ۾ ائين گونجندو رهيو، جڻ فيض اهو تازو حالتن کي ڏسي لکيو هجي.

ان مضمون ۾ يوسفي صاحب فيض جي ٻين مضمونن کي سامهون رکي، نتيجو ڪڍيو آهي ته سندس اصل موضوع اول کان آخر تائين 'انسان جو ڏک' آهي. ڏٺو وڃي ته دنيا جي هر وڏي شاعر جو اهو ئي موضوع آهي. هر باشعور ليکڪ پنهنجي قلم سان، انسانيت جي ڏک، درد جو مرثيو لکيو آهي. ماڻهن جي ٽٽل حوصلن کي قوت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪين زندگي جي جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ جي فڪري قوت عطا ڪئي آهي ۽ اهو سڀ ڪجهه فيض پنهنجي شاعريءَ وسيلي ڪيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو فيض سان نظرياتي اختلاف رکڻ باوجود مشتاق احمد يوسفي لکيو آهي ته 'فيض انسانيت جي ڏک درد جو سرچشمو ڪنهن انڌي عقيدي مان نه پر، انسانن ٿيندڙ انيائن مان ورتو آهي:

> 'انسان جي ڏک جو سڀ کان ڏکوئيندڙ پهلو اهو آهي ته ان جي پوئيان ڪنهن نه ڪنهن انسان يا انساني طبقي جو هٿ هوندو آهي. غالباً اهو ان جو روشن رخ به آهي. 'ان ڪري جو مرض علاج لائق آهي'. ٽين دنيا جي ڏکن تي سندس گهري نظر هئي.'

اها جيڪا گهري نظر واري ڳالهه يوسفي صاحب ڪئي آهي. دراصل اهو فيض جو سياسي نظريو هو. کيس يقين هو ته ٽين دنيا جي عام انسانن جي ڏک درد جي دوا سندن گڏيل جدوجهد سان ممڪن آهي ۽ ان گڏيل جدوجهد کي هو سوشلسٽ فڪري نظام جي ويجهو سمجهندو هو. ان لحاظ کان هو انقلاب جو نعرو هڻندڙ نه سهي پر انقلابي نغمو ڳائيندڙ ضرور هو.

---

• مشتاق احمد يوسفي جو هي مضمون "فيض کے مغربی حوالے" جنگ پبلشرس لاهور، 1993ع ۾ ڇپيو.

# فيض جو آدرش

ان ۾ ته ڪي ٻه رايا ٽي نه ٿا سگهن ته فيض صاحب هڪ نظرياتي شاعر هو. انڪري اڪثر ماڻهن سندس شاعريءَ ڪي ان پسمنظر ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته آخر سندس نظريا ڪهڙا هئا؟ هو سماج ۾ ڪهڙي قسم جي تبديلي آڻڻ گهري پيو ۽ ماڻهن جي بهتري لاءِ ڪهڙي قسم جو سياسي يا سماجي نظام گهري پيو. ان سان گڏ ته هڪ حساس شاعر جي حيثيت ۾، زندگي ۽ حسن بابت سندس نظريا ڪهڙا هئا؟ سيد سبط حسن جي هن مضمون ۾ انهن سوالن تي بحث ڪيو ويو آهي. شايد اهو ئي سبب آهي جو هن پنهنجي مضمون جو عنوان ئي 'فيض جو آدرش' رکيو آهي. سبط حسن فيض جي ويجهن دوستن مان هو. سندس دوستيءَ جو مدار نظرياتي هڪجهڙائي تي هو. انڪري سندس لکتن مان اهو تاثر به ملي ٿو.

سبط حسن هن مضمون ۾ صرف فيض جي آدرشن جي باري ۾ ئي گفتگو نه ڪئي آهي پر ٻين ڪيترن ئي پاسن بابت هلڪا هلڪا اشارا به ڏنا اٿائين. مثلاً مضمون جي شروعات ۾ هن، ان طرف اشارو ڪيو آهي ته آخر فيض جو سوڳ پوري دنيا ۾ جهڙي ريت وڏي پيماني تي ملهايو ويو آهي، ان جو ڪهڙو سبب آهي؟ هن ان جا ڪيترائي سبب ڄاڻايا آهن: پهريائين ته هن اهو چيو آهي ته سندس مقبوليت جو اصل سبب صرف ۽ صرف سندس شاعري آهي. پر ان سان گڏ ٻيا به ڪيترائي ڪارڻ ان ۾ شامل آهن. ان ڏس ۾ هن، سندس شخصيت جي ڪشش جي طرف، اشارو ڪيو آهي. جنهن ۾ مٺاڻ ۽ نرمي هئڻ ڪري، ماڻهو سندس مريد هوندا هئا. هڪ ٻي شيءِ طرف هن توجهه ڏياري آهي

جنهن ۾ فيض صاحب جي شاعري کان علاوه زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ سندس خدمتون بہ شامل آهن. ٿيندو ايئن آهي تہ ڪافي ماڻهو شاعري ڪندا آهن، پر انهن مان ڪجهہ اهڙا هوندا آهن، جيڪي ان کان علاوه ٻين شعبن ۾ بہ پنهنجي عملي ڪارڪردگيءَ سبب نقش ڇڏي ويندا آهن. جنهن ڪري سندن مداحن جو ٽولو وڏي ويندو آهي. مثلاً هو شاعر تہ هئا ئي پر ان سان گڏ استاد ۽ تعليم جا ماهر پڻ هئا. فيض پنهنجي عملي زندگي جي شروعات انگريزي ادب جي ليڪچرار طور امرتسر مان ڪئي. پوءِ گورنمينٽ ڪاليج لاهور ۽ آخر ۾ عبدالله هارون ڪاليج ۾ پرنسيپال جي حيثيت ۾ درس تدريس جي دنيا سان واڳيل رهيو. هو برطانوي فوج ۾ بہ اعليٰ عهدي تي فائز رهيو هو. صحافت جي دنيا سان وابستگيءَ کيس هڪ نئين دائري ۾ ڇڪي آئي. 'پاڪستان ٽائيمس' جي ايڊيٽر طور هن پاڻ کي هڪ مجيل صحافي طور مجرايو. فن ۽ ثقافت جي دنيا ۾ هن اڻٿڪ محنت ڪئي. ٽريڊ يونين جي سرگرمين ۾ بہ هن ڀرپور حصو ورتو. پاڪستان ۾ امن جي تحريڪ سان واڳيل رهيو. پنهنجي اعليٰ خدمتن جي عيوض کيس 'لينن امن ايوارڊ' بہ مليو. مطلب تہ هن پنهنجي زندگي ڀرپور انداز ۾ گذاري. هن عمر جي هر حصي ۾ جدوجهد ڪئي.

فيض جي آدرش بابت لکڻ کان اڳ، سبط حسن پڙهندڙن کي اهو ياد ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ جڏهن هو فيض جي شاعري جو مطالعو ڪن تہ انهن رخن کي بہ نظر ۾ رکن. ان کان پوءِ هن مضمون جي ٻئي حصي جي شروعات ڪئي آهي. مضمون جي ان حصي ۾، هن فيض جي سموري شاعري کي سامهون رکيو آهي. هن لکت جي شروعات ان دور کان ڪئي آهي، جڏهن فيض عشق جي روڳ ۾ ورتل هو، پر ترقي پسند تحريڪ سان لاڳاپي کان پوءِ وٽس جيڪا تبديلي آئي، ان زماني وارين حالتن تي بہ چڱي تفصيلي روشني وڌي اٿائين ۽ اهو ٻڌايو آهي تہ اهو ڪهڙو زمانو هو، جڏهن فيض فاشزم جي خلاف عملي جدوجهد ۾ حصو ورتو.

ان مضمون جي ٽئين ۽ آخري حصي ۾ هن فيض جي حسن بابت نظرئي جي پس منظر ۾ لکيو آهي تہ:

'فيض صاحب حسن ۽ محبت جو شاعر آهي. سندس
آدرش دنيا ۾ حسن ۽ محبت جي حڪمراني آهي. زندگي

مان لطف اندوز ٿيڻ جو جذبو، ذات جي غم ۽ زماني جي غم سان گهرو تعلق، سندس انسان دوستي ۽ حب الوطني، سندس انقلاب پسندي ۽ آرزومندي سڀ درد عشق جا ئي استعارا آهن.

هتي هن هڪ اهم سوال اٿاريو آهي ته فيض جو حسن وارو نظريو اهو ئي آهي، جيڪو اسان جي صوفين جو آهي. ان جا سبب سماجي نوعيت جا به آهن. هن فيض جي حسن بابت نظرئي بابت وڏي شوق سان چيو آهي ته فيض ادب براءِ ادب ۽ وجودي فلسفي تي يقين نه رکندو هو. هو نه ڪير ڪي گارڊ کان متاثر آهي نه وري ڪيٽس جي حسن بابت نظرئي سان متفق آهي. هو مضمون ۾ فيض جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته:

’شاعر ڪيٽس ڪجهه به چئي، حسن مان صحيح راحت تڏهن ملي سگهندي، جڏهن ڏسندڙ پاڻ انکي ڏسي پنهنجي جذبي. خيال يا عمل ۾ حسن جو اضافو ڪري سگهي. هڪ يوناني گلدان جو ڪنهن نظم جو موضوع پيدا نه ڪري، اهو پنهنجي حسن جي باوجود صرف مٽيءَ جو ڪونڊو ئي هوندو.‘

سبط حسن ان مضمون ۾ فيض جي شاعري جي هڪ ٻئي رخ يعني فلسطيني حريت پسندن جي جدوجهد سان سندن فڪري ۽ عملي وابستگي جو به حوالو ڏنو آهي. سندس نظر ۾ فيض جي ان بيان جي به تصديق ٿئي ٿي، جنهن ۾ هن چيو هو ته شاعر جو ڪم صرف مشاهدو نه پر مجاهدو به آهي. هن اها ڳالهه ڪافي وقت اڳ ڪئي هئي. پر ان جو عملي ثبوت سندس بيروت ۾ رهڻ دوران سيني جي سامهون آيو. فيض جي آدرش جي تلاش ۾ سبط حسن سندس انقلابي لهجي کي به ساراهيو آهي ۽ خصوصيت سان سندس يقين ۽ اميد پرستي جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ان تي جديد سماجي فلسفي جي حوالي سان هن روشني وڌي آهي ۽ فيض جي ڪيترن ئي خوبصورت نظمن جا حوالا ڏنا آهن.

- سيد سبط حسن جو هي مضمون 'فيض کے مغربی حوالے' مرتب اشفاق حسين، جنگ پبلشرس لاهور-1993 ۾ ڇپيو.

# فيض

مالڪ رام اردو ادب جو هڪ ممتاز محقق هو ۽ پنهنجي دؤر جي هڪ وڏي علمي ۽ ادبي شخصيت هو. ان حوالي سان فيض احمد فيض جهڙي مقبول ۽ مشهور شاعر جي فن ۽ فڪر تي سندس راءِ اهميت رکي ٿي. فيض جي شاعري ۽ شخصيت جي ڪجهه رخن بابت هن پنهنجي مختصر راءِ ڏني آهي.

پهرين ڳالهه هن اِها چئي آهي تہ ويهين صديءَ جي وڏن شاعرن ۾ اقبال ۽ جوش ڪانپوءِ فيض جو نالو آهي. ان سان گڏ ٻن ٻين مقبول شاعرن جو هن نالو ورتو آهي، جيڪي حفيظ جالنڌري ۽ جگر مراد آبادي آهن. وري پاڻ ئي ان جو اعتراف ڪيو اٿس تہ اهي ٻئي شاعر پنهنجي دؤر ۾ مشهور تہ هئا پر ان فهرست ۾ رکڻ جي لائق نہ آهن.

ان ڪري فيض تي ڳالهائڻ کان اڳ، هن اقبال ۽ جوش جي باري پنهنجو مؤقف بيان ڪيو آهي. اقبال جي ڪلام کي قرآن ۽ حديث جو سرچشمو قرار ڏيندي، ان کي بنيادي صداقت وارو قرار ڏنو آهي. ساڳئي وقت اهو بہ چيو اٿائين تہ اقبال کي سڀ کان وڏو خطرو پنهنجي مداحن عقيدتمندن مان آهي. ۽ جوش جي شاعريءَ کي آزاديءَ واري جنگ جو نتيجو قرار ڏنو آهي. ۽ سندس خيال موجب جوش هڪ وچ ٿرائي ۽ اعتدال جو نالو ناهي. انهن ٻنهي شخصن جي پسمنظر ۾ هن فيض جي شاعري ۽ شخصيت بابت هيٺينءَ ريت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي:

"فيض جو معاملو، انهن ٻنهي همعصر شاعرن کان مختلف آهي. سندس مذهب سان نالي ماتر وابستگي

آهي. حالانڪ هن پنهنجي تعليم جي شروعات فارسي ۽ عربيءَ سان ڪئي. سندس استادن ۾ ان وقت جا ڪجهه مشهور عالم به هئا. بلڪ شروع ۾ هن قرآن شريف حفظ ڪرڻ جي به ڪوشش ڪئي، جيڪا ٽن سيپارن کان اڳتي وڌي نه سگهي. پوءِ هن انگريزيءَ سان گڏ عربيءَ ۾ ايم. اي. ڪئي، پر ان باوجود سندس مذهب سان ڪو گهرو تعلق جڙي نه سگهيو ۽ هو ڪميونسٽ ٿي ويو. ظاهر آهي ته اهڙي صورت ۾ هُو اقبال جي زير اثر اچڻ يا ان جي تقليد ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نه پئي ٿيو. جوش وانگر زبان تي سندس گرفت مضبوط نه هئي. سندس ڪلام ۾ ٻوليءَ جون ڪيتريون ئي غلطيون موجود آهن. اِها ٻي ڳالهه آهي ته وقت گذرڻ سان گڏ اهي غلطيون به درست تسليم ڪيون وڃن ۽ انهن کي زبان جو حصو مڃيندي سند طور پيش ڪيو وڃي. اهڙيءَ طرح جوش جو جوش جذبو ۽ گجگوڙ به فيض جي ڪلام ۾ گهٽ ملي ٿو."

هن مضمون کي پڙهڻ کانپوءِ ايئن ٿو لڳي ته مالڪ رام صاحب کي فيض جو ڪميونسٽ هجڻ سٺو نٿو لڳي. جيئن ته فيض جي شخصيت جي نرمي ۽ سندس ڌيمي لهجي جو قائل هو ۽ ان مضمون ۾ ان ڳالهه تي فخر ظاهر ڪيو اٿائين ته فيض سان سندس تيهن ورهين کان تعلقات هئا. جڏهن ته ان تعلق دوران هن ڪڏهن به ان جي لهجي ۾ تلخي نه ڏٺي. هو هڪ نرم دل ۽ نرم مزاج شخصيت جو مالڪ هو ۽ بقول مالڪ رام اتان ئي هو ڀٽڪي ويو:

"مظلومن ۽ زيردستن سان همدردي ان جي ضمير ۾ شامل هئي. ڪميونزم ان راهه تان وار ڪندو آهي. هو ٺيٺ اسلامي ماحول ۾ پيدا ٿيو. سندس تعليم به اسلامي انداز سان ٿي. مير محمد ابراهيم سيالڪوٽي. شمس العلماء مير حسن جيڪي اقبال جا استاد هئا. سي سندس به استاد هئا. اهڙي خاندان ۽ اهڙن استادن جي تربيت هيٺ رهندڙ شخص ٺيٺ مسلمان کانسواءِ ٻيو ڪجهه ٿي نٿو سگهي.

پر انهن سيني ڳالهين باوجود فيض ڪميونسٽ ٿي ويو.“

ان ڪانپوءِ هن ان مضمون ۾ اهو به ٻڌايو آهي ته ڪهڙيءَ طرح امرتسر ۾ رهندي، فيض ڊاڪٽر رشيد جهان ۽ صاحبزاده محمود الظفر جي صحبت ۾ خراب ٿيو. جڏهن ته ايترو خراب ٿيو جو ڪميونسٽ بڻجي ويو:

”رشيد جهان کيس چيو ته تون پنهنجي اوڙي پاڙي جا ڏک درد وساري ڇڏ. دنيا جا ٻڪ سور تنهنجي توجهه جا مستحق آهن. ان جو واحد علاج ڪميونزم ۾ آهي. لوهه گرم هو. ان تي زال مڙس جي تلقين جو متر ڪو لڳو ۽ هن ساڻن ها ۾ ها ملائي. اهو آهي مختصر سندس ڪميونسٽ بڻجڻ جو داستان.“

مالڪ رام جي زباني فيض جي ڪميونسٽ بڻجڻ جي اِها مختصر ترين ڪهاڻي ٻڌي، پڙهندڙن کي يقينن کل ايندي. جڏهن فيض کي ٻن ٽن سالن جو ڪو ننڍڙو ٻارهو. جنهن جي وات ۾ ڪميونزم جي چوپٽي وجهي کيس خوش ڪيو ويو. جنهن ۾ نه سندس علم جو دخل هو، نه سندس شعور جي رهنمائي هئي، نه هو تاريخ جي جدلياتي تصور کان واقف هو ۽ نه ئي هو ان عالمي جدوجهد کان واقف هو. جيڪا ورهين کان مظلوم ۽ مجبور انسان پنهنجي سماج جي ظالم قوتن خلاف ڪري رهيو هو. نه سندس پنهنجو ڪو نقطہ نظر هو ۽ نه ئي سندس ڪا پنهنجي واضح سوچ هئي.

مضمون جي آخر ۾ مالڪ رام هيءُ حڪم پڻ صادر ڪيو ته سندس شاعريءَ ۾ ڪميونزم جو ڪٿي ڪو پاڇو به نه ٿو لڀي، شايد سندس نظر فيض جي ان مصرع تي نه وئي:

جزا سزا سب یہیں پہ ہوگی
یہیں عذاب و ثواب ہوگا
یہیں سے اٹھے گا شور محشر
یہیں پہ روز حساب ہوگا۔

---

- مالڪ رام جو هيءُ مضمون ”فیض احمد فیض ایک تنقیدی جائزہ“ مرتب خليق انجم، انجمن ترقي اردو نئين دهلي 1985ع ۾ ڇپيو.

# هڪ مهربان جي ياد ۾

جيئن تہ هي مضمون پروفيسر جگن ناٿ آزاد، فيض صاحب جي لاڏاڻي تي پنهنجي يادن جي حوالي سان لکيو هو، تنهنڪري ان ۾ گھڻي قدر اهي ڳالهيون آهن، جيڪي سندن تعلقات جي باري ۾ آهن. انهن لاڳاپن جي پسمنظر ۾ پوري ان دور جون ڪافي ڳالهيون سامهون اچي وڃن ٿيون. اهي ڳالهيون اهڙن مضمونن ۾ ئي ملي سگهن ٿيون. ذاتي ميل ميلاپ ڪان علاوه جگن ناٿ، فيض صاحب جي شاعريءَ بابت بہ رايا ڏنا آهن.

فيض جي شاعري بابت ذڪر ڪندي، هن مضمون ۾ ڄاڻايو آهي تہ فيض جي باري ۾، هميشہ ٻہ متضاد رايا موجود رهيا آهن. جيڪي سندس وفات کان پوءِ بہ ختم ناهن ٿي سگهيا. هڪ ٽولو سندس شاعريءَ جو مداح هو تہ ٻيو وري انجو مخالف. ايتري قدر جو هو، ڪيس شاعر ئي نہ سمجهندو هو.

جگن ناٿ هڪ واقعو پنهنجي والد پنڊت تلوڪ چند محروم جيڪو پنهنجي دور جو هڪ نالي وارو اديب ۽ شاعر هو، ان جي حوالي سان لکي ٿو تہ 'هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي، جڏهن فيض جو پهريون مجموعو '*نقش فريادي*' شايع ٿيو هو. تلوڪ صاحب جي هڪ دوست پنڊت ميلا رام وفا ان ڪتاب جو هڪ نسخو ڪيس هٿ ۾ ڏيندي چيو تہ: ڪاغذ، ڪتابت ۽ ڇپائي تي اهڙي طرح پيسا برباد ٿيندي تو ڪڏهن ڪو نہ ڏٺا هوندا. ڪتاب ۾ هڪ مصرعو بہ ڪم جو نہ آهي. فيض جي پهرين شعري مجمعي بابت جگن ناٿ آزاد جو اهو پهريون تعاون ڪافي ڇرڪائيندڙ هو. غنيمت تي جو ان وقت تلوڪ چند محروم، ميلا رام سان ان بابت مڪمل سهمت نہ ٿيو. ڪيس چيو تہ اردو

شاعري ۾ هي هڪ نئون نڪور آواز آهي. ان واقعي کان 30-35 سال بعد جڳن ناٿ آزاد سان ڳالهه ٻولهه ڪندي، پروفيسر منظور حسين شور چيو تہ: فيض جي شاعري تہ شاعري ئي ناهي، بلڪ شاعريءَ سان مذاق آهي. تہ انهن ٻنهين نالي وارن شاعرن جي راين کان پوءِ جڳن ناٿ اهو نتيجو ڪڍيو تہ فيض جي شاعري هميشہ پسند ۽ نا پسند جي وچ ۾ ڀٽڪندي رهي آهي. پر وقت سان گڏوگڏ فيض جي مداحن جي انگ ۾ واڌارو ايندو رهيو آهي. آزاد صاحب خود پنهنجي مضمون ۾ اهو اعتراف ڪيو آهي تہ مون جڏهن پهريون ڀيرو 'نقش فريادي' جو مطالعو ڪيو تہ ڪافي نظم مونکي سمجهہ ۾ ئي نہ آيا. فيض جنهن انداز ۾ مخاطب ٿيو آهي، ان انداز کان اسان اڃا نا واقف آهيون. پر پوءِ آهستي آهستي هو بہ پنهنجي والد صاحب وانگر فيض جي شاعريءَ جي سحر ۾ وڪوڙبو ويو.

فيض سان هڪ ڀيرو ملڻ کانپوءِ جڳن ناٿ جا ساڻس لاڳاپا اڃا بہ گهرا ٿي ويا ۽ آخر ۾ هو ٻئي پاڻ ۾ سٺا دوست ٿي ويا. فيض سان پهرين ملاقات بابت هو لکي ٿو تہ: هو فيض سان پهريون ڀيرو پطرس بخاري، ڊاڪٽر تاثير ۽ پنڊت هري چند اختر سان گڏ، صوفي غلام مصطفيٰ جي گهر مليا هئا. جيڪا هڪ طرح چاڻ سڃاڻ واري پهرين ملاقات هئي، جيڪا دعا سلام کان اڳتي وڌي نہ سگهي. جڏهن تہ ساڻس صحيح ملاقات هندستان جي ورهاڱي کان ٿورو اڳ، لاهور ۾ پاڪستان ٽائيمز جي آفيس ۾ ٿي هئي. ان ملاقات جو احوال هن مضمون ۾ تفصيل سان بيان ڪيو آهي.

پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ پاڪستان ۽ هندستان جي گڏيل مشاعرن کان علاوه جڳن ناٿ لنڊن ۾ فيض صاحب سان ٿيندڙ ملاقاتن جو ذڪر ڪيو آهي، جڏهن فيض صاحب 'لينن امن انعام' وٺڻ کانپوءِ سال ٻن لاءِ لنڊن ۾ رهائش اختيار ڪئي. تڏهن ساڻس مختلف پروگرامن ۾ ملاقاتون ٿينديون رهيون. جڳن ناٿ آزاد فيض صاحب کي انهن ڏينهن ۾ ڏاڍو خوش ۽ مطمئن ڏٺو. ان بابت بہ هن مضمون ۾ ذڪر ڪيو آهي پر لاهور جو هڪ واقعو جيڪو جنرل ضياء الحق جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ جو آهي. ڪافي حيرتناڪ آهي. اهو زمانو 1977 جو آهي، جڏهن پاڪستان ۾ 'اقبال جي صدي' وارن پروگرامن ۾ شرڪت لاءِ هو هندستاني وفد سان گڏ پاڪستان آيو هو. ان جو ذڪر

ڪندي آزاد صاحب لکي ٿو ته:

’ٻئي ڏينهن صدي پروگرام شروع ٿيڻ وارا هئا. ان ڏينهن هڪ عجيب ۽ غريب واقعو رونما ٿيو. گڏجاڻي شروع ٿيڻ ۾ اجا پنج ست منٽ رهجي ويا هئا ۽ فيض صاحب اجا نه آيو هو. مان دروازي وٽ سندس انتظار ۾ بيٺو هيس، ايتري ۾ فيض صاحب آيو ۽ پڇيائين ته تون اجا پروگرام ۾ نه ويو آهين. پروگرام ته شروع ٿي چڪو هوندو.

مون وراڻيو ته اجا ٻه منٽ آهن. مان اوهان جي انتظار ۾ بيٺو آهيان جو ڪالهه بار ۾ مان توهان سان مئي واري محفل ۾ شريڪ نه ٿي سگهيس. ان لاءِ معذرت ڪيان پر پهريائين توهان ڪائونٽر تان پنهنجو بريف ڪيس، پروگرام ۽ بيج وٺو. منهنجي برين ڪيس کي ڏسي چوڻ لڳو: اهو هتان مليو اٿئي؟ مون وراڻيو ته ها. ڏاڍو خوبصورت آهي. هر ساڏيءَ کي ملي رهيو آهي، توهان به وٺجو. اسان ڪائونٽر تي پهتاسين ته فيض ڪائونٽر تي ويٺل هڪ ماڻهو کي چيو ته ادا. اسان کي بريف ڪيس ۽ پروگرام ڏيو ته ان ڪائنس پڇيو ته ’اوهان جو نالو؟‘ فيض. ان تي ويٺل ماڻهو ڪائنس وري پڇيو ته پورو نالو ٻڌايو؟ ان سوال فيض تي ڪهڙو اثر ڇڏيو هوندو! مون کي ته چڪر اچڻ لڳا.

جگن ناٿ اهڙا ٻيا به ڪيترائي ٽڪين ڏنا واقعا بيان ڪيا آهن ۽ شروع کان وٺي اخر تائين مضمون ۾ دلچسپي برقرار رکي اٿائين. اهو مضمون ان دور جون ادبي جهلڪيون به پيش ڪري ٿو.

---

• پروفيسر جگن ناٿ آزاد جو اهو مضمون *’فيض احمد فيض ايک تنقيدی جائزه‘* مرتب خليق انجم انجمن ترقي اردو نئي دهلي 1985 ۾ ڇپيو.

# فيض جون ڳالهيون

فارغ بخاري ناميارو ترقي پسند اديب ۽ شاعر هو. پشاور ۽ ان جي پرپاسي وارن شهرن ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين جي پيغام کي اڳتي وڌائڻ ۾ سندس نالو سر فهرست آهي. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ٺي هو ان تنظيم سان واڳجي ويو هو. ان حوالي سان فيض صاحب سان سندس پراڻا تعلقات هئا.

فيض صاحب جي مرتئي تي هن هي مضمون لکيو، جنهن ۾ هن فيض صاحب بابت ڪجهه ڳالهيون ۽ سندس شاعري بابت ڪجهه سرسري رايا به ڏنا آهن. مضمون جي شروعات ۾ هن گڏيل هندستان جي شهر لاهور ۾ ٺهندڙ تحريڪ 'حلقه نياز مندانِ لاهور' جو ذڪر تفصيل سان ڪيو آهي. سندس چوڻي فيض صاحب جڏهن لاهور جي پراڻين ادبي گڏجاڻين کي ياد ڪندو هو ته ان حلقي جو ذڪر دلچسپيءَ سان ڪندو هو. اها هڪ طرح جي ادبي اوطاق هوندي هئي، جنهن ۾ هڪ طرف علامه تاجور نجيب آبادي ته ٻئي طرف حفيظ جالنڌري، پطرس بخاري، ڊاڪٽر تاثير، امتياز علي تاج، صوفي غلام مصطفيٰ تبسم، پنڊت هري چند وغيره هئا. ان ادبي اوطاق ۾ فيض هڪ طرح هيو به ۽ نه به هو. يعني پنهنجي طبيعت مطابق هو انهن گڏجاڻين کان پري هوندو هو. پر سندس نياز مندي انهن ماڻهن سان هوندي هئي. فارغ بخاري فيض صاحب جي شخصيت جي مخصوص وضعدار رخن بابت هن ريت لکيو آهي:

'دراصل عمر جي لحاظ کان فيض حلقه نياز مندانِ
لاهور جي سيني دوستن پطرس بخاري، صوفي تبسم،

تاثير، حفيظ ۽ هري چند اختر وغيره کان جونيئر هو، پر انهن سان سندس دوستي به هئي. هو ان تڪراري حلقي ۾ شامل هئڻ باوجود الڳ رهيو. سچ ته هو ايترو ته مروت ۽ وضع وارو هو، جو هميشه اهڙي قسم جي تڪرارن کان الڳ رهندو هو. محبت سندس زندگي جو منشور هئي. ان محبت جي جادؤ سان هن دشمنن جون دليون کٽي ورتيون هيون. مخالفن کي سندس نظرين سان اختلاف هو، پر سندس ذات کان ڪنهن کي به شڪايت نه هئي.'

فيض صاحب کي ويجهو رهندڙ دوستن جي اها راءِ هئي. جنهن جو ذڪر فارغ بخاريءَ پنهنجي انداز ۾ ڪيو آهي. يعني سندس شاعري، سندس نظرين توڙي سياسي خيالن سان ته ڪافي ماڻهن کي اختلاف هو، پر سندس بدترين دشمن به سندس طلسماتي شخصيت کي داد ڏيڻ کان رهي نه سگهندا هئا.

فارغ بخاري ان مضمون ۾ بيا به اهڙا ڪيترائي واقعا لکيا آهن، جن سان فيض صاحب جي شخصيت جا ڪافي رخ روشن ٿين ٿا. هو فيض صاحب بابت هڪ واقعي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته:

'جن ڏينهن ۾ فيض صاحب پوسٽ مين يونين جو صدر هو، انهن ڏينهن ۾، اتفاق سان ڪيس ڪنهن پروگرام جي صدارت لاءِ پشاور اچڻو هو. انهن ڏينهن ۾ هو اڪثر اسان وٽ اچي رهندو هو. اطلاع ملڻ تي مان ڪيس وٺڻ لاءِ اسٽيشن ويندو هيس. هڪ ڏينهن ڏسان ته هن صبح ٿي صبح اطلاع ڏيڻ کان سواءِ اچي ٺڪاءُ ڪيو.

'مون چيو فيض صاحب اطلاع ڏين ها ته مان توکي اسٽيشن تي وٺڻ اچان ها. هن وراڻيو ته "مون سمجهو ته تون پشاور ۾ نه آهين. انڪري اسٽيشن تي مونکي وٺڻ نه آيو آهين! مون کيس چيو ته فيض صاحب مونکي ته سڌ ئي نه هئي. هن چيو ته مون ته ڪالهه ئي توکي تار ڪئي هئي. اسان اجا ڳالهايون ئي پيا ته پوسٽ مين تار کڻي پهتو. مون کيس چيو ته ڏس. اها اٿئي انهن جي

ڪارڪردگي، جنهن جي يونين جو تون صدر ٿيو آهين.
فيض صاحب مسڪرائيندي چيو تہ ٺيڪ آهي، غريب ڪي
ڪو ڪم تي پيو هوندو.'

فيض صاحب لاءِ بين ڪيترن ئي ليڪڪن اهو لکيو آهي تہ سندس چهري تي سدائين اطمينان ۽ سڪون هوندو هو. شاعري ۾ تہ سندس ٽٽل دل جي صدا ٻڌڻ ۾ ايندي هئي، پر سندس چپن تي ڪڏهن بہ ڪا شڪايت نہ آئي. فارغ بخاري ان مضمون ۾ هڪ اهڙو واقعو بہ لکيو آهي جڏهن فيض اداس ۽ فڪرمند نظر آيو. هي انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي، جڏهن ضياء الحق جي مارشل لا نئين نئين لڳي هئي. هر طرف خوف ۽ دهشت جو راج هو. اجا فيض صاحب جلاوطن نہ ٿيو هو. فارغ بخاري لکي ٿو تہ 'مان انهن ڏينهن ۾ لاهور ويس تہ فيض صاحب سان ملڻ سندس گهر ويس تہ مون کيس ڏاڍو اداس ۽ ڏکارو ڏٺو. مون ڏٺو تہ هو خاموش ۽ چپ چاپ هو. ڪافي دير کان پوءِ مون کانئس پڇيو سائين! اوهان جي طبيعت ڪيئن آهي؟ چوڻ تہ ڏکهي سوچ ۾ ٻڏو پيو هو. اوچتو شرڪ پري، چوڻ لڳو، ٺيڪ آهي. صبح اخبار ۾ پڙهيم تہ اسڪول جي ننڍي ٻار کي ڦٽڪا هنيا ويا آهن. جنهن ۾ هڪ 12 سالن جو ٻار بہ هو، جيڪو ستين درجي جو شاگرد هو. ان وقت کان طبيعت تي بار آهي. حيران آهيان تہ آخر هي ڇا ٿي رهيو آهي! مطلب تہ اهڙن ڪوڙ سارن واقعن کي فارغ بخاري نقل ڪيو آهي. اتفاق سان جڏهن فيض صاحب جلاوطني طور لنڊن ۾ هو تہ فارغ بخاري بہ لنڊن ۾ هو. فيض صاحب سان اتي بہ سندس ملاقاتون ٿينديون رهيون. انهن بابت بہ هن مضمون ۾ ڪافي تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي.

مضمون جي آخري حصي ۾ بخاري صاحب فيض جي شاعري جي باري ۾ ڪجهہ ڳالهيون لکيون آهن ۽ صاف صاف لکيو آهي تہ هو اقبال کان پوءِ بيشڪ وڏو شاعر آهي. پر جهڙي ريت ڪيس فيض جي شاعري جي باري ۾ لکڻ کپندو هو، هو ان طرح نہ نڀاهي سگهيو آهي.

---

- فارغ بخاري جو هي مضمون 'فيض احمد فيض' مرتب: خليق انجم، انجمن ترقي اردو نئي دهليءَ 1985 ۾ ڇپيو آهي.

# فيض جي وفات تي هڪ خط

ظ. انصاري جهڙي طرح روانگي سان گفتگو ڪندو هو، بلڪل اهڙي طرح لکندو بہ هو ۽ هي مضمون جيڪو هن "فيض جي وفات تي هڪ خط" جي صورت ۾ لکيو آهي، ان ۾ بہ انهيءَ گفتگو جهڙو انداز آهي. هن فيض کي ڏٺو بہ ۽ ڏيان سان پڙهيو بہ آهي. جتي سندس لهجي ۾ دوستاڻي ۽ پنهنجائپ جو رنگ آهي، اتي هڪ عالماڻو شان بہ آهي. هي ادبي خط هن "عصري ادب" جي ايڊيٽر ۽ پنهنجي وقت جي هڪ ممتاز ترقي پسند نقاد ڊاڪٽر محمد حسن جي نالي لکيو آهي. هيءُ خط ڇو لکيو ويو، ان جو راز ان وقت کلي ٿو، جڏهن هي مضمون پنهنجي پڄاڻي تي پهچي ٿو، هو چوي ٿو تہ:

"هاڻي رات جا 10 وڳا آهن. مهاراشٽر اردو اڪيڊمي جو تعزيتي ميڙ هو، اتان آيو آهيان. ڏاڍو ٿڪل آهيان. ڏک ۽ ڪاوڙ مان اجا ڇوٽڪارو ناهي مليو. ڏک پنهنجي جاءِ تي، ڪاوڙ ان ڳالهہ تي آهي تہ اسانجي ٻولي جو هڪ پهرئين جوڙ جو افساني نگار بيدي ۽ پهرئين جوڙ جو بيمثال فيض دنيا مان هليو وڃي ۽ اسان جي هيءَ اڪيڊمي ان تي نمائنده جلسو ڪري! اردو آبادي جي وچ ۾ جلسو هزارن جو ميڙ هجڻ گهرجي ها پر جلسو ستين ماڙ تي، نہ ڪو ڊائس، نہ ڪا مائڪرو فون، نہ اخباري نمائندا. نہ ٽيپ رڪارڊر، نہ فوٽوگرافر. نہ ڪو راڳي، ڪاليج جا عام

ليڪچر به شايد ان ڪان وڌيڪ اهتمام سان ٿيندا هوندا. اڄ مون کي فيض تي ٻيون يا ٽيون پيرو تقرير ڪرڻي هئي. سوچي ويو هيس پر ڪاوڙ ايتري آئي جو اصل موضوع سان انصاف ئي نه ڪري سگهيس... دل گهريو ته فيض جي تعزيت مجروح کي ڏيان ۽ اڪيڊمي جي تعزيت اردو کي، سو ايئن ئي ڪيم ۽ هاڻي هن اڻپوري خط کي اڻپورو ئي ڇڏيان ٿو".

ظاهري طور هي هڪ اڻپورو خط آهي، دراصل فيض جي شاعريءَ تي لکيو ويندڙ هڪ بي حد خوبصورت مضمون آهي. ان ۾ ڪجهه يادون ۽ ڪجهه واقعا آهن پر جتي جتي فيض جي شاعري تي تنقيدي راءِ ڏني وئي آهي، اها هڪ الڳ علمي ۽ ادبي درجو رکي ٿي. دراصل هن مضمون جو محرڪ اهو ڪتاب آهي جيڪو *"صليبيں مرے دريچے ميں"* جي نالي سان شايع ٿيو هو ۽ ان ۾ جيل مان لکيل فيض جا اهي خط آهن، جيڪي هن ايلس جي نالي لکيا هئا.

ظ. انصاريءَ پوري اعتماد ۽ يقين سان اها ڳالهه چئي آهي ته فيض جي شاعريءَ کي سمجهڻ لاءِ، خصوصاً ان زماني جي شاعريءَ کي سمجهڻ لاءِ جيڪا هن جيل ۾ لکي، فيض جا خط پڙهڻ کانسواءِ پوري طرح سمجهي ئي نٿو سگهجي. انهن خطن کي پڙهڻ کان پوءِ ئي خبر پوي ٿي ته هو زندگيءَ کي ڪهڙي طرح ڏسندو هو. هن وٽ انسانيت لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون ترجيحون ضروري هيون. ادب جي باري ۾ هن جو ڪهڙو نظريو هو. زبان جي لهجي تي هن کي ڪيتري قدر يقين هو ۽ ٻيو هي ته انهن ڏينهن ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب سندس مطالعي هيٺ رهيا. ۽ ڪهڙن ڪهڙن اديبن ۽ فلسفين کان متاثر ٿيو. ظاهر آهي ته هي خط جيل مان سنسر ٿيڻ کان پوءِ ٻاهر پهچندا هئا. تنهنڪري انهن ۾ سياسي حوالا نه هئڻ برابر آهن ۽ ان ۾ به ڪهڙو شڪ آهي ته فيض جي شاعري ۽ زندگي ٻنهي ۾ سياست هڪ اخلاقي قدر طور شامل آهي. سياسي حوالن کان علاوه انهن خطن ۾ تقريباً اهو سڀ ڪجهه آهي، جيڪو فيض جو مطالعو ڪرڻ وارن لاءِ ضروري آهي. انهن خطن ۾ ڪيترن نظمن جي "نزول جو شان" به ظاهر ٿيو آهي. اهڙي ريت انهن خطن جي روشني ۾ ظ. انصاري فيض

جي شاعريءَ جي مخصوص پهلوئن ڏانهن اشارا ڪيا آهن.

ان پنهنجي خط جهڙي مضمون ۾ ڪيترين ئي ذيلي سرخيون به آنديون آهن ۽ انهن تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو آهي. انهن سرخين ۾ پهرين سرخي هيءَ آهي ته ”! چا ته مانجهي مڙس هوا“ ان باب ۾ هن فيض جي شخصيت ۾ دلڪشي ۽ جاذبيت جي عنصرن ڪي هڪ خط جي حوالي سان بيان ڪيو آهي ته ڪهڙي طرح ان جي انقلابي ۽ نرم دل هڪ پڪيءَ ڪي به تڪليف ۾ نه ڏسي سگهندي هئي. ظ. انصاري فيض جي گهٽ ڳالهائڻ واري خوبي ڪي به ساراهيو آهي. سوويت يونين ۾ فيض احمد فيض تي جيڪو پهريون مضمون ”شام انتظار ڪا تنها شاعر“ جي عنوان سان شايع ٿيو. اهو ظ. انصاري جو ئي لکيل هو. ظ. انصاري لکي ٿو ته:

'ان جي لکڻ جو ڪارڻ اهو هو ته انهن ڏينهن ۾ ماسڪو جي، مقتدر حلقن ۾ فيض ڪي لينن پرائز ملڻ جون ابتدائي تياريون هيون، جنهن جي يقيناً فيض ڪي ڪجهه نه ڪجهه ڄاڻ ضرور هئي. هاڻي ته ماسڪو طرفان فيض صاحب کان گهرمتان لڳاتار رهي هئي ته، پنهنجي باري ۾ ڪجهه لکو يا لکرائي موڪليو. پر ان باوجود فيض ان بابت اها دلچسپي نه ڏيکاري جنهن جي ڪنهن به بئي شاعر کان توقع ڪري بئي سگهجي، يعني هو پنهنجي باري ۾ ڳالهائڻ يا پنهنجي شاعري جي سانچي ڪي زمين ۽ آسمان سان ڳنڍڻ ۾ صفا ڪورو هو. اهڙي طرح ظ. انصاري ڪي پاڻ فيض جي شاعري جي باري ۾ مضمون لکڻو پيو هو. هو ان وقت ماسڪو ۾ ئي ترسيل هو. ان مضمون جو حوالو ظ. انصاري پنهنجي هن ادبي خط ۾ به ڏنو آهي.'

هڪ بي معنيٰ خيز ڳالهه هن مضمون ۾ لکي آهي، جيڪا هر ڪنهن جي سامهون جي آهي، پر ان ڏانهن پهريان شايد ڪنهن جوبه ڌيان نه ويو هو. سا اها ته فيض جيل ۾ وڌيڪ لکيو ۽ جلاوطني ۾ گهٽ:

”جلاوطني مان مراد وطن کان ڏور رهي، ڪٿي

> خوشيءَ سان، يا مجبوريءَ سان. جيڪڏهن اندازو ڪريون تہ ہنهي جي مدت ساڳي وجي ٿي بيهي، پنج يا ساڍا پنج سال. اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون تہ پنهنجي وطن جي جيلن ۾ بہ ڪيس پنهنجي ويجهن جي آسيس پئي ايندي رهي، اها ان کي تازو توانو رکندي هئي ۽ ڳائڻ تي اپاريندي هئي. وطن جي گهٽ وقت جي قيد بہ ڪيس خوش گفتاري تي آماده رکيو. ان راز جي تهہ تائين وجو تہ خبر پوي ٿي تہ ماڙهو لک پيرا انٽرنيشنل تي وجي پر ان جي پاڙ سندس سرزمين جي ڪنهن نہ ڪنهن ٽڪري ۾ تازي تواني ۽ سائي هئڻ گهرجي."

فيض کي ان جو شدت سان احساس بہ هو ۽ شعور بہ. جلاوطني جي ڏينهن ۾ سندس ڪيترن نظمن ۾ ان احساس جون لهرون ڊوڙندي نظر اچن ٿيون. شايد اهوئي سبب هو تہ فيض پنهنجي وطن جي يادن کي ياڪر ۾ جهلي وڏي ناز سان چيو هو.

تیرے کوچے میں بادشاہی کی
جب سے نکلے گداگری کی ہے

---

• ظ. انصاري جو هي مضمون "فیض کے موت پر ایک خط". فیض احمد فیض: تنقیدی جائزہ'، مرتب: خليق انجم، انجمن ترقي اردو- نئي دهلي، پاران 1985ع ۾ ڇپيو.

# فيض ۽ ڪلاسيڪل غزل

فيض صاحب جي غزل ۽ اردو ڪلاسيڪل غزل جي مختلف پهلوئن تي بحث ڪندي، شمس الرحمان فاروقي صاحب پنهنجي طرفان سوالن ۽ ان جي ابتڙ سوالن جي هڪ اهڙي فضا ناهي آهي، جنهن ۾ هو پاڻ ئي ان پريشاني ۾ منجهيل رهيو ته فيض جي غزلن کي اردو جي ڪلاسيڪي روايتن سان ڪيئن جڙيل ثابت ڪيو وڃي، پر ان کان انڪار جون صورتون به پيدا ڪندو رهي. مثلاً، هو اهو سوال اٿاري ٿو ته آخر ماڻهو اهو ڇو ٿا چون ته فيض ڪلاسيڪي علامتن کي نيون معنائون ۽ نئين معنويت عطا ڪئي آهي. پوءِ ان پريشاني جو ڪو حل ڳولهڻ بدران سنت ئي اڳين سٽن ۾ پاڻ ئي پاسو ڪندي، پنهنجي ڳالهه تقريباً ختم ڪري ڇڏيائين ته ”مان في الحال ان ڳالهه تي بحث نه ڪندس ته دارو رسن، قاتل، واعظ، ڪوئے يار، وغيره قسم جا لفظ علامتون آهن به يا نه.“ سندس نظريي مطابق ”اردو غزل ۾ علامت جو وجود آهي ئي ڪو نه“ ۽ پوءِ اهو به لکي ٿو ته ”خير ان مسئلي تي وڌيڪ گفتگو نه ڪندي، مان صرف هي عرض ڪرڻ چاهيان ٿو“.

سوال هي آهي ته جڏهن پاڻ پنهنجن ئي اٿاريل سوالن تي مضمون نگار بحث نه ٿو ڪرڻ چاهي ۽ نه ئي گفتگو ڪرڻ ٿو چاهي ته پوءِ مضمون لکڻ جي ڪيس ضرورت ئي ڇو پيش آئي؟ مان سمجهان ٿو ته سندس نظر ۾ ان جي تمام گهڻي ضرورت هئي. ان لاءِ ته اڳين پنجن سٽن ۾ ان مضمون کي پڙهڻ واري جي ذهن ۾ هي ڳالهه آهستگيءَ سان ويهاري وئي ته ”فيض جي شاعري هوندي به خاصي محدود دائري ۽ محور جي شاعري آهي“.

شمس الرحمان فاروقي صاحب ان مضمون ۾ هي نڪتو بہ بيان ڪيو آهي تہ فيض دراصل پنهنجي شاعري ۾ ڪيترائي رسمي لفظ استعمال ڪندو آهي، جن جو لاڳاپو نہ تہ علامت سان آهي ۽ نہ ئي ڪنهن خاص ڪلاسيڪي روايت سان، اهي سڀ عام ڳالهيون آهن.

پنهنجي مضمون جي ٻئين پيراگراف ۾ هن مير درد ۽ فيض جي هڪ هڪ شعر جي تقابلي مطالعي جي ذريعي هي ٻڌايو آهي تہ ٻئي شعر هڪجهڙا آهن ۽ جيڪڏهن ڪجهو فرق آهي تہ صرف هي تہ اسان کي ڄاڻ آهي تہ فيض ڄاڪاڻ تہ هڪ انقلابي ۽ ترقي پسند شاعر هو، تنهنڪري اسان ان جي معنيٰ سياسي ورتي آهي. سندس چواڻي تہ "جيڪڏهن شاعر شيعو آهي تہ ان جي معنيٰ بہ شيعت مطابق آهي ۽ جيڪڏهن شاعر سني يا اهل حديث آهي تہ ان جي معنيٰ بہ سني ۽ اهل حديثي فڪر مطابق هوندي. وغيره وغيره.

سندس دليل هي آهي تہ "جيڪڏهن شعر جو حسن يا معنيٰ جو انحصار اهڙن ڳالهين تي ڪيو وڃي، جيڪي شعر کان ٻاهر آهن تہ پوءِ اسان کي چوڻو پوندو تہ خود شعر ۾ ڪا معنيٰ ڪا نہ آهي. يعني هي تہ شعر کي صرف ان جي ظاهري حسن سان پرکيو وڃي، ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي مقصديت يا مثبت پهلو وغيره جي باري ۾ سوچڻ ئي نہ گهرجي ۽ نہ ئي اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪجي تہ اهڙي ادب جو معاشري جي ترقي ۽ ان جي سڌاري يا انسانيت جي ڀلائي سان ڪهڙو ڳانڍاپو آهي. هاڻي جيڪڏهن هيءَ ڳالهہ مڃي وڃي تہ پوءِ فيض جي شاعري جو هڪ وڏو حصو درياءَ حوالي ڪري سگهجي ٿو.

هن مضمون جي ٽئين ۽ چوٿين پيراگراف ۾ فيض صاحب کي هن ڪجهہ رعايتي مارڪون ڏنيون آهن. بهرحال هن ڪلاسيڪي رنگ ڍنگ وارا ڪجهہ لفظ تہ استعمال ڪيا آهن، جنهن سان سياسي رنگ ظاهر ٿين ٿا پرستت ئي پڙهندڙ کي هي ڄاڻ بہ گڏو گڏ پهچائي ٿو تہ:

> "فيض جي عظمت ان بنياد تي قائم نہ ٿي ٿي سگهي. تہ ان غزل جي ڪلاسيڪي، عشقيہ، رسمي لفظن کي سياسي معنائون ڏنيون آهن. هيءَ صفت تہ مخدوم، مجروح، ساحر، غلام رباني تابان ۽ ڪوڙ سارن ٻين شاعرن وٽ بہ آهي."

چهين ۽ ستين پيراگراف ۾ هن فيض جي هڪ شعر جي پيٽ حافظ جي شعر سان ڪئي آهي ۽ منڍ ۾ ئي هي ٻڌائي ڇڏيو آهي ته حافظ جو شعر فيض جي شعرڪان هزار درجا بهتر آهي. پر ان پيٽ جي ضرورت ڪيس ڇو پيش آئي، ان جي هِن مضمون مان ڄاڻ نه ٿي ملي. آخري پيراگراف ۾ فيض جي غزليہ شاعري جي تعريف ڪئي آهي، مگر ان سان گڏوگڏ هي به چيو آهي ته:

"فيض وٽ ڪيفيت جو جادو نظمن مان وڌيڪ بکندو آهي، ان ڪري ضروري آهي ته غزل جي تهذيب جي پس منظر ۾ فيض جو نئين سر مطالعو ڪيو وڃي"

هن مضمون ۾ هن هڪ ٻي خاص ڳالھ ڏانهن به اشارو ڪيو آهي جنهن لاءِ هن فيض کي نه پر سڄي پاڪستان جي خراب حالتن کي ذميوار قرار ڏنو آهي ۽ اها ڳالھ هيءَ آهي ته:

"فيض جي وڇوڙي کان پوءِ پاڪستان ۾ ڪن ماڻهن فيض کي سچو مسلمان، عاشق رسول ۽ اهل دل صوفي به ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سو عجب ناهي ته ڪجھ ڏينهن ۾ فيض کي ڪلاسيڪي صوفي شاعر به تسليم ڪيو وڃي".

شمس الرحمان صاحب جي ان ڳالھ ۾ چڱو وزن آهي ۽ ان تي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ گهرجي. واقعي هڪ حلقو ان کي مڪمل طور تي "سچو مسلمان" بنائڻ چاهي ٿو. اصل ۾ ان طبقي جي مجبوري هيءَ آهي ته جيڪڏهن فيض پاڪستان جو سڀ کان ناميارو، مشهور ۽ نمائندگي ڪندڙ شاعر آهي ته پوءِ پاڪستان جي مخصوص سياسي ۽ سماجي حالتن ۾ ان کي ڪيئن پنهنجو ڪجي؟ ان جو واحد طريقو هيءُ آهي ته فيض جي ٿي شڪل مٽائي وڃي. اقبال چواڻي: "*خود بدلتے نہیں قرآں کو بدل دیتے ہیں*" اهڙي نموني جيڪو فيض سيني جي سامهون ايندو اهو وطن جي راهن تي جان نثار ڪرڻ وارو نه هوندو ئي، پر ان کي هڪ ڪلاسيڪي صوفي شاعر طور يا وڌ ۾ وڌ هڪ روماني شاعر طور ئي پيش ڪيو ويندو.

---

• شمس الرحمان فاروقي جو هي مضمون "*فیض اور کلاسیکی غزل*" ادبيات. 'فيض نمبر' اڪيڊمي ادبيات پاڪستان، اسلام آباد. پاران جنوري 2009 ۾ ڇپيو.

# خوش منزل ماڻهو

فيض جي ويجهو رهي، سندن محفلن ۾ شريڪ ٿي، ان تي ديباچو لکي، فيض جي تصوير کي سپ کان وڌيڪ خراب ڪرڻ وارن ۾ هڪ نمايان نالو اشفاق احمد جو به آهي. اشفاق احمد جو هي مضمون انهيءَ فڪري سلسلي سان ملي ٿو، جتي ڪيس هڪ ملامتي صوفي طور تي پيش ڪيو ويو آهي ٿو. ان فڪري قبيلي جو معراج اهو آهي ته انسان جي عاقبت جي بيان کي ايترو موهيندڙ ۽ دلڪش بنائي ڇڏجي جو ماڻهو بس ان تي ايمان آڻين. اهڙي ريت هن مضمون ۾، اشفاق احمد سک جو ساهه کڻندي شروع ۾ ئي هي اعلان ڪري ڇڏيو آهي ته:

> ”فيض جو انجام خير خوبيءَ سان ٿيو ۽ ان جي عاقبت به چڱي ٿي وئي ۽ هو انعام ماڻيندڙ ماڻهن جي صف ۾ شامل ٿي ويو. هونئن حيرت جي ڳالهه اها آهي ته فيصلا ته بعد ۾ ٿيندا آهن، ۽ حساب ڪتاب لاءِ اجر جو ڏينهن مقرر آهي ۽ ان ۾ ته اجا گهڻو وقت پيو آهي، پر انسانن جي دنيا ۾ ڪجهه خوشنصيب اهڙا به هوندا آهن، جن جي عاقبت جي باري ۾ ماڻهو اڳ ئي فيصلو ڏئي ڇڏيندا آهن ته مالڪ حقيقي جي نظر ۾ هي شخص قبول پيو، ۽ سندس عاقبت بهتر قرار ڏني وئي ۽ هو چڱن مان ٿيو.“

چاڪاڻ ته فيض جو انجام خير خوبيءَ سان ٿي ويو ۽ هو انعام ماڻيندڙن ۾ شامل ٿي چڪو آهي ته ان باري ۾ وڌيڪ ڳالهائڻ مان ڇا حاصل

ٿيندو. بس اهو ڪافي آهي تہ هو هڪ نيڪ ۽ پاڪ. پاڪيزه زندگي گذاري ويو. سو انهيءَ فلسفي هيٺ هن پنهنجي مضمون جو عنوان ”خوش نصيب ماڻهو“ رکيو آهي ۽ فيض کي جنتي ماڻهن ۾ شامل ٿيڻ جو سرٽيفڪيٽ ڏئي ڇڏيو اٿس. خير ان ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ فيض هر لحاظ کان خوش نصيب هو پر ان منزل تي پهچڻ لاءِ جنهن رستي جي چونڊ هن ڪئي هئي، جيڪڏهن هڪ نظر ان تي بہ وڌي وڃي ها تہ چا تي پوي ها. پر پوءِ ان مضمون ذريعي گهربل مقصد ماڻڻ ناممڪن تي پوي ها.

اشفاق احمد هن مضمون ۾ زور ڏيندي هي ڳالهہ ڪئي آهي تہ اها ڪا اهم ڳالهہ ناهي تہ فيض هڪ عظيم شاعر هو يا ان جا غزل ڏاڍا خوبصورت هئا، يا اهو تہ هو جديد علامتن جو خالق هو. هن چواڻي تہ چاڪاڻ تہ اهي ڳالهيون تہ ڪوڙ سارن شاعرن جي باري ۾ چئي سگهجن ٿيون. پر اهي فيض جي پائي جا شاعر بڻجي نہ سگهيا. يعني انهن تي توفيق جا دروازا بند هئا. هتي بهرحال هي سوال ضرور ڪري سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن انهن ماڻهن کي اهو مقام ۽ اهو رتبو نہ ملي سگهيو تہ خارجي اثرن کان علاوه پاڻ انهن ماڻهن ان جي ماڻڻ کي ممڪن بنائڻ لاءِ چا ڪيو؟

ٻي ڳالهہ هن مضمون ۾ هيءَ ڪئي وئي آهي تہ اهو چوڻ تہ فيض هڪ موهيندڙ شخصيت ۽ سهپ وارو ماڻهو هو تہ اها بہ ڪا خاص ڳالهہ ڪونهي. ان ڪري تہ ان جهڙا تہ سوين ماڻهو سندس پنهنجي شهر بلڪہ پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي ملي ويندا.

ٽين ڳالهہ هيءَ تہ فيض ڪمال جا ايڊيٽوريل لکڻ وارو هو تہ هيءَ بہ ڪا خاص ڳالهہ ڪانهي. بلڪہ هڪ طرح سان تہ اها فيض جي توهين آهي. يعني ڪنهن اخبار جو ايڊيٽر هئڻ اصل ۾ ڪنهن شاعر، عالم يا دانشور جي لاءِ توهين جو باعث آهي.

چوٿين ڳالهہ هي تہ جيڪو ڪجهہ چيو وڃي ٿو تہ فيض هڪ تمام وڏو انقلابي هو، انڪري اهو وڏو شاعر بہ هو. هيءَ بہ تہ ڪا خاص ڳالهہ ڪانہ چئبي. ان ڪري تہ هن کان بہ وڏا سوشلسٽ ۽ گهڻو وڌيڪ ناميارا انقلابي بہ هن صدي ۾ ٿي گذريا آهن. ليڪن انهن کي فيض وارو رتبو نہ ملي سگهيو. يعني اهي سمورا انقلابي جن جو ناڻءُ ٿيو، انهن کي ناليوارو ٿيڻ کان علاوه

فيض جي مرتبي جو شاعر بہ ٿيڻ گهربو هو نہ تہ نالي وارو ٿيڻ جي ڪا حيثيت ئي ناهي.

اشفاق احمد پنهنجي مضمون ۾ هي چند بنيادي سوال اٿاريا آهن ۽ پوءِ انهن سڀني سوالن جو جواب نفي ۾ ڏيندي، آخر ۾ هي نتيجو ڪڍيو آهي تہ:

"اصل ۾ ڳالهہ هيءَ آهي تہ جڏهن ڪنهن خاص معاشري ۾ ڪنهن خاص وقت اندر ڪجهہ خاص گهرجن تحت فيض جهڙي ڌيان ڇڪائيندڙ شخصيت ۽ فيض جهڙو مشهور انسان وچڙي وڃي ۽ ڪجهہ ماڻهو ڪيس متبرڪ سمجهڻ لڳن تہ پوءِ فيض جو تجزيو ڇڏي، خالق حقيقي جو مطالعو ڪرڻ کپي. جيڪو ڇا مان ڇا بڻائي ڇڏي ٿو ۽ دل جي تخت تي ويهڻ وارن کي خوب عطا ڪري ٿو ۽ بغير حساب جي عطا ڪري ٿو. پوءِ جنهن کي هو عزت بخشي ٿو تہ سندس خلاف سوين ايڊيٽوريل هزارين ايڊيٽوريل نوٽس. لاتعداد ڪالم، بي شمار تقريرون، لباڙون، مخالفتون، جلسن جون هنبوڇيون، اسٽيج تي ٺهڪائڻ سندس عزت جي خزانن ۾ هڪ رتي برابر بہ ڪمي نٿيون ڪري سگهن".

اندازو ڪريو! پنهنجي هن مضمون ۾ ان ذاتي معصوميت ۽ خوبصورتي سان فيض جي شاعري ۽ ان جي انقلابي پيغام ڏانهن ماڻهن جو توجهہ هٽائي ڇڏيو. سو هاڻي لکڻ وارن کي بيو ڪجهہ ڪرڻ بجاءِ خدا تعالىٰ کان رات ڏينهن صرف هيءَ دعا گهرڻ کپي تہ هو انهن کي پنهنجي نعمتن سان سرفراز ڪري ۽ سندن عاقبت کي چڱو ڪري باقي بيا ڪم تہ پاڻ ئي ٿي ويندا ۽ اشفاق احمد چواڻي فيض جو بہ اهوئي مامرو آهي. ڇا جو انقلاب. ڇاجي شاعري. بس الله الله وينا ڪريو.

---

- اشفاق احمد جو هي مضمون 'ادب لطيف فيض نمبر' ۾ جديد پريس، لاهور پاران 1988ع ۾ ڇپيو.

# غالب ۽ فيض

فيض صاحب جي شاعري ۽ شخصيت جي حوالي سان لکيل هن مضمون ۾ ڊاڪٽر وزير آغا، غالب ۽ فيض جو تقابلي مطالعو ڪندي، شروعات ٻنهي جي تخلص سان ڪئي آهي ۽ ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو آهي ته غالب پنهنجي تخلص وانگر هڪ انا پسند شخصيت جو مالڪ هو، جڏهن ته فيض جي شخصيت جو مستقل لاڙو ٻين کي فيض پهچائڻ هو. ٻي ڳالهه هيءَ ته غالب جي زندگي ۾ لڏپلاڻ ۽ چڙواڳي جو عنصر آهي. اهوئي فيض وٽ به آهي. پر ان جون صورتون مٽيل آهن. ٽين ڳالهه هيءَ ته غالب ۽ فيض ۾ هڪ ساڳيو قدر انهن جو سياسي شعور به آهي. چوٿين ڳالهه جيڪا انهن ٻنهي ۾ هڪجهڙائي آهي، اها سندن شعري اسلوب ۽ زبان سان لاڳاپيل آهي. ته ٻئي پنهنجي ابتدائي ڪلام ۾ فارسي زده نظر اچن ٿا. پر آخر ۾ ٻئي ان روش کان انڪاري ٿيندا ويا. هتي ڊاڪٽر وزير آغا هيءُ نتيجو ڪڍيو آهي ته:

> ”غالب وٽ ساده گوئي ۾ معنيٰ جا نوان نوان رنگ اڀرندا ويا ۽ ان جو ڪلام شعريت ۽ لطافت جي آخري حدن کي ڇهڻ ۾ ڪامياب ويو. جڏهن ته فيض وٽ تخليقي ڪرب جي گهٽتائي ٿي وڃڻ ڪري ساده گوئي واري عمل، شعر کي نثر جي سطح ڏئي ڇڏي ۽ فيض صاحب شعري گهرائي کان محروم ٿي نعري بازي جي سطح تي لهندو آيو“.

ايئن ٿو لڳي ته ڊاڪٽر وزير آغا فيض صاحب جي آخري زماني جي شاعريءَ بابت پورو انصاف نه ڪيو آهي. هي چوڻ ته فيض وٽ تخليقي ڪرب

گهڻجي ويو هو، بذات خود هڪ سواليہ نشان آهي ۽ ان جو ڪو نوس بنياد نظر نٿو اچي ۽ پوءِ پاڻ ئي ان نتيجي تي پهچي وڃڻ تہ ساده گوئي جي عمل فيض جي شاعري کي نثرجي سطح تي آڻي ڇڏيو جنهن سبب هو نعريبازي جي سطح تي اچي پهتو، تہ ان ڳالهہ ۾ بہ ڪو وزن نظر نٿو اچي. چند نظمن کي سامهون رکي، عام راءِ نٿي جوڙي سگهجي. فيض صاحب جي شعري تخليقي دنيا گهٽ ۾ گهٽ اڌ صدي تي محيط آهي جيڪڏهن ان مان صرف آخري ڏهاڪي کي ئي ونجي يعني 1974ع کان 1984ع تائين تہ ان زماني ۾ هن کي تورا جڳ مشهور نظم يا غزل ڪونہ لکيا. ان ئي دؤر ۾ تہ هن *"اے شام مہرباں ہو"*، *"ہم تو مجبور تھے اس دل سے"*، *"ڈھاکہ سے واپسی پر"*، *"بہار آئی"*، *"تم اپنی کرنی کر گذرو"*، *"کچھ عشق کیا کچھ کام کیا"*، *"در امید کے دریوزہ گر"*، *"آج اک حرف کو پھر ڈھونڈھتا پھرتا ہے خیال"*، *"امید سحر کی بات سنو"*، *"دل من مسافر من"*، *"پھول مرجھاگئے ہیں سارے"*، *"کوئی عاشق کسی محبوبہ سے"*، *"منظر"*، *"لاؤ تو قتل نامہ مرا"*، *"تین آوازیں"*، *"یہ ماتم وقت کی گھڑی ہے"*، *"ہم تو مجبور وفا ہیں"*، *"دو نظمیں فلسطین کے لیے"*، *"میرے ملنے والے"*، *"ویتنام/وجہ ربک"*، *"عشق اپنے مجرموں کو پابہ جولاں لے چلا"*، *"ایک نغمہ کربلائے بیروت کے لیے"*، *"ایک ترانہ مجاہدین فلسطین کے لیے"*، *"ہجر کی راکھ اور وصال کے پھول"*، *"تم ہی کہو کیا کرنا ہے"*، *"یہ کس دیار عدم میں"*، *"آج شب کوئی نہیں ہے"*، *"ادھر نہ دیکھو"* جهڙا ڪوڙ سارا خوبصورت نظم لکيا آهن.

ڇا سندس زندگي جي آخري ڏهن سالن ۾ لکيل هيءَ شاعري صرف نعري بازي آهي؟ وري هيءَ بہ ڳالهہ بہ ڏسڻ وٽان آهي تہ هن دؤر ۾ هن جا همعصر ڪهڙي معيار جي شاعري ڪري رهيا هئا. ڇا هن دؤر ۾ اردو جو مجموعي شعري منظر نامو فيض جي انهن نظمن کي شامل ڪرڻ کان سواءِ مڪمل ٿي سگهندو؟ اهو ضرور آهي تہ ڪن نظمن ۾ انهن جي لئہ تورو تيز ٿي وئي آهي پر ڪنهن شاعر کان هر وقت ڪنهن هڪ سطح جي توقع رکڻ بہ تہ مناسب ناهي ۽ جيتري قدر غزلن جو تعلق آهي تہ انهن ۾ نعري بازي جو نالو نشان بہ ڪونهي. بلڪ هڪ حلقي طرفان ان تي اهوئي اعتراض اٿاريو ويو تہ سندس نظمن ۾ تمام گهڻي ڪلاسيڪيت آهي، تہ پوءِ هي سوال پيدا ٿو ٿئي تہ اردو جي ڪلاسيڪي روايت صرف نعري بازي جي روايت رهي آهي؟

ڊاڪٽر وزير آغا پنهنجي مضمون جي پڄاڻي ۾ فيض ۽ غالب جي هڪ ئي هڪجهڙائي ڏانهن بہ اشارو ڪيو آهي، هو لکي ٿو تہ:

”غالب ۽ فيض ٻئي قيد ۽ بند جي تجربي مان گذريا ۽ ٻنهي کي جوا کيڏڻ جي الزام ۾ سزا ملي. ان فرق سان تہ غالب تي تہ عام جوا کيڏڻ جو الزام هو، جڏهن تہ فيض سياسي نوعيت جي جوا جو ڏوهي ٺيو“.

ڊاڪٽر وزير آغا کان پهريان ڪنهن بہ فيض جي قيد و بند کي سياسي نوعيت جي جوا قرار نہ ڏنو هو. هيءَ سؤ سيڪڙو سندس پنهنجو گهڙيل اصطلاح آهي، پر ان مان جيڪو نتيجو هن ڪڍيو ۽ پنهنجي مضمون جو جيئن اختتام ڪيو آهي، اهو بہ غور طلب آهي. سندس نقطءِ نظر هيءُ آهي تہ فيض صاحب قيد و بند جي واقعي کان متاثر تہ ضرور ٿيو:

”پر وري ان کان پوءِ زماني طرفان ملڻ واري محبت ۽ عقيدت سندس دل جي آئيني جي ٽڪرن کي اهڙي خوبصورتي سان جوڙي ڇڏيو، جو فيض ان داخلي شڪست ۽ انتشار کان ئي محروم ٿي ويو. جيڪو فن جي تخليق لاءِ ڏاڍو ضروري آهي. قيد و بند جي واقعي کان پوءِ غالب اندران ٽٽي ويو هو ۽ سندس روح جو گهاءُ ناسور بڻجي ويو هو. پر فيض قيد وبند واري واقعي کان پوءِ اندر سان جڙي ويو ۽ سندس گهاءُ ڇٽي ويو هو. سو زندگي جي آخري ويهن سالن ۾ سندس تخليق جي گراف هوريان هوريان وڃي زمين ورتي.“

ڊاڪٽر وزير آغا جو مضمون ”غالب ۽ فيض“ کي پڙهڻ کان پوءِ هاڻي هر پڙهندڙ جي هيءَ ذميواري ٿي ٿئي تہ اهي فيض صاحب جي آخري ويهن سالن جي شاعريءَ کي نئين سر پڙهي، ۽ تخليق ڪاري جي زمين هيٺ ويندڙ گراف جي تلاش ۾ پنهنجو متو پٽين سان هٽي. بنيادي طور تي هي مضمون فيض جي شخصيت ۽ شاعري ٻنهي کي گهٽ ثابت ڪرڻ لاءِ لکيو ويو آهي پر جيڪڏهن ڪٿي تحرير دوران تحسين جوڳي سخن جو ڪو پهلو اچي بہ ويو آهي تہ انان متاچرو گذري وڃڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي اٿس.

---

• ڊاڪٽر وزير آغا جو هي مضمون ”فيض نمبر“، اڪيڊمي ادبيات پاڪستان، اسلام آباد پاران جنوري 2009ع ۾ شايع ڪيو ويو.

# فيض هڪ غير مزاحمتي شاعر؟

فيض صاحب جي شاعريءَ تي لکيل هن مضمون جو بنياد ٻن فڪري مڪتبن جي پيٽ تي مبني آهي، جنهن جو اظهار ظفر اقبال پنهنجي مضمون جي ابتداءَ ۾ ئي ڪري ڇڏيو آهي:

(1) "سياسي شاعري (جنهن کي مزاحمتي به چيو وڃي ٿو) مون به ڪئي آهي ۽ منهنجي غزلن جو مجموعو "سرعام" اهڙي ئي شاعري تي ٻڌل آهي پر منهنجو ان جي باري ۾ پنهنجو رويو معذرت ڪرڻ جوڳو آهي ۽ مان ان کي اصلي شاعري نٿو مڃان.

(2) فيض سميت ڪنهن به شاعر کي مزاحمتي چوڻ ان جي اسڪوپ ۽ ڪردار کي محدود ڪري ٿو".

ظفر اقبال هڪ چٽو چٽيءَ ڏيندڙ ۽ کرو انسان آهي. اهڙي ريت هن تمام چٽي ۽ صاف لفظن ۾ سياسي ۽ مزاحمتي شاعريءَ کي هڪ ئي پڙ ۾ رکندي، ان کي اصلي شاعري جي دائري کان ئي ٻاهر ڪري ڇڏيو. يعني نه رڳو فيض پر اقبال، جوش ۽ حسرت جهڙا شاعر جن جي شاعري جو هڪ وڏو حصو سياسي ۽ مزاحمتي شاعري جي زمري ۾ اچي ٿو، اهي سڀ نقلي شاعر هئا. سو ان سيني جي شاعري کي به ظفر اقبال جي شاعري واري نظريي جي روشني ۾ ڏٺو ويندو ته ان سيني جو اسڪوپ به محدود نظر ايندو.

"فيض هڪ غير مزاحمتي شاعر" جي عنوان تي سواليه نشان لڳائيندي، ظفر اقبال پنهنجي هن مضمون ۾ فيض کي هڪ شاعر مڃڻ لاءِ هڪ وات ضرور ڏسي آهي ۽ اها هيءَ آهي ته هن وٽ شاعري حسن جي تخليق

هئڻ جي بنياد تي هڪ توازن جي گهرجائو آهي ۽ فيض جو مزاحمت ۽ غير مزاحمت کي ملائي جيڪو متوازن مرڪب تيار ڪيو آهي، اهو فيض جو ڪمال آهي. البت ظفر اقبال هن مضمون جي پڙهندڙ کي هيءُ به باور ڪرائڻ چاهيو آهي ت:

"فيض جي شاعري پنهنجي سڀني خوبين ۽
دلڪشين باوجود ڪو سوال ن تي اپاري ۽ ن ئي ڪنهن
نئين بحث جو ڪو در ئي کوليندي نظر تي اچي".

دراصل هر شاعر جو سوال ڪرڻ جو پنهنجو هڪ مخصوص انداز هوندو آهي ۽ هي مخصوص انداز به زماني ۽ حالتن جي مهابي هوندو آهي، ادب جي دنيا ۾ خاموشي به سوالن کي جنم ڏئي تي. مير صاحب صاف چيو آهي ت *"خاموشی سے نکلے ہے جو بات بھی نکلے ہے"* ڪڏهن ڪڏهن احساسن جي سطح تي اهڙن موضوعن کي ڇيڙيو وڃي ٿو، جو جتي ظاهري طور ڪو به سواليه نشان ن هجڻ باوجود به ڪوڙ سوال لڪل هوندا آهن.

فيض صاحب به پنهنجي شاعري ۾ ڪوڙ سارا سوال اٿاريا آهن. پر سوالن جي اجائي پرمار ڪان ڪئي آهي. مثلاً *"صبح آزادی"* واري نظم ۾ هي چوڻ ت *"یہ داغ داغ اجالا یہ شب گزیدہ سحر / وہ انتظار تھا جسکا یہ وہ سحر تو نہیں"* ت ڇا هي نظم ڪو سوال نٿو اٿاري؟ ننڍي کنڊ جي تاريخ جو ايڏو وڏو واقعو تي ويو ۽ ماڻهو اهو به ن پڇن ت اها صبا ڪٿان آئي ۽ ڪيڏانهن وئي؟ ڇا ان سان ڪنهن بحث جا دروازا ن ٿا کلن! ڇا مشرقي پاڪستان جو بنگلاديش بنجي وڃڻ وقت جيڪي نظم هن لکيا، انهن ۾ سوال ن اٿاريا ويا هئا؟ بيشڪ اٿاريا ويا هئا، بلڪ انهن سوالن ۾ ت تنبيهه به هئي. هاڻي جيڪڏهن سماج ۽ سماج جون اقتداري قوتون ان تي غور ڪرڻ لاءِ تيار ئي ن هجن ت سوال فضا ۾ وکري وڃن ٿا.

فيض صاحب جي شاعريءَ ۾ غالب وانگر زندگي ۽ ڪائنات تي سوال ناهن اٿاريا ويا. پر پنهنجي دور ۾ جيڪو ڪجهه تي رهيو هو، ان تي هن جي گهري نظر هئي ۽ هو پنهنجي شاعريءَ ۾ انهن ئي سوالن کي اٿاري رهيو هو. ان جي سوالن ۾ فلسفياڻو وڌاءُ ڪون هو. پر هو پنهنجي عهد سان هڪجهڙائي ضرور رکندو هو ۽ شايد اهو ئي سبب هو جو عام ماڻهن جي دلين ۾ گهر ڪرڻ به ظفر اقبال جي نظر ۾ انتهائي برو فعل آهي، ڇاڪاڻ ت هن

پنهنجي مضمون ۾ چٽي طرح هيءُ به اعلان ڪري ڇڏيو آهي ته:

"شاعري يا ڪو به فن عام ماڻهن لاءِ نه هوندو، بلڪ اهو جيترو عوام جي ويجهو هوندو، اوترو ئي زوال ڏانهن آماده هوندو".

هاڻي هن راءِ جي روشني ۾ ڏٺو وڃي ته فيض صاحب جي شاعري جو سڄو تاج محل ئي ڊهي پوندو ۽ شايد ظفر اقبال جي هن مضمون جو بنيادي مقصد به اهوئي آهي.

ان ۾ ڪهڙو شڪ آهي ته فيض صاحب وڏ کان وڏ پنهنجي شاعري ۾ زندگي ٻنهي ۾ عوامي احساسن جي قريب رهڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي آهي. "*سرواديءَ سينا*" جي ارپنا ئي ان ڳالهه جو ڪليل ثبوت آهي، جنهن ۾ ڪلارڪن جي ڏکوبل جانين جي نالي، پوڙهين دلين ۽ زبانن جي نالي، ٽپالين جي نالي، تانگي وارن جي نالي، ريل وارن جي نالي، ڪارخاني جي بکايل جيالن جي نالي، هارين جي نالي، ڏکوبل مائرن جي نالي، سهٽين جي نالي، پرڏيلين جي نالي، ٻني ٻارن ۽ گهٽين محلن جي نالي، پڙهڻ وارن جي نالي، اسيرن جي نالي، ايندڙ ڏينهن جي سفيرن جي نالي. مطلب ته انهن سڀني ماڻهن جي نالي آهي، جيڪي اجتماعي حيثيتن ۾ عام انسان سڏجن ٿا.

اهو ئي فيض جو نقطه نظر هو ۽ ان آگاهي جي سهاري هن نه صرف شاعري ڪئي بلڪ پنهنجي زندگي به گذاري. هن پنهنجي انفراديت کي اجتماع جي ويجهو رکڻ کي ئي زندگي جو نظريو بڻايو هو. ان جي ابتڙ ظفر اقبال جو نقطه نظر پنهنجي هن مضمون ۾ فيض جي نظريي جي بلڪل برعڪس آهي. اهڙي ريت هن مضمون جي پڙهندڙ کي پنهنجي اکين تي ظفر اقبال جي فن جي نظريي جي عينڪ لڳائي ڏسڻ سان فيض جي شاعري خاصي بي رس ۽ بي مزي نظر ايندي.

---

• ظفر اقبال جو هي مضمون '*ادبيات*' فيض نمبر، اڪادمي ادبيات پاڪستان، اسلام آباد، جنوري 2009ع ۾ ڇپيو.

# اسان جو فيض

پروفيسر جيلاني ڪامران هي مضمون فيض جي وڇوڙي ڪان پوءِ لکيو هو ۽ پاڪستاني معاشري جي بيائي بابت هن پنهنجي مضمون جي پهرين پيرگراف ۾ ٿي هيءَ ڳالهہ چئي آهي تہ جيڪڏهن فيض جي زندگي جي آخري پنجويهن سالن ۾ شايع ٿيل اخباري ڪٽيل ٽڪرن کي ٿي وٺون تہ ان مان هي صاف ظاهر ٿي ويندو تہ فيض اسان جو (پاڪستان) جو شاعر ناهي، پر فيض جو وڇوڙو ٿيندي ئي سڀني هڪ زبان ٿي چيو تہ ”فيض اسان جو شاعر آهي“. هن مضمون جو عنوان بہ هن مجموعي تاثر مان ورتو ويو آهي.

پروفيسر جيلاني ڪامران پنهنجو نقطہ نظر بيان ڪندي چيو آهي تہ فيض جي تربيت نہ تہ غزل ڪئي آهي نہ ئي ترقي پسند تحريڪ ڪيس ڪو نئون رستو ڏيکاريو آهي. پر فيض جي تربيت دراصل نون علمن ۽ مغربي تعليمي نصاب ڪئي هئي. اهڙي طرح هن هڪ نئين بحث جو دروازو کولي ڇڏيو. جيڪڏهن سندس هن ڳالهہ کي سو سيڪڙو تسليم ڪيو بہ وڃي تہ پوءِ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ فيض جي دؤر ۾ جيڪي بيا شاعر ۽ اديب هئا، انهن ان نئين تعليمي نصاب سان پنهنجي تربيت ڇو نہ ڪئي؟ ۽ جي ڪئي هئي تہ ان مقام تي ڇونہ رسي سگهيا، جتي اڄ فيض بيٺل آهي. بي شڪ علم هر انسان جي ذهن جي درين کي کولي ٿو، پر ان جي سطح مختلف هوندي آهي. اهو فرد سان گڏوگڏ معاشري ۽ حالتن جي طفيل بہ هوندو آهي. جيلاني ڪامران جو اهو چوڻ تہ فيض جي ذهني ۽ فڪري تربيت ۾ ترقي پسند تحريڪ جو ڪوبہ حصو ڪونهي، بهرحال اهو نقطو ڌيان جوڳو آهي. ان تي ٻيهر ويچارڻ گهرجي.

پروفيسر جيلاني ڪامران هن مضمون ۾ هيءَ ڳالهه به ڪئي آهي ته فيض جو دؤر نظم جو دؤر هو ۽ ان دور ۾ اردو نظم غير جذباتي اظهار جي طريقي جي نمائندگي ڪندي پنهنجو پاڻ کي غزل کان ڪنهن حد تائين الڳ ڪري ورتو هو. ان دور ۾ نظم ۾ احساسن کان وڌيڪ عقل ۽ دانائي جا رويا وڌيڪ چٽا هئا. جن جو اظهار راشد ۽ ٻين شاعرن وٽ نظر اچي رهيو هو. جڏهن ته ان جي ابتڙ نظم جو هڪ ٻيو منظر نامو به موجود هو. جنهن جي نمائندگي اختر شيراني ۽ ٻين شاعرن وٽ نظر اچي ٿي. ان پس منظر کي تفصيل سان بيان ڪرڻ کان پوءِ جيلاني ڪامران اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته فيض نئين نظم جي غير جذباتي اظهار جي طريقي بجاءِ پنهنجو رشتو اختر شيراني واري روايت سان جوڙيو. سو ان سبب ڪري فيض وٽ رومانيت جو پڙ وڌيڪ ڳورو رهيو ۽ بعد ۾ به هي بحث ٿيندا رهيا ته هو رومان پسند شاعر هو يا رومان ۽ حقيقت جي ميلاپ جو شاعر هو. پروفيسر جيلاني ڪامران جي نظر ۾ فيض وٽ رومان صرف هڪ وسيلو آهي، ان انسان تائين پهچڻ جو جيڪو هن جي دؤر جو انسان آهي. پر هي ڳالهه ته هن جي دؤر جي تقريباً هر شاعر جي يا گهٽ ۾ گهٽ هر رومانوي شاعر جي باري چئي سگهجي ٿي. وري هيءَ ڳالهه به غور ڪرڻ جوڳي آهي ته ڇا ڪنهن هڪ اظهار جي طريقي جي نئين نظم تي هڪ هٽي هئڻ گهرجي ها؟ ۽ جيڪڏهن فيض جي شخصيت يا ان جي اسلوب ان هڪ هٽي کي تسليم نه ڪيو ته ڇا ان جا نظم اثر رکندڙ ۽ فڪري گهرائي کان بلڪل خالي آهن؟ انهن سوالن جا جواب هن مضمون جي تحرير جي احاطي کان ٻاهر نظر تا اچن.

پروفيسر جيلاني ڪامران ڏاڍي احتياط سان فيض جي حقيقت پسندي ۽ ترقي پسندي کي به هن مضمون ۾ هڪ نئون ليبل ڏنو آهي. ان جو خيال آهي ته: نه ته هو ڪو سوشلسٽ هو ۽ نه ئي ڪو ڪميونسٽ هو، بلڪ هو مغربي لبرلزم جي وڌيڪ ويجهو هو. جڻ ته ڪو حقيقت پسند ۽ ترقي پسند شاعر يا اديب لبرل ناهي هوندو! پر اڳتي هلي ان جي وڌيڪ وضاحت هيئن ڪري ٿو ته:

> ”فيض پنهنجي ابتدائي شعري ۽ تخليقي دؤر ۾
> مغربي طرز جو مسلمان دانشور هو. جنهن جو فڪري انداز
> لبرل هو ۽ جيڪو انسان جي مظلوميت کي سماجي پلائي
> جي دائري ۾ حل ڪرڻ جي تحريڪ جو حصو هئو.“

ايئن تو لڳي تہ جيلاني ڪامران ڄاڻي ٻجھي فيض ڪي انهن مضمونن، انٽرويو، سوانحي گفتگوءَ حوالن کي بلڪل نظرانداز ڪري ڇڏيو، جن ۾ فيض صاحب پنهنجن سياسي ۽ سماجي نظرين جو اظهار ڪيو آهي. ان کان سواءِ ناهي چيو تہ هو ڪنهن لبرلزم واري مغربي تحريڪ جو حصو رهيو آهي، بلڪ هڪ ٻہ نہ سوين موقعن تي هن وڏي واڪي اهو اظهار ڪيو آهي تہ سندس ذهني تربيت ۾ مارڪسزم جو حصو رهيو آهي، ان ڪري هو ترقي پسند تحريڪ ۾ شامل ٿيو هو. ڳالهہ دراصل هيءَ آهي تہ ڪميونزم، سوشلزم ۽ ترقي پسندي جي بنياد ۾ ئي انساني فلاح و بهبود ۽ سماجي ڀلائي جو تصور پوشيده هو بلڪ آهي. اهڙي ريت جيلاني ڪامران وانگر ڪيس الڳ الڳ ڪري ڏسڻ سان فيض جي زندگي ۽ شاعري کي سمجھڻ ۾ مدد هرگز نہ ملي ها.

پروفيسر جيلاني ڪامران فيض جي شاعراڻي ٻولي تي اعتراض ڪرڻ وارن کي ياد ڏياريو آهي تہ هي شاعراڻي ٻولي محدود ڪنهن بہ معنيٰ ۾ نہ آهي، هن غزل جي روايتي ٻولي ڪتب آندي آهي ۽ ان کان پورو پورو استفادو ڪيو آهي. سندس لفظن جو ذخيرو ان جو ذاتي نہ پر صدين جي شاعراڻي روايتن جو حصو آهي. ڪا بہ شاعراڻي زبان پنهنجي موضوع کان الڳ تي پيدا نٿي ٿئي. فيض جو موضوع انسان رهيو آهي. هي موضوع ڪو نئون ناهي، انڪري ڪنهن نئين ٻولي جي ضرورت بہ ڪونهي. هن اهو ضرور چيو آهي تہ فيض هن موضوع سان يعني ”انسان“ سان پورو پورو انصاف ڪيو آهي.

فيض پنهنجي دؤر ۽ ان جي سياسي ۽ سماجي حالتن کان پوري طرح آگاهہ هو. جنهن جو اظهار سندس شاعري ۾ هنڌ هنڌ ملي ٿو. اهو ئي سبب آهي تہ ڪامران هن مضمون جي پڇاڙي هنن لفظن ۾ ڪئي آهي تہ:

> ”فيض جي ذريعي اردو شاعريءَ تين دنيا سان پنهنجو رشتو قائم ڪيو آهي ۽ هن دنيا جي بدلجندڙ تمدني ماحول کي سچائي جو پيغام ڏنو آهي. تہ جيستائين انسان جي جسم ۾ دل ڌڙڪندي. انسان ڪڏهن بہ ٿڪي نٿو سگھي ۽ جيستائين انسانن وچ ۾ جذبن جو رشتو قائم آهي انسان ڪڏهن بہ پنهنجي آزادي کان محروم نٿو رهي سگھي“.

• پروفيسر جيلاني ڪامران جو هي مضمون، ”ادب لطيف“ فيض نمبر، جديد پريس، لاهور پاران 1988ع ۾ ڇپيو.

# فيض جا شعري قدرۭ لاڙا

1985ع ۾ فيض جي وچوڙي کان پوءِ ٽورنٽو ۾ هڪ عالمي سيمينار منعقد ٿيو. جنهن ۾ هندستان ۽ پاڪستان کان علاوه ڪوڙ سارن ملڪن جي اديبن ۽ دانشورن شرڪت ڪئي هئي. ان سيمينار ۾ پروفيسر شارب ردولويءَ "*فيض کی شعری جہات اور تعین قدر کا مسئلہ*" جي عنوان سان پنهنجو مقالو پيش ڪيو هو.

شارب صاحب پنهنجي ڳالهه هيئن شروع ڪئي آهي ته ڪنهن عهد ساز شاعر جي ڪلام جي قدرن جو تعين ڪرڻ ان لاءِ ڏکيو ۽ مشڪل ٿي وڃي ٿو ته رڳو ان جي ڪلام پر ان جي شخصيت جا به مختلف رجحان ٿين ٿا. جن کي آساني سان پڪڙ ۾ آڻي نٿو سگهجي. فيض به هڪ اهڙو عهد ساز شاعر هو. انڪري ڪيس سمجهڻ ۾ به ائين ٿي ٿيو آهي. ڪن ماڻهن ڪيس رومانوي شاعر سمجهيو آهي ته ڪن ماڻهن ڪيس هڪ انقلابي ۽ مقصدي شاعري جو ترجمان سمجهيو آهي. ڪن ڪيس هڪ ڪلاسيڪي شاعر سمجهيو آهي ته ڪن ڪيس هڪ روايتي شاعر سڏيو آهي. ڪنهن ڪيس هڪ ڪامياب غزل جو شاعر چيو آهي ته ڪن ان کي جديد نظم جو وڏو شاعر مڃيو آهي. ڪنهن ڪيس پراڻين تشبيهن ۽ لفظن کي نيون معنائون ڏيندڙ شاعر مڃيو آهي ته ڪنهن ان کي نون نون تصورن جو شاعر تسليم ڪيو آهي. مطلب ته هر ساڄهه وند، سندس شاعريءَ کي پنهنجي انداز سان پئي ڏٺو آهي. مختلف رخن جي ڪري فيض جهڙي شاعر جي قدرن جو تعين ڪرڻ وارو مسئلو ايترو آسان نه آهي. پروفيسر شارب ردولوي مطابق اهڙي قسم جا تجزيا ۽ تنقيدي تبصرا ڪنهن وچولي درجي جي شاعر کي سمجهڻ لاءِ ته ڪافي ٿي سگهن ٿا. پر فيض جي مطالعي

۾ ائين ڪرڻ سان تشنگي باقي رهجي ٿي وڃي.

ان مضمون ۾ هن سڀ کان پهريان هيءَ ڳالهه ڪئي آهي ته فيض جي شاعري کي پرکيندي ٻن ڳالهين جو خاص طور تي ذڪر ڪيو ويندو آهي. پهرين ڳالهه ته ان جي رومانيت متعلق آهي ۽ ٻي ڳالهه ان جي انقلابي يا مقصد واري شاعريءَ جو حوالو آهي. شارب صاحب جو خيال آهي ته فيض جي شاعريءَ تي صرف ٻن روين کي لاڳو ڪرڻ ان ڪري مناسب نه آهي ته هي ٻئي رويا ته هن دور جي گهڻن شاعرن وٽ ملن ٿا. بلڪ اهو ته هن دؤر جو مجموعي رجحان هو ۽ فيض به چاڪاڻ ته پنهنجي دؤر ۽ پنهنجي زماني ۾ انهيءَ لڏي جو راهي هو ته ان وٽ به ان جو اظهار ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ هئڻ ضروري هو.

مضمون ۾ هن ٻي ڳالهه هيءَ اٿاري آهي ته اڪثر هنڌن تي فيض ڪلاسيڪيت ۽ رومانيت کي هڪ ڪري ڇڏيو آهي. ان موقعي تي هن سوال اٿاريا آهن ته:

> ”ڇا اصطلاحي معنيٰ ۾ فيض هڪ ڪلاسيڪي شاعر آهي يا فيض وٽ ڪلاسيڪيت آهي؟ ڇا روايت ۽ وراثت ۾ هلڻ وارن لفظن جو استعمال ڪنهن شاعري کي ڪلاسيڪي بنائي ٿو؟ ڪلاسيڪيت هڪ مزاج ۽ ان کان وڌيڪ هڪ فني ضابطو آهي. هي مزاج ۽ فني ضابطو ڪنهن عهد يا دؤر جو هوندو آهي. ڪنهن شخص جو محاورتي طور ڪلاسيڪي حيثيت اختيار ڪري وڃڻ اصطلاح جو استعاراتي استعمال آهي. ان تي اصطلاحي معنيٰ جو ٺپو نه ٿو هڻي سگهجي.“

هتي ان اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته فيض وٽ ڪلاسيڪيت هڪ ضابطي طور ته ناهي پر لفظن جي شڪل ۾ ان وٽ ڪلاسيڪي تهذيب جا اثر ضرور ملن ٿا. اهڙيءَ طرح هن وٽ لفظ روايتي هوندي به نين معنائن ۽ سمجهاڻين سان ڀرپور ملن ٿا.

شارب صاحب اتان ئي فيض جي ڪلام ۾ تخليقي استعمال جي ڳالهه چوري آهي. هن جي خيال ۾ هڪ عام شاعر لفظ کي ان جي معنيٰ ۽ لغت جي حدن ۾ نظم ڪري ٿو، جڏهن ته هڪ عهد ساز شاعر انهيءَ حدن کان ٻاهر به نڪري ڏسي ٿو. دراصل لفظن جا صوتي قاعدا ان جي استعمال جي موقعي سان

ان جي اثر جو تعين ڪن ٿا پر لفظ جي تخليقي استعمال جي خصوصيت اها آهي ته اهو مختلف نفسياتي ۽ جذباتي ڪيفيتن ۾ هڪ نئين چمڪ سان تاريخ ۽ جاگرافيائي حدن مان نڪري به پنهنجي اهميت مڃائي ٿو ۽ فيض هيءَ اهميت مڃرائي آهي. وٽس لفظ پنهنجي روايتي مفهوم کان الڳ به هڪ مفهوم رکن ٿا ۽ لفظن جو هي تخليقي استعمال، ان جي سڀ کان وڏي خصوصيت آهي.

فيض جي استعمال جي قدرن جي تعين ۾ هڪ رخ ان جي غزل گوئي جو به آهي. فيض تائين ايندي ايندي اردو غزل جنهن مقام تي پهچي چڪو هو ان ۾ ظاهري طور ترقيءَ جو سموريون راهون بند ٿي چڪيون هيون پر فيض جو ڪمال اهو آهي ته هن آهستي آهستي اردو غزل جي ديوان خاني ۾ به پنهنجي لاءِ هڪ مخصوص جاءِ ناهي. هن پنهنجي دور جي غزل جي ماحول مان نڪري پنهنجي نرم لهجي جي آڌارتي ان کي نين وسعتن ۾ آڻي ڇڏيو.

فيض جي شاعري جو هڪ ٻيو رخ، جنهن طرف هن مضمون ۾ اشارو ڪيو ويو آهي، اهو زندگي کي وڌيڪ خوبصورت ۽ دنيا کي امن جو هندورو بڻائڻ جي خواهش جو تخليقي اظهار آهي. هي پهلو ان جي شاعري جو مقصدي پهلو آهي يا انقلابي رڌم آهي. انهيءَ سبب ڪري فيض جي شاعري جو ڪينواس وسيع کان وسيع ٿيندو ويو. ان جي سياسي شاعري يا سياسي پسمنظر ۾ ڪيل شاعري ۾ اردو شاعري جا سڀ جمالياتي قدر اجاگر ٿيل آهن ۽ شارب صاحب چواڻي فيض نظرياتي نظم ۽ شعر به اهڙي نرمي ۽ شائستگي سان لکي ٿو، جو ان سان نظرياتي اختلاف رکڻ وارا به ان جي ساراهه ڪرڻ کانسواءِ رهي نٿا سگهن. فيض جي شعري رجحانن ۾ هڪ ٻي خاص ڳالهه هيءَ آهي ته ان ۾ غزل ۽ نظم جو فرق ظاهري طور گهٽ کان گهٽ ٿيندو ويو آهي. هن پنهنجن نظمن کي به غزل واري ڇَس ۽ مزي سان پيري ڇڏيو آهي. پر شارب صاحب ان ڳالهه کان انڪار ڪيو آهي ته فيض وٽ نظم ۽ غزل جو فرق ناهي. فيض جو نظم ۽ غزل ٻئي پنهنجو الڳ الڳ مزاج رکن ٿا. پر تاثير ۾ ٻئي هڪ ئي معيار رکن ٿا. فيض جي شعري لاڙن ۽ قدرن جي تعين جي باب ۾ پروفيسر شارب ردلوي انهن سڀني ڳالهين کي نظر ۾ رکيو آهي.

---

• پروفيسر شارب ردلوي جو هي مضمون، ''تنقيدي مباحث' ۾ ايجوڪيشنل پبلشنگ هائوس دهلي پاران 1995ع ۾ ڇپيو.

# فيض احمد فيض ۽ روايتي شاعراڻي ٻولي

نئين لساني تشڪيل جي حوالي سان ستر جي ڏهاڪي ۾ ڊاڪٽر محمد علي صديقيءَ سلسليوار ڪيترائي مضمون لکيا هئا. هو ٻولي جي پوري سماجي ڍانچي جي بربادي کي معاشري لاءِ سنو سنئون نه سمجهندو هو. انڪري هن ان فڪري طرز تي دليلن سان بحث ڪيو ۽ هر مناسب موقعي تي ان جي وڪالت ڪئي آهي. فيض صاحب تي پنهنجي مضمون "فيض احمد فيض ۽ روايتي زبان" ۾ به هن انهيءَ پس منظر سان فيض جي شاعريءَ جو مطالعو ڪيو آهي.

فيض جي شاعري کي هن پنهنجي نظرياتي دفاع ۾ هڪ چونڊ نموني طور پيش ڪيو آهي. انڪري ان مضمون جي ابتدا ۾ ئي هن پنهنجن اخذ ڪيل نتيجن کي مختصر طور هيئن بيان ڪيو آهي:

> "هن (فيض) روايتي شاعراڻي ٻولي کان پنهنجي ٿڌي مزاج، خوبصورت تهذيبي رچاءَ ۽سائنسي صداقت تي قائم سائنسي يقين لاءِ جنهن انتهائي منفرد انداز سان ڪم ورتو آهي اها نه صرف ان جي فنڪارانه عظمت جو ثبوت آهي بلڪ ان حقيقت جو ڪليل اعلان به آهي. ان روايتي ٻولي تي اٽندڙ سمورن اعتراض کي اجايو ۽ غير واجب قرار ڏئي ڇڏيو آهي".

ڊاڪٽر محمد علي صديقيءَ فيض جي شاعراڻي ٻولي ۽ ان جي ڊڪشن تي اعتراضن ڪرڻ وارن کي هن مضمون ۾ ياد ڏيارڻ جي ڪوشش

ڪئي آهي ته هي سلسلو ته خود فيض صاحب جي زندگي ۾ به جاري ۽ ساري هو. جڏهن نين لساني جڙاوتن جي وڪيلن خصوصيت سان فيض جي شاعرائيءَ لغت تي اعتراض ڪندي چيو هو ته تمام جلد هيءُ ادبي زبان ايتري قدر متجي ويندي جو خود ان جي زندگي ۾ ئي سندس گهڻپ ڪلاسيڪي شاعر طور ٿيڻ لڳندي. ڊاڪٽر محمد علي صديقيءَ پنهنجي هن مضمون ۾ فيض صاحب جي شاعريءَ کي هڪ ٽيسٽ ڪيس بنائي روايتي ٻولي جي امڪانن ۽ ان جي تخليقي استعمال تي بحث ڪيو آهي.

ڊاڪٽر محمد علي صديقيءَ روايت ۽ روايت پرستي کي الڳ الڳ خانن ۾ رکيو آهي ۽ هي ثابت ڪيو آهي ته هن شاعري جي ميدان ۾ پهرين جنگ ته روايت پرستن خلاف وڙهي آهي. فيض کي ان ڳالهه جو شعور هو ته سماجي ترقي سان گڏوگڏ ٻوليون به متبيون آهن. پر ان جي قاعدن ۽ ان جي بنيادي ساخت ۾ ڪا وڏي تبديلي نتي ٿئي. اهو ئي سبب آهي جو جاگيردارائي دور ۽ سرمائيدارائي دؤر جي ٻولي ۾ بنيادي فرق لغت جو هوندو آهي ۽ هي فرق سوچ، خيالن ۽ فڪر جي سبب ٿيندو آهي. ان نتيجي ۾ متن کي نئون لِباس ۽ نئين لباس کي نئون رنگ ملندو آهي. هن نئين رنگ کي ڏسندي، ان تي جديد يا جديد تر ادب جو ليبل هڻڻ گهڻي قدر آسان هوندو آهي. انڪري فيض جي شاعري خاص طور ان جي غزلي شاعري ۾ جيڪا فضا نظر اچي ٿي، اها هڪ جاگيردارائي دؤر جي ياد ڏياري ٿي، جتي سنواريل ٻولي جو جادو ڳالهائي ٿو ته ڇا فيض صاحب به پنهنجي شاعري کان اهو ڪم ورتو آهي. ڊاڪٽر محمد علي صديقي ان کي حقيقتن کان لڪڻ جو نانءُ ڏيئي ٿو ۽ هيءُ نقطہ نظر پيش ڪري ٿو ته:

> "شاعر اهڙي قسم جي ٻولي جو استعمال صرف ان لاءِ ڪندا هئا ته حڪمران طبقي جي خاطرداري ۽ هيئت پرستي ۽ اجايو نين شين ذريعي ڪئي وڃي. فيض ان دفاعي ميڪنزم کان نظرياتي جارحيت جو ڪم ورتو ۽ هو ڪامياب رهيو. هي سڀ ان لاءِ ممڪن ٿيو جو فيض ڪلاسيڪي لغت مان استفادو ڪندي، هن حقيقت کي نظر ۾ رکيو ته ان جي نوجواني ۽ جواني جي دور جي ننڍي

> ڪنڌ جي سماج ڪي بنياد (Base) يعني Content مهيو وجي. ان زماني ۾ تبديلي جون سموريون ڪاوشون قوم پرستاڻي سياست، مزدور تحريڪن ۽ بين الاقواميت جو احساس، هڪ قسم جي مواد (Content) کي مناسب صورت ڏيڻ جون ڪوششون آهن."

محمد علي صديقي صاحب هن مضمون ۾ هيءَ ڳالهه به اڳتي وڌائي آهي ته فيض جي شاعريءَ ۾ مذهبي لغت جيڪا استعمال ٿي آهي، سا هن جي شعوري ڪوشش جي ڪري آهي ۽ هي ان لاءِ آهي ته هو پنهنجي انقلابي پيغام کي وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ چاهيندو هو. ان ڪري هو روايتي شاعراڻي لغت ذريعي پنهنجن جديد انقلابي خيالن کي ماڻهن تائين پهچائيندو رهيو. فيض لاءِ اهو نسبتاً آسان هو ته مروج لغت جنهن تي مذهبي غلاف چڙهيل آهي ۽ جيڪو صدين کان ماڻهن جي رت ۾ شامل آهي، ان جو استعمال ڪري ته جيئن ان جو فڪري مواد وڌيڪ وسيع پئماني تي رسي سگهي. ان حوالي سان هن فيض صاحب جي شاعري جا مختلف نمونا به پيش ڪيا آهن. جن ۾ مذهبي استعارن ۽ تلميحن جو استعمال ٿيو آهي. ان سان گڏوگڏ ڊاڪٽر محمد علي صديقيءَ هن جي ڪوڙ نظمن جا حوالا ڏيندي هي به ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته آخر ۾ فيض صاحب ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي اثر مان ٻاهر نڪرڻ جون شعوري ڪوششون به ڪندو رهيو ۽ هن ڏاڍي عام ۽ سادي ٻولي به استعمال ڪئي آهي. ايتري سادي جو ڪڏهن ڪڏهن ان تي نثر جهڙو گمان ٿئي ٿو. هيءَ صورت غالب وٽ به نظر اچي ٿي. آخر ۾ هن به سادي ٻولي ڪتب آڻڻ شروع ڪري ڇڏي هئي ۽ اهو ئي، ڪجهه فيض وٽ به نظر اچي ٿو.

ڊاڪٽر محمد علي صديقي غالب سان فيض صاحب جي سمورين فڪري ويجهڙاين جي باوجود هي چيو آهي ته ان جي محبوب ترين شاعرن ۾ مصحفي ۽ سودا جو نالو ڪڻڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته هو انهيءَ جي ئي محبت جو سهارو وٺندي غالب جي سواليه فضا کان بچي نڪري وڃي ٿو. پر اهو به آهي ته فيض مصحفي ۽ سودا جي مڪمل پيروي ڪرڻ بجاءِ انهن ٻنهي جي رنگن مان هڪ نئون رنگ ٺاهيو آهي، جيڪو فيض جو پنهنجو رنگ آهي.

---

• ڊاڪٽر محمد علي صديقي جو هي مضمون 'اداره عصر نو'، ڪراچي پاران 1991ع ۾ ڇپيو.

# غيرن جي سازش جو قصو

راولپنڊي سازش ڪيس جي باري ۾ ڪوڙ ڳالهيون ٿي رهيون آهن، پر ان موضوع تي لکڻ وارن ڪي آخري فيصلي ۾ فيض صاحب جي هن شعر کي ئي بنياد بڻائڻو پوي ٿو ته:

*وہ بات سارے فسانے میں جس کا ذکر نہ تھا*
*وہ بات ان کو بہت ناگوار گذری ہے۔*

پروفيسر فتح محمد ملڪ به پنهنجي هن مضمون ۾ ان ڳالهه جي اڳ پوءِ کي درست ڪرڻ جي تحقيق واري انداز ۾ ڪوشش ڪئي آهي ۽ ان نتيجي تي پهتو آهي ته هيءَ سموري ڪهاڻي ”غيرن جي سازش“ جي چوڦير ڦري ٿي ۽ ان سان فيض ۽ ان جي ساٿين جو سڌو سنئون ڪوبه تعلق نه هو. سندس تحقيق مطابق هي سمورو ڊرامو پاڪستان جي پهرين فوجي ڪمانڊر ان چيف جنرل گريسي جو رچايل هو. پروفيسر ملڪ ان سازش جي باري ۾ جنرل ايوب خان جي ڪتاب ”فرينڊز نات ماسٽر“ مان ٽڪرو پيش ڪيو آهي. جنهن مطابق فيلڊ مارشل ايوب خان پنهنجي قلم سان اقرار ڪيو آهي ته:

> ”جنرل گريسيءَ موڪلائڻ وقت مون سان وڏيڪ ته ڪجهه نه بس ايتري ڳالهه ڪئي هئي ته فوج ۾ ”ينگ ترڪ“ پارٽي موجود آهي. مان وضاحت گهري ته هن چيو ته اڪبر خان جهڙا چند مخصوص ماڻهو آهن. ٻن يا ٽن مهينن کان پوءِ اڪبر سازش جو انڪشاف ٿيو. مونکي ان سازش جي ڄاڻ وزيراعظم لياقت علي خان وٽان ملي“.

يعني خود فوج جي سربراهه کي به ان جو اعلان ٽيڙ ٽائين ڪنهن سازش جي ڪڙڪ به نه پئي. اينڊڙ ڏينهن ۾ پاڪستان جي سياسي نقشي تي جهڙي نموني جون تبديليون رونما ٿيون، انهن جو ڪونه ڪو سِرو ان سازش جي ڊرامي سان ڪٿي نه ڪٿي مليل ضرور نظر اچي ٿو. پروفيسر فتح محمد ملڪ پنهنجي هن مضمون ۾ رٽائرڊ ميجر اسحاق جو به حوالو ڏنو آهي، جيڪو هن ڪيس ۾ پاڻ به هڪ مجرم هو. ان جي بيان مطابق:

”پنڊي ڪيس ڪا سازش نه هو بلڪ حقيقت هيءَ آهي ته ان زماني ۾ پاڪستان جي حڪومت پاڪ آمريڪي فوجي معاهدي لاءِ رضامند ٿي چڪي هئي. پر ان کي فوج مان محب وطن (عنصرن) مان خطرو هو ته هو ملڪ کي آمريڪا جي غلامي ۾ وڃڻ نه ڏيندا. ٻيو ته ڪشمير ۾ پهرين جنوري تي جيڪا جنگبندي ڪئي وئي، اها پاڪستان جي حڪمران طبقن، ڀارت جي حڪمران طبقن ۽ انگريزن وچ ۾ هڪ سازش جو نتيجو هئي. ان خلاف فوج ۾ شديد ردعمل هو. ياد رهي ته جن فوجي آفيسرن کي پنڊي سازش ڪيس ۾ ملوث ڪيو ويو هو، اهي سڀ ڪشمير ۾ وڙهيا هئا“.

هڪ ٻيو حوالو ڏيندي، ان لکيو آهي ته ڪشمير ۾ پاڪستان حڪومت جي جنگ بندي واري فيصلي کي اڪبر خان هضم نه ڪري سگهيو ۽ ان لاءِ انگريز ڪمانڊر ان چيف ۽ ان جي ويجهن اعليٰ فوجي آفيسرن جي نظر ۾ هو مشڪوڪ ٿي ويو هو.

پروفيسر فتح محمد ملڪ پنهنجي هن مضمون ۾ ڪوڙ سارا اهڙا حوالا ڏنا آهن، جن مان اها ڄاڻ ملي ٿي ته پاڪستان جي هٿياربند فوج جنهن جي ان وقت اڳواڻي هڪ انگريز جنرل جي هٿ ۾ هئي، جيڪو پنهنجي نوآبادڪاري مقصدن ماڻڻ کي وڌيڪ اهم سمجهندو هو، ۽ هو اهڙن ماڻهن کي هميشه شڪ جي نگاهه سان ڏسندو هو، جن کي ان وقت جي حڪومت جي پاليسين سان به ڪنهن نه ڪنهن طرح جو اختلاف هو. ان سلسلي ۾ سڀ کان وڌيڪ نمايان شخصيت جنرل اڪبر جي هئي جيڪو ”راولپنڊي سازش

ڪيس" جو اهم ملزم ۽ ماسٽر مائينڊ سمجهيو ويندو هو.

جنرل اڪبر خان ظاهري طور "راولپنڊي سازش ڪيس" جي الزامن کان پهرين پاڪستان جي ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻ سجاد ظهير ۽ ان جي ساٿي ۽ "پاڪستان ٽائيمز" جي ايڊيٽر فيض احمد فيض سان هڪ موقعي تي صلاح مشورو به ڪيو هو. ان ٻنهي غير فوجي دانشورن جنرل اڪبر خان سان اختلاف ڪندي، ڪيس ڪنهن به قسم جي غير جمهوري تبديلي يا فوجي انقلاب برپا نه ڪرڻ جو مشورو ڏنو هو. پر چاڪاڻ ته حڪومت ۽ فوج ۾ اهڙا ماڻهو به شامل هئا، جيڪي مغربي سامراج جي حڪمت عملين کي ڪامياب بنائڻ گهرن پيا ۽ جيڪڏهن ان جي رستي ۾ ڪجهه ڏکيائون پيدا ڪري پئي سگهيا ته اهو جنرلُ اڪبر خان يا ان ئي جهڙن فوجي آفيسرن ذريعي ئي ممڪن هو. انهن امڪاني خدشن کي ختم ڪرڻ لاءِ "راولپنڊي سازش ڪيس" جو درامو رچيو ويو. ان سازش جي مقدمي جو اصل مقصد پاڪستان ۾ جمهوري اصولن جي اوسر ڪندڙ قوتن کي ڪمزور ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو.

پروفيسر فتح محمد ملڪ هن مضمون ۾ ميجر جنرل شير علي پٽودي جي ڪتاب "دي اسٽوري آف سولجرنگ اينڊ پاليٽڪس" مان ڏيان ڇڪائيندڙ حوالو به ڏنو آهي. جنهن مطابق جنرل ايوب خان جيڪو اڃا پورو ڪمانڊر ان چيف به نه ٿيو هو پنهنجي ساٿي جنرل کي ڏاڍي صاف ۽ واضح لفظن ۾ چيو هو ته:

> "هن فوج کي ان کان وڌيڪ عظيم تر ۽ وسيع تر ڪردار سرانجام ڏيڻو آهي، جنهن جي ماڻهو ان مان توقع رکن ٿا. اڄ جي صورتحال ۾ اسان جي ملڪ ۾ ڪمانڊر ان چيف دراصل وزير اعظم کان وڌيڪ اهم شخصيت آهي".

انڪري گريسي جي وڃڻ بعد وزير اعظم کان به وڌيڪ اهم شخصيت اهو ئي رستو اختيار ڪيو. جنهن جو سبق ڪيس جنرل گريسيءَ ويندي ويندي پڙهايو هو. پروفيسر فتح محمد ملڪ پنهنجي هن مضمون ۾ انهيءَ تاڃي پيٽي کي ڳولهڻ جي مخلصاڻي ڪوشش ڪئي آهي. ان جي تحقيق مطابق راولپنڊي سازش ڪيس دراصل هڪ بهانو هو. جنهن جو مقصد پاڪستان جي هٿياربند فوج جي ڪن محب وطن آفيسرن کي پٽ سان

لڳائڻو هو ۽ ان ۾ فيض احمد فيض جو ڪردار ڪجهہ بہ نہ هجڻ جي برابر هو. راولپنڊي سازش ڪيس جي حوالي سان فيض جو ذڪر اڪثر ۽ گهڻو ڪري سياسي ۽ ادبي ٻنهي حوالن سان ٿيندو آهي تہ ان سلسلي ۾ ڪوڙ سارا سوال اٿاريا ويندا آهن. منهنجي خيال ۾ پروفيسر فتح محمد ملڪ جو هي مضمون انهن سڀني سوالن جا جواب فراهم ڪري ٿو.

• پروفيسر فتح محمد ملڪ جو هي مضمون، 'فيض شاعری اور سیاست' سنگ ميل پبلڪيشن، لاهور پاران 1988ع ۾ ڇپيو.

# فيض جي وڇوڙي تي

فيض جو انتهائي ويجهو دوست ۽ ان جو نظرياتي ساٿي حميد اختر انهن ڏينهن ۾ لنڊن ۾ هو، جڏهن فيض صاحب جي وڇوڙي جي خبر کيس ملي. هي مضمون هن اتي ئي لکيو هو. مضمون جي ابتدا ۾ ئي چئي ٿو:

”20 نومبر لنڊن ۾ اسان جي قيام جو آخري ڏينهن هو. 21 جي صبح جو سعديه ۽ مان ماسڪو لاءِ روانا ٿي رهيا هئاسين. 19 جي شام تي اردو مرڪز لنڊن ۾ راجندر سنگهه بيدي جي ياد ۾ منعقد ٿيڻ واري تعزيتي جلسي کان پوءِ زهره نگاهه مونکي فيض صاحب جي ڪتاب ”*سارے سخن ہمارے*“ جو هڪ نسخو ۽ فيض جي نانءُ هڪ خط ڏنو. اڃا اها ڳالهه پوري ٿي ئي ته فيض اڪيڊمي لنڊن جو مجاهد ترمذي اچي ويو ۽ فيض سيمينار جي وڊيو ڪيسٽ کيس ڏني سون ته اها فيض صاحب ڏانهن موڪلڻي آهي“.

پر جڏهن فيض صاحب جي انتقال جي خبر ملي ته ان جي ذهن جي پردي تي ماضي جا ڪيئي واقعا فلم جي منظرن وانگر ڦرڻ لڳا. هن کي ياد آيو ته هڪ ڀيري نورجهان چيو هو ته مان فيض صاحب سان هڪ عجيب وغريب رشتو ٿي رکان ۽ هي رشتو بي پناهه محبت جو آهي. پر مونکي معلوم ناهي ته مان هن رشتي کي ڪهڙو نانءُ ڏيان! ڪڏهن لڳي ٿو مان سندس عاشق آهيان، ڪڏهن لڳندو آ ته هو منهنجو محبوب آهي، ڪڏهن لڳندو آ ته هو منهنجي پيءُ جهڙو آهي، مڙس جهڙو آ، هڪ بزرگ جهڙو آ. ۽

ڪڏهن لڳندو آهي ته هو منهنجي ننڍي ٻارڙي جهڙو آهي. حميد اختر نورجهان جي هن تعريف کي فيض جي شخصيت جي بلڪل جامع وصف قرار ڏنو. خود ڪيس به اهو احساس هو ته هو فيض کان عمر ۾ ننڍيو هو. پر فيض هميشه ساڻس برابري جهڙو ۽ دوستاڻو رويو رکيو.

حميد اختر جي هن مضمون ۾ فيض صاحب جا ڪوڙ دلچسپ واقعا شامل آهن ۽ هي مضمون فيض جي شخصيت جي گهڻن پهلوئن جي سمجهڻ لاءِ ڏاڍو ضروري آهي. هن ان وقت جو هڪ واقعو لکيو آهي، جڏهن پنڊي سازش ڪيس مان آجپي کان پوءِ هندوستان ۾ پاڪستان جي سفير راجا غضنفر علي خان دهلي ۾ پنهنجي گهر ۾ هن سان هڪ ملاقات رکي. فيض جو نالو ٻڌي ڪوڙ سارا ماڻهو ان جو ڪلام ٻڌڻ لاءِ ڳڏ ٿيا. ايتري قدر جو ٻاهر روڊ تي لائوڊ اسپيڪر لڳائڻو پيو. ان دوران تقريباً اڌ رات کان پوءِ پنڊت جواهر لعل نهرو جي فون آئي ۽ ان پاڪستان جي سفير سان شڪايت ڪئي ته فيض جي دعوت ۾ توهان اسان کي ڇو نه گهرايو. پوءِ بعد ۾ هو ان محفل ۾ پاڻ ئي شريڪ ٿي ويو. حميد اختر هتي هڪ ٻئي واقعي جو ذڪر ڪيو آهي ته جڏهن جلاوطني جي ڏينهن ۾ فيض صاحب هندستان ويو هو ته اتان جي پاڪستان جي سفير پرڏيهي وزارت کي هڪ نياپو اماڻيو ته فيض جي ڪري، اسان جي هندوستان جي اقتدار ڏٽي حلقن تائين آساني سان رسائي ٿي وئي آهي، ان ڪري ڇو نه کين سرڪاري يا غير سرڪاري طور تي پرڏيهي وزارت سان ڳنڍي ڇڏجي ته ان طرح ملڪ جي ڏاڍي خدمت ٿي سگهي ٿي. پر ظاهر آ ائين ته ٿيڻو نه هو سو نه ٿيو ۽ فيض بيروت هليو ويو.

حميد اختر ڪوڙ دلچسپ واقعن جي بيان سان هن مضمونن کي سنواريو آهي ۽ واقعا به اهي آهن جن ۾ هو پاڻ شريڪ هو. لاهور ۾ طوائفن جي اڏي تي فيض صاحب جي وڃڻ جو واقعو بيان ڪندي چوي ٿو ته:

> ”هڪ ڀيري مريم سلگانيڪ لاهور آئي ته نورجهان جي گهر ۾ ان جي دعوت ٿي. جنهن ۾ فيض سان گڏ حميد اختر به هو. واپسي تي مريم سلگانيڪ عجيب وغريب فرمائش ڪئي ته مون کي هيرامنڊي وٺي هلو. مان اتي وڃي گانو ٻڌڻ چاهيان ٿي. حميد اختر هنن ٻنهي کي وٺي

جڏهن درتي پهتو ته اهو اندران بند هو. پر اتان طبلي ۽ گاني جا آواز اچن پيا. اندر ڪا خاص پارٽي هئي، جنهن ڪري بيو ڪو اندر نه پيو وڃي سگهي. بهرحال حميد اختر اندر پيغام پهچرايو ته مون سان گڏ فيض ۽ ان جي غير ملڪي مهمان آهي، جيڪا گانو ٻڌڻ تي چاهي. فيض صاحب جي نانءُ ڪري در کلي پيو. اندر جيڪي خاص پارٽي جا تماشائي ويٺل هئا. اهي سڀ ادب سان اٿي بيهي رهيا. ڪنهن فيض صاحب جا هٿ چميا ته ڪي وري پيرين پئي مليا. جڏهن ٻيهر هي گانو شروع ٿيو ته هي ماڻهو واري واري فيض تان پئسا گهورڻ لڳا. مشروبات پيش ڪرڻ لڳا. جڏهن اتان واپس ٿيا ته مريم ڪائنس گهور گهورڻ جو تهذيبي پسمنظر ڄاڻڻ گهريو. پر حميد اختر صرف اهو ڄاڻڻ پئي گهريو ته آخر طوائفن جي ڪوٺي تي سندس چاهڻ وارا ڪير هئا، جيڪي هن تي اهڙي طرح پئسا گهوري رهيا هئا ۽ سندس هٿ پير چمي رهيا هئا. فيض صاحب مختصر جواب ڏنو ته اهي اسان جا امرتسر واري زماني جا ڪجهه شاگرد هئا. جن سان اڄ هتي ملاقات ٿي وئي.

حميد اختر ايلس فيض جي حوالي سان به ڏاڍي سٺي ڳالهه لکي آهي ته :

"فيض جي سٺي صحت، وڏي عمر ۽ شاندار زندگي ۾ ايلس جو تمام وڏو هٿ آهي. جيڪڏهن هوءَ هن کي پنهنجي سخت ڊسيپلن ۾ نه رکي ها ته شايد فيض به مجاز ۽ اختر شيراني وانگر گهڻو اڳ هن دنيا مان موڪلائي چڪو هجي ها".

حميد اختر ڪوڙ سارن واقعن جي حوالي سان لکيو آهي ته "توڙي جو هو ملڪ کان ڏور هو ۽ وطن کي ڏاڍو ياد ڪندو هو" پر سراسري طور تي ان جي زندگي جا آخري چند سال ڏاڍا سٺا گذريا ۽ آسودگي وارا هئا. فيض جڏهن

واپس لاهور آيو تہ ان جا کوڙ پراڻا ساٿي هڪ هڪ ڪري لاڏاڻو ڪري چڪا هئا. شايد ان ڪري هن چيو هو "يہ شہر اداس اتنا زيادہ تو نہیں تھا" (هي شهر اڳ ايترو گهڻو اداس تہ نہ هو). انهن ڏينهن کي ياد ڪندي حميد اختر لکي ٿو تہ:

"شهر جي ثقافتي زندگي جو نقشو بگڙجي ويو هو. هو سڄي دنيا کي ڇڏي لاهور ديرو ڄمائڻ لاءِ آيو تہ مادل تائون جو سندس پنهنجو گهران گرم جوشي کان محروم هو. جنهن جو هو سڄي زندگي عادي رهيو هو. هن جا چاهڻ وارا هزارين هئا. پر ان زماني ۾ جڏهن بہ هن وٽ وياسين اهو محسوس ڪيوسين تہ هو تنهائي جي آزار جو شڪار آهي."

مطلب تہ هن مضمون ۾ فيض صاحب جي سوانحي احوال سان دلچسپي رکڻ وارن لاءِ کوڙ سارو مواد موجود آهي، جيڪو حميد اختر جهڙا فيض جا ويجها ساٿي ئي مهيا ڪري سگهيا ٿي.

• حميد اختر جو هي مضمون ڪتاب "فیض کے مغربی حوالے" مرتب اشفاق حسين، جنگ پبليشرز لاهور ۾ 1993ع تي ڇپيو.

# مُنهنجي دل منهنجو مسافر

ڪشور ناهيد جو هي مضمون تاثراتي مضمون آهي. جنهن ۾ هن فيض صاحب سان پنهنجي پراڻي نيازمندي جي اعتراف سان گڏوگڏ ان جي حوالي سان ڪوڙ سارين يادن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪيو آهي. هن مضمون ۾ واقعا ڪنهن ترتيب سان نہ لکيا ويا آهن. بلڪہ هن جي ذهن جي پردي تي جيئن جيئن خيال پنهنجو عڪس ڏيکاريندا رهيا، تيئن تيئن هن انهن کي تحرير ڪيو آهي. تنهنڪري ان سبب ڪٿي ڪٿي اڳ پوءِ جي ڏکيائي بہ پيش آئي آهي. پر چاڪاڻ تہ ان مان گهڻا واقعا فرسٽ هينڊ انفارميشن طور سامهون آيا آهن، ان ڪري انهن جي ڏاڍي اهميت آهي. فيض صاحب جي مڪمل سوانح لکڻ ۾ هن مضمون مان فائدو وٺي سگهجي ٿو.

ڪشور ناهيد هن مضمون ۾ صرف انهن واقعن کي لکيو آهي، جنهن ۾ هوءَ سڌي يا اڻ سڌي طرح شريڪ رهي آهي. هڪ عرصي تائين ڪشور ناهيد جي زندگي جو گهڻو حصو لاهور ۾ ٿي گذريو آهي. تنهنڪري هن مضمون ۾ گهڻا تڻا واقعا لاهور شهر جي چوڪير قرن تا، جڏهن فيض صاحب بہ اتي هو. ڪشور ناهيد انهن واقعن کي نہ صرف جيئن جو تيئن بيان ڪيو آهي بلڪہ انهن بابت پنهنجا مشاهدا بہ پيش ڪيا آهن. مثلاً جڏهن هوءَ ڪاليج ۾ پڙهندي هئي ۽ انهن ڏينهن ۾ فيض صاحب جيل ۾ هو تہ فيض صاحب جي نياڻي سليمہ بہ ان ڪاليج ۾ داخلا ورتي. ان زماني ۾ سليمہ اڪثر جينز جي پينٽ پائي ڪاليج ايندي هئي. اڄ کان تقريباً اڌ صدي پهريان هيءَ ڪا عام ڳالهہ ڪونہ هئي. ڪشور هيءَ ڳالهہ تہ لکي پر گڏوگڏ اهو بہ لکيو تہ مان ايلس فيض کي بہ ڪڏهن جينز يا مغربي لباس ۾ نہ ڏٺو، سواءِ ڪڙتي

شلوار ۾ ساڙهي جي. ان مان اهو معلوم ٿو ٿئي ته ايلس فيض ڪنهن نه ڪنهن طرح پاڻ کي فيض صاحب جي رنگ ۾ رڱي ڇڏيو هو ۽ هن وٽ پاڪستاني تهذيبي قدرن جو ڪيترو نه مان هو. جڏهن ته اهو ورثو هن کان پوءِ انهيءَ ريت محفوظ نه رهي سگهيو.

قومون پنهنجن نامور شخصيتن جي هڪ هڪ شيءِ کي عزت ۽ احترام سان سنڀالي رکنديون آهن. ايئن فيض صاحب لاءِ به ٿيڻ گهرجي ها. پر جڏهن سندس هڪ نشاني سندس ڌيءَ هٿان ئي ختم ٿي وئي ته ڪشور ان تي افسوس جو اظهار ڪيو:

> "بيروت کان واپس اچڻ بعد هن (فيض) هڪ بيو گهر ماڊل ٽائون ۾ وٺي ڇڏيو. جيڪو منيزه جي ناليِ سان هو. ان ۾ رهڻ واسطي ان کي پنهنجي لاءِ ٽائون هاؤس بڻايو ۽ هي پارٽيون اسان ان گهر ۾ ئي ڪندا هئاسين. هاڻي ته اهو گهر به نه رهيو. سنڌس نياڻيءَ پيءُ جي هيءَ نشاني به ختم ڪري ڇڏي".

هن مضمون جي خاص ڳالهه هيءَ آهي ته ڪشور ناهيد فيض صاحب کي فرشتو بڻائي پيش ناهي ڪيو، بلڪ ان جي ڪمزور لمحن کي به نظر ۾ رکيو آهي. جڏهن فيض صاحب ضياءَ الحق سان ملاقات ڪئي ته ان ڳالهه کي ان جي دوستن سٺو ڪونه سمجهيو ۽ انهن ماڻهن ۾ ڪشور ناهيد پاڻ به شامل هئي. هنن سڀن ۾ هن اهو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته هي سڀ هن پنهنجي ٻارن جي خاطر ڪيو هو. ڪشور ان واقعي بابت صاف لکيو آهي ته:

> "هي سچ آهي ته هن (فيض) پنهنجي ٻنهي نياڻين کي تمام سچو ۽ ڈاڍو پيار ڏنو. اهڙا پل به آيا جو هن پنهنجي عزت جي پاسداري کي وساري ڇڏيو پر پنهنجين نياڻين کي سک پهچايو".

هڪ ٻي ڳالهه جيڪا ڪوڙ سارين جاين تي ڇپجي به وئي آهي ۽ لکجندي به رهي آهي ته فيض صاحب گهٽ ڳالهائيندڙ هو پر ڪشور پنهنجي مشاهدي جي روشني ۾ اسان کي هڪ ٻيو پاسو به ڏيکاريو آهي. جنهن مطابق:

> "آخري سالن ۾ فيض صاحب ٻن ٽن پيگن کان پوءِ ڳالهائڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. ڪڏهن هو پنهنجي ننڍپڻ

جو احوال ٻڌائيندو هو ته. ڪڏهن امرتسر ڪاليج جو، ڪڏهن
فوج ۾ شامل ٿيڻ جو ۽ ڪڏهن پنهنجي ڳوٺ جو."

فيض صاحب جي ادبي سفر ۾ صوفي غلام مصطفيٰ تبسم جو سهڪار ۽ رهنمائي ڪا لڪل ڳالهه ڪانهي. ڪشور ناهيد جي هن مضمون مان صوفي صاحب سان فيض صاحب جي خاص عقيدت ۽ محبت جي رشتي بابت به معلومات ملي ٿي، مثلاً هي ته:

"فيض علمي بحث هميشه صوفي صاحب سان
ڪندو هو ۽ اهو به فارسي ترڪيبن جي حوالي سان يا وري
مان ان زماني ۾ تقريباً روزانو ئي فيض صاحب کي صوفي
صاحب جي گهر ڏٺم. جڏهن هو اقبال جي ڪلام
(فارسي) جو اردو ترجمو ڪري رهيو هو ۽ صلاح مشوري
لاءِ ايندو هو".

فيض صاحب جي صوفي صاحب سان عقيدت ۽ پيار ۽ خود ان جي معصوميت به هئي جو جڏهن سارتر جو انتقال ٿيو ته ڪنهن فيض صاحب سان افسوس ڪندي چيو ته سارتر مري ويو آهي، ته فيض صاحب جي زبان مان پاڻمرادو اهي لفظ نڪتا ته "۽ صوفي صاحب به ته هليو ويو". هي ۽ اهڙا ڪوڙ سارا دلچسپ واقعا هن مضمون ۾ ملن ٿا. اهڙي طرح راشد جي باري ۾ به فيض صاحب جا خيال سامهون آيا آهن. ڪشور چواڻي ماڻهن انهن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي، پر فيض صاحب هميشه راشد جي ساراهه ئي ڪئي.

فيض صاحب جي تهذيبي شخصيت جو هڪ ٻيو رنگ ڪشور هن واقعي ۾ ڏيکاريو آهي ته لاهور ۾ قزلباش حويليءَ کان جڏهن ڏهين جي ڏينهن ذوالجناح جو جلوس نڪرندو هو ته ان ۾ فيض صاحب جيڪڏهن لاهور ۾ هوندو هو ته ضرور شرڪت ڪندو هو. ڪشور پاڻ به فيض صاحب سان گڏ اتي ويندي هئي ۽ هن چواڻي ته فيض صاحب جي ڪري هن کي به اتي مٺا ڪارا، ڪشميري چانهه ۽ حليم وغيره کائڻ لاءِ خوب ملندو هو.

اهڙا ڪوڙ دلچسپ واقعا ڪشور ناهيد پنهنجي هن مضمون ۾ گڏ ڪري ڇڏيا آهن ۽ ان طرح هڪ قسم جي ڊاڪومينٽيشن ڪري ڇڏي آهي.

---

• ڪشور ناهيد جو مٿيون مضمون "ادبيات فيض نمبر" ۾ 2009ع ۾ اڪادمي ادبيات، اسلام آباد پاران شايع ٿيو.

# فيض جي باري ۾ هڪ گفتگو

فيض صاحب جي انتقال کان سنت پوءِ ان جي ياد ۾ ۽ کيس خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ لاهور ۾ ڪيترين ئي مجلسون ٿيون. هي زمانو پاڪستان ۾ ضياءَ الحق جي اسلامي مارشل لا جو زمانو هو. ۽ انهيءَ زماني ۾ عبدالله ملڪ لاهور ۾ منعقد ٿيڻ وارين ٻن مجلسن جي ذڪر سان هن مضمون کي چٽيو آهي. عبدالله ملڪ جن ٻن مجلسن جو ذڪر هن مضمون ۾ ڪيو آهي، ان مان هڪ مجلس ۾ پروفيسر ڪرار حسين چيو هو ته "فيض هڪ نظرياتي شاعر هو ۽ ڪميونزم جي نظريي ئي ته فيض جهڙو شاعر پيدا ڪيو. هاڻي خدا ڪري اسلام ڪي نظريو بنائي پيش ڪرڻ وارا به اندر مان هڪ به فيض پيدا ڪري سگهن".

ڪرار صاحب جو نقطهِ نظر اهو هو ته اسلام حق جو دين آهي نه ڪي ڪو نظريو ۽ نظريو ته زماني جي متعلق هوندو آهي. جڏهن ته دين هڪ دائمي سلسلو آهي. اهڙي طرح هڪ ٻي مجلس ۾ ميان ممتاز محمد خان دولتانه تقريباً ٻن ڪلاڪن تائين فيض جي شاعري تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو، پر ڪٿي به سندس سياسي مسلڪ جو ذڪر نه ڪيو ليڪن جڏهن ڪنهن ان کان اهو سوال ڪري ئي ورتو ته هن ٿوري هٻڪ سان هي مڃيو ته ها هو مارڪسٽ دانشور ۽ شاعر هو. عبدالله ملڪ هن صورتحال جي پس منظر ۾ لکيو ته انهن سمورين ڳالهين جو مقصد صرف ۽ صرف هي آهي ته:

"فيض جي شاعري کي ڪنهن به ڪاتي ۾ وجهي
ڇڏيو پر مارڪسزم جي ڪاتي ۾ نه وجهو. ڪجهه ايئن

محسوس ٿيندو آهي جيئن مارڪسٽ ۽ انسان دوست ٻه ابتڙ خانا آهن. ان لاءِ فيض کي انسان دوست مڃيو وڃي پر مارڪسٽ نه مڃيو وڃي. حالانڪ مارڪسزم جو پورو ڍانچو ئي انسان دوستي تي ٽوجڙي. منهنجي خيال ۾ فيض جي عظمت جو راز سندس مارڪسزم تي عبور ۽ ادراڪ ۾ لڪل آهي".

عبدالله ملڪ پنهنجي هن مضمون ۾ هيءَ ڳالهه زور ڏيندي چئي ته سموري ڄمار فيض جي مخالفت ڪرڻ وارا فيض جي نظريي کي پوئتي ڌڪي ڪري، هاڻي ان کي صرف هڪ رومانوي ۽ انسان دوست شاعر جي حيثيت سان متعارف ڪرائڻ چاهين ٿا، جيڪا سراسر فيض جهڙي نظرياتي شاعر سان هڪ دشمني آهي. در اصل برطانوي استحصال جي زماني کان ئي هي پروپئگنڊا ٿيندي رهي آهي ته ڪميونسٽ ته هڪ طرح سان جنگ ۽ جدل سان ڀرپور هڪ شاهڪار آهي. هر وقت ان جي هٿ ۾ هٿيار هوندو آهي. جيڪو ڪنهن به حڪومت کي هٽائي پنهنجو جهنڊو کوڙڻ لاءِ هر وقت تيار هجي ٿو. آزاديءَ لاءِ گوريلا جنگين به هن پروپئگنڊا لاءِ ميدان هموار ڪيو. عبدالله ملڪ چواڻي هي اهو تصور هو جيڪو عام پاڪستانين جي ذهنن ۾ شروع کان ئي ويهاريو پئي ويو آهي. ايئن جڏهن فيض جهڙي نرم ۽ نازڪ شخصيت ۽ (ڌيمي) لهجي جي شاعري کي هڪ عام پڙهندڙ پڙهندو هو ته ان جي ذهن ۾ هي سوال اڀرندو هو ته فيض جهڙو شرميلو ۽ گهٽ ڳالهائيندڙ شخص ڀلا ڪيئن ڪميونسٽ ٿي سگهي ٿو. عبدالله ملڪ ان جو تجزيو ڪندي لکيو آهي ته:

"اسان وٽ جيئن ته سياسي عمل زمين هيٺ هليو ويو آهي ۽ ظاهري طور هڪ قبر جهڙي سانت ڇانئجي وئي آهي ته ان ۾ صرف فيض جو آواز ۽ شاعري ئي هئي، جيڪا ان خاموشي، ان سانت ۽ ان نراسائي ۽ نااميدي جو پردو چاڪ ڪري رهي هئي. ۽ اهو به ڏاڍو هوريان هوريان ۽ آهستي، ٺلندي ته اهڙي آواز ۽ شاعري جي خالق کي اسان مارڪسٽ مڃڻ کان پاسو پئي ڪيو. ڇاڪاڻ ته اسان

مارڪسزم ڪي گجگوڙ، مرڻ مارائڻ ۽ گوريلا جنگ جي طريقي سان هم آهنگ ڪري رکيو هو ۽ فيض چاڪاڻ ته ان تي پورو نہ پئي لٿو. ان ڪري اسان ڪيس مارڪسٽ ئي ڪونہ مڃيندا هئاسين".

هن مضمون ۾ هن فيض ۽ ڪميونزم جي فلاسافي جي حوالي سان هڪ ٻي اهم ڳالهہ ڏانهن بہ اشارو ڪيو آهي تہ فيض ڪو مارڪسي اڳواڻ نہ هو بلڪ مارڪسي تعليم جي روشنيءَ ۾ هن پنهنجي معاشرتي ۽ سماجي حالتن جو تجزيو ڪيو ۽ هن فطري شاعر جي حيثيت سان پنهنجي شاعري ۾ ان جو خوبصورت جمالياتي اظهار ڪيو. فيض جي ڪلام کي ان جي صحيح تناظر ۾ سمجهڻ لاءِ ان اهم نڪتي کي سمجهڻ ڏاڍو ضروري آهي. شاعر فيض يقيناً هڪ الڳ شخصيت آهي ۽ هن جو ان انداز سان مطالعو ضرور ڪرڻ گهرجي، پر نظرياتي فيض بيشڪ ڪميونسٽ آهي ۽ سندس ان پهلو کي لڪائڻ جي ڪوشش نہ ڪرڻ گهرجي.

سوويت انقلاب جي باني لينن هڪ شاعر جو نہ بلڪ مارڪسي اڳواڻ جو ڪردار ادا ڪيو هو ۽ پنهنجي قوم جي سياسي رهنمائي جو فرض سرانجام ڏنو هو. تاريخ ۾ انجو نالو هڪ مارڪسي اڳواڻ طور ئي ورتو ويجي ٿو. ان جي قوم بہ ان کان ڪنهن شاعر وانگر فڪري رهنمائي جو مطالبو بہ نہ ڪيو هو. پر ڇاڪاڻ تہ پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ مارڪسي اڳواڻ جي توقع بہ هر انقلابي شاعر کان ڪئي پئي وئي آهي، تہ ظاهر آهي تہ فيض جهڙو انقلابي ۽ حساس شاعر اهو ڪردار ڪيئن ادا ڪري ها. ان ۾ ڪجهہ ترقي پسند تحريڪ جي ڇانو هيٺ اسريل جوشيلن جذبن جو بہ اثر هو. پر سموري تحريڪ تہ ان فڪري انداز جي (اسريل) نہ هئي. ان ڪري هاڻي جڏهن تہ وقت جي درياءَ مان گهڻو پاڻي وهي چڪو آهي تہ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ ان جا نظريا ۽ ان جي شاعري کي ان جي صحيح تناظر ۾ ڏنو ۽ سمجهيو وڃي.

عبدالله ملڪ جو هي مضمون هڪ طرح فيض جي شاعري کي ان جي صحيح تناظر ۾ نہ ڏسڻ وارن جي شعوري ڪوششن خلاف هڪ احتجاج آهي. اهو ئي سبب آهي تہ هن مضمون جي آغاز ۾ ئي هي مثال ڏنو آهي تہ جيئن زنده هاٿي لک جو هوندو آهي تہ مئل هاٿي سوا لک جو ٿي ويندو آهي،

۽ فيض بہ هن دنيا مان موڪلائڻ بعد ان مقام تي پهچي ويو آهي. جتي ڪيس هر گروپ پنهنجو ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي. ظاهر آهي تہ فيض جي دوستن لاءِ هي ڳالهہ خوشي جي آهي پر ان ۾ جيڪي خطرا لڪل آهن، انهن تي بہ نظر رکڻ گهرجي. ان لاءِ لاهور ۾ منعقد ٿيندڙ ٻن مختلف تقريبن جي حوالي سان عبدالله ملڪ هڪ مارڪسي دانشور جي حيثيت سان ان موضوع تي قلم کنيو آهي ۽ فيض جي چوڌاري پکيڙي ويندي دز کي ان مضمون جي ذريعي صاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

---

• عبدالله ملڪ جو هي مضمون 'ادب لطيف' فيض نمبر، ۾ جديد پريس لاهور پاران 1988ع ۾ شايع ڪيو ويو.

# فيض جي شاعريءَ جو زنده لفظ

ڊاڪٽر آغا سهيل هي مضمون فيض جي وفات کان پوءِ لکيو هو ۽ ان وقت سندس خيال هو تہ فيض جي وفات کان پوءِ هڪ اهڙو گروهہ پيدا ٿي ويو آهي، جيڪو سندس فڪر سان اختلاف جي آڌار تي کيس صرف ۽ صرف هڪ رومانوي شاعر ثابت ڪرڻ چاهي ٿو. تہ جيئن سندس انقلابي فڪر ڏانهن ماڻهن جو توجهہ نہ ڇڪجي.

ڊاڪٽر آغا سهيل ان ڳالهہ کي تسليم ڪيو آهي تہ فيض يقيناً هڪ رومانوي مزاج رکندڙ شخصيت هو. پر ان سان گڏوگڏ هو ان معنيٰ ۾ هڪ آفاقي شاعر هو تہ سندس لکيل هر لفظ زنده لفظ جون صفتون رکي ٿو. ۽ ڪنهن شاعر ۾ هي صفتون ان وقت پيدا ٿينديون آهن، جڏهن هو پنهنجي دلي هورا ڪورا جو بيان اهڙي طرح ڪري جو ان ۾ پوري ڪائنات جو درد اوتجي اچي. فيض پنهنجو رشتو مظلوم انسانن جي ڏک ۽ درد سان جوڙيو ۽ ان کي پنهنجو سمجهي هڪ طرح پنهنجي آتم ڪٿا لکي آهي. اهڙي طرح سندس شاعري ۾ احساس جو جيڪو جنم پيدا ٿي ويو آهيءِ سندس شاعريءَ جو جادو جڻ ڳالهائي ٿو. هاڻي ان آڌار ڪيترن ئي فن جي نقادن فيض کي صرف رومانوي شاعر قرار ڏيارڻ جي ڪوشش آهي. ڊاڪٽر آغا سهيل ان جي وڏي شدت سان هن مضمون ۾ ترديد ڪئي آهي ۽ هي ڳالهہ زور ڏئي چئي آهي تہ:

> ”اصل ۾ هي اهوئي چڪر آهي، جنهن تحت ڦورو ڌريون پهچ ۽ اطلاع جي رستي ۾ فاصلا پيدا ڪرڻ سان گڏوگڏ نصب العين کي گم ڪري اجايو ۽ فالتو شين جي

تصورن ۽ احساسن ۾ ڦاسائي دانشورن کي هرڪائڻ ٿيون تہ
جيئن ان جي پردي ۾ انجو استحصال جاري رهي سگهي.
غالب، حالي، حسرت ۽ اقبال ڪان پوءِ فيض سڀ کان وڌيڪ
چٽي نصيب العين جو شاعر آهي. جنهن جي باري ۾ نہ
ابهام آهي نہ مونجهارو ۽ نہ ئي ڪو شڪ شبهو."

۽ بنا ڪنهن شڪ شبهي جي هي اهو نصب العين آهي جيڪو سندس دؤر ۾ ترقي پسند تحريڪ جي اثرهيٺ باقاعدي اسريو. ڊاڪٽر آغا سهيل واضح طور تي هن مضمون ۾ لکيو آهي تہ فيض اول ڪان آخر تائين هڪ ترقي پسند شاعر هو. هو پنهنجي چوڌاري ٿيندڙ واقعن ڪان چڱي ريت باخبر هو. هن سموري زندگي ادب لاءِ، ادب وارن جي پيدا ڪيل هڪ مخصوص "گم ڪندڙ رومانيت جي راهہ" کان هميشہ هڪ فاصلو رکيو ۽ ترقي پسند ادب جي آبياري ۾ پوري زندگي لاڳاتار مصروف رهيو. وٽس ابهام جون صورتون ڪونهن چو تہ هو شيءِ کي معروضي نقطہ نظر سان ڏسڻ جو قائل هو ۽ هيءَ سياسي ۽ سماجي بصيرت بي شڪ ترقي پسند تحريڪ جو ڦل هئي. هاڻي جيڪڏهن پاڪستان جي مخصوص حالتن هيٺ ڪو شخص يا ڪو ٽولو هن کي هڪ غير نظرياتي شاعر ثابت ڪرڻ ٿو چاهي تہ اها نہ رڳو فيض جي پياري ۽ موهيندڙ شخصيت سان پر فيض جي شاعري سان بہ سو سيڪڙو نا انصافي آهي.

ڊاڪٽر آغا سهيل هن مضمون ۾ پروفيسر مجنون گورکپوري، پروفيسر احتشام حسين ۽ ٻين ترقي پسند نقادن جا حوالا ڏيندي اهو چئي ٿو تہ فيض وٽ رومانيت ان جي مزاج ۽ شخصيت جو حصو آهي ۽ تمام روشن ۽ چمڪدار حصو آهي. هيءَ ڪا علامتي رومانيت ناهي، بلڪ ان سان تہ زندگي ۾ توانائي حاصل ٿيندي آهي. هن رومانيت ۽ روماني تحريڪ جي پسمنظر ۽ پيش منظر تي هن مضمون ۾ ڀرپور گفتگو ڪئي آهي.

ڊاڪٽر آغا سهيل فيض جي شعري اظهار ۾ سندس غزلن ۽ نظمن کي برابر جاءِ ڏني آهي. هن جي خيال ۾ فيض جو زخم تہ هڪ ئي آهي، مگر ان زخم جا منهن مختلف آهن. ڪڏهن اهو غزل جي صورت ۾ اسان جي سامهون پنهنجا ڏک سور وکيري ڇڏي ٿو، تہ ڪڏهن نظم جي زبان ۾ خدا جي خلق جي ڏکن کي

بيان ڪري ٿو. نہ رڳو اهو تہ هو انهن ڏکن کي بيان ٿو ڪري پر هر طرح جي عمل جي قوت ۽ حالتن سان منهن ڏيڻ جي سگهہ بہ عطا ڪري ٿو. هيءَ اميد پرستي فيض جي شاعري ۾ هر هنڌ نظر اچي ٿي. آغا سهيل صاحب فيض جي پر اميد شاعري جا ڪوڙ سارا نمونا هن مضمون ۾ پيش ڪيا آهن.

فيض هڪ تهذيبي روايت جو امين بہ آهي، جنهن تي هن مضمون ۾ ڊاڪٽر آغا سهيل ڏاڍي تفصيل سان روشني وڌي آهي. سندس ڪوجنا مطابق فيض هن ڪان اڳ اچڻ وارن جي وراثت کي پنهنجي محفوظ ياڪر ۾ پريو. هن پنهنجي اڳ وارن شاعرن مير ۽ غالب وانگر پنهنجي دور جو نوحو بہ لکيو ۽ هو هر گذرڻ واري صدمي جو مبصر بہ رهيو. اهڙيءَ طرح هن هڪ مضبوط وراثت جو امين هئڻ ناتي ان کي ايندڙ نسلن تائين منتقل بہ ڪيو ۽ هيءَ ڳالهہ فيض جي انقلابي فڪر سان اختلاف رکڻ وارن کي پانءِ نہ ٿي پوي. اهو ئي سبب آهي تہ هو فيض جي شاعري ۾ 'فرد' جي تلاش جي بهاني ڪيس صرف ۽ صرف هڪ رومانوي شاعر ثابت ڪرڻ چاهين ٿا. جڏهن تہ فيض فرد کان وڌيڪ سماج جو ساٿي آهي. جتي هو فرد جو ساٿي نظر بہ اچي ٿو تہ اتي بہ هو فرد کي معاشري کان ڪٽيل نہ بلڪ انهيءَ جو حقيقي حصو سمجهندو هو. ان ڪري هن جي رومانيت جا سلسلا ڪٿي نہ ڪٿي هماگيريت سان وڃي ملن ٿا ۽ ان کي ان جي صحيح پسمنظر ۾ ئي سمجهي سگهجي ٿو. انڪري جيڪي ماڻهو فيض جي شاعري جي اجتماعي احساسن کي نظر انداز ڪري، ان کي فقط هڪ رومانوي شاعر ثابت ڪرائڻ گهرن ٿا، انهن جي ان پروپئگنڊا جي خلاف ڊاڪٽر آغا سهيل جو هي مضمون هڪ تحريري احتجاج بہ آهي ۽ فيض جهڙي ترقي پسند شاعر کي پرپور خراج عقيدت بہ آهي.

---

• ڊاڪٽر آغا سهيل جو هي مضمون 'ادب لطيف فيض نمبر' ۾ جديد پريس لاهور پاران 1988ع ۾ ڇپيو.

# فيض احمد فيض: شخصيت ۽ شاعري

ڪينيڊا ۾ رهندڙ اڪرام بريلوي صاحب بنيادي طور تي افسانوي ادب جو ماڻهو آهي پر تنقيدي ادب تي به هن جي گهري نظر آهي. هن مضمون ۾ هن فيض جي شاعري ۽ شخصيت پنهي کي ملائي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پنهنجي مضمون جي ابتدا ۾ هن پروفيسر مجتبيٰ حسين جي مضمون مان هڪ خوبصورت ٽڪرو پيش ڪيو آهي، جيڪو فيض صاحب جي شخصي خاڪي بابت آهي ۽ جنهن ۾ سندس شخصيت کان وڌيڪ هن جي لهجي تي زور ڏنو ويو آهي. اڪرام صاحب پوءِ ان شخصي خاڪي ۾ فيض جي شعري فضا جو به اضافو ڪيو آهي، ته هيءَ فضا جو سندس دور تائين بلڪل نئين ته نه هئي، پر هڪ مختلف فضا ضرور هئي. هن فضا جي تشڪيل ۾ فيض اردو ۽ فارسي شاعري جي روايتن جي پيٽ ۾ مغربي زبان ۽ ادب مان وڌيڪ لاڀ حاصل ڪيو آهي. فيض جي شاعري جي لهجي ۽ ان جي مڪمل فضا کي سمجهڻ لاءِ هن ذيلي عنوانن هيٺ انهن جو الڳ الڳ مطالعو ڪيو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ فيض کي سمجهڻ بابت ڪجهه نوان پاسا پڌرا ٿيا آهن.

اڪرام صاحب فيض جي مخصوص لهجي ۽ انجي شعري فضا مان جيڪي ترڪيبي جزا نهن تا، انهن مان سڀ کان پهريان فيض جي لئه جي باري ۾ گفتگو ڪئي آهي. فيض جي لئه بقول هن جي شروع کان آخر تائين ساڳي آهي. ”نقش فريادي“ کان ”نسخه ہاے وفا“ تائين هن جو هڪ ئي انداز آهي. البته هڪ مقام تي اڪرام صاحب مطابق ٿورڙي تبديلي نظر اچي ٿي ۽ اها جاءِ آهي ”دست تہہ سنگ“ کان پوءِ جو دؤر. هتان کان هن جي شاعري جي فضا ۾ ٿورڙي تبديلي جو احساس ٿئي ٿو. فيض جي شعري فضا جو ٻيو عنصر

سندس شاعري ۾ رفتار سان لاڳاپيل آهي ۽ هي ان پهرين عنصر سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي ٿو. يعني اڪرام صاحب جي لفظن ۾:

"لئہ ۽ رفتار ۾ جاڙين پينرن جيان ساٿ ۽ فطري سهڪار آهي، سو ٽڪڙ ۾ پيچ پچان جي بجاءِ هڪ طرح جو پروقار ٺهراءُ ۽ نرم روي آهي. ائين سمجهو تہ هڪ جهڙي چال آهي پر اهڙي جو هوريان هوريان دل ۾ لهندي وڃي ٿي. هن چال ۽ هن رفتار جو اندازو ڪنهن حد تائين "سروادي سينا" جي ارپنا ڪي بلند آواز ۾ پڙهڻ سان ئي لڳائي سگهجي ٿو".

ٽئين شيءِ جيڪا فيض جي شعري فضا جو هڪ خاص عنصر آهي. اها هن وٽ لفظن ذريعي رنگ ڏيکارڻ جو عمل آهي. فيض وٽ رنگن جي حوالي سان ڪوڙ سارن ماڻهن گفتگو ڪئي آهي ۽ اڪرام صاحب بہ ان موضوع ڪي پنهنجي مضمون ۾ ڪوڙ سارن مثالن ذريعي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن مثالن مان فيض جا شعر خود پنهنجا اصلي رنگ ٻڌائيندي ملن ٿا.

گهڻا تڻا ماڻهو ۽ پاڻ اڪرام بريلوي صاحب بہ فيض وٽ ٻن رنگن جي موجودگي ڪي نمايان ٻڌائي ٿو. هي بہ رنگ ڳاڙهو ۽ ڪارو رنگ آهن. پروفيسر مجتبيٰ حسين تہ فيض وٽ انهن ٻنهي رنگن جي شدت ڪي محسوس ڪندي. پنهنجي هڪ مضمون جو عنوان ئي *"سرخ بر سياه"* رکيو آهي، هاڻي جيئن تہ اهي ٻئي بنيادي رنگ آهن تہ انهن سان ملي بيا ڪوڙ رنگ ٺهي پون ٿا. جتي ڳاڙهو صرف ڳاڙهو ۽ ڪارو صرف ڪارو نہ ٿا رهن، انهن سان ملي سوين شيڊز ٺهن ٿا. انڪري اهو ئي سبب آهي تہ فيض جي شاعري ۾ رنگن جو اڻ ڪٽ سلسلو نظر اچي ٿو. جيڪڏهن ان ۾ صرف بہ رنگ هجن ها تہ ماڻهو فيض جي شاعري مان بہ ڪڪ ٿي پون ها. پر فيض جو ڪمال ئي اهو آهي تہ هن وٽ انهن ٻنهي رنگن سان ڪوڙ سارا رنگ ٺهندي نظر اچن ٿا. تڏهن ئي تہ هن درد جي پازيب جي رنگ تائين بہ سندس شاعريءَ ۾ نيرو رنگ نظر اچي ٿو.

فيض جي شعري فضا جي ترڪيبي جزن جو چوٿون عنصر جيڪو هن مضمون ۾ اڪرام صاحب ٻڌايو آهي. اهو فيض جي نقش چٽڻ ۽ صورتگري آهي. هتي هن ايذرا پائونڊ جي حوالي سان هيءَ ڳالهہ ڪئي آهي تہ:

”اميج اصل ۾ نہ رڳو تصوير ۽ منظر پيش ڪرڻ جو عمل پر هي تہ هڪ اهڙو فنڪاراڻو جادو آهي، جيڪو وکريل وکريل ۽ مختلف قسم جي ذهني ۽ حسي واردات کي اک چنڀ ۾ لکي ڪري هڪ اهڙو انوکو مجموعي تاثر ڏئي ٿو جو پڙهندڙ عارضي طور تي پنهنجو پاڻ کي ان ڪيفيت ۽ ماحول ۾ محسوس ڪرڻ لڳي ٿو ۽ ان اکين ڏٺي تصوير ۾ ٿوري دير لاءِ ان جو باطني وجود بہ ملي جلي ٿو وڃي ۽ فيض ان فنڪاراڻي جادو مان وڏو ڪم ورتو آهي“.

اڪرام صاحب هن مضمون ۾ فيض جي شاعري کي ٽن دؤرن ۾ ورهائيندي چيو آهي تہ پهريون دؤر تہ ”نقش فريادی“ جو دؤر آهي، جنهن کي نندي ڪند جي ورهاڱي کان اڳ جو دؤر چوڻ گهرجي ۽ ٻيو دؤر پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ جو آهي، جڏهن تہ ٽئين دؤر جي شاعري اها آهي جيڪا ٻاهرئين سفر ۽ جلاوطني جي دؤر جي شاعري آهي. انهن ٽنهي دؤرن کي ڏسندي هن هيءَ راءِ قائم ڪئي آهي تہ هن آخري دؤر ۾ بہ ان جي فني پاسداري ۾ ذري برابر فرق ڪونہ آيو. هو توقع ڪندو هو تہ شايد آخري دور ۾ خارجي منظر نامي جي مٽجي وڃڻ کان پوءِ ممڪن آهي تہ شعري فضا ۾ ڪجھ تبديلون اچن، پر ائين نہ ٿيو. اڪرام صاحب جي خيال ۾ هن کي جتي هڪ پاسي سندس شخصيت جي مضبوط ۽ قداور هئڻ جو پتو پوي ٿو، اتي اهو بہ محسوس ٿئي ٿو تہ سندس شاعري جو دائرو ڪنهن حد تائين محدود بہ آهي.

فيض جي ڪيترن ئي نقادن هي چيو آهي تہ ان جي شاعري رمز جي شاعري آهي نہ ڪي وضاحت جي ۽ خود هن مضمون ۾ اڪرام صاحب اهو ئي چيو آهي، پر ان سان گڏو گڏ هو اهو بہ چئي ٿو تہ ”سروادیٔ سينا“ جي ارپنا کان پوءِ هي رمزيت هڪ طرح سان سنئون سڌو گفتگو ڪرڻ جي انداز ۾ تبديل ٿيندي نظر اچي ٿي. فيض ان جي هڪ جهلڪ ضرور ڏيکاري آهي. پر هي وضاحتي انداز ان جي شعري فضا ۽ لهجي جي وڌيڪ ويجهو نہ هو. اهڙي طرح پوءِ هو پنهنجي مخصوص لهجي ڏانهن موٽي ٿو تہ ”لوٹ جاتی ہے ادھر کو بھی نظر کیا کیجئے؟“ (موٽي ٿي جو ايڏانهن نظر ڇا ڪجي؟)

---

• اڪرام بريلوي جو هي مضمون ”فیض کی شخصیت اور شاعری“ سهيڙيندڙ اشفاق حسين ۾ جنگ پبلشرز لاهور پاران 1993ع ۾ ڇپيو.

# فيض آزادي جي نگر جو مسافر

فيض صرف لفظن جي استعمال جو شاعر نہ آهي، بلڪ هو چند تصورن ۽ نظرين جو شاعر آهي ۽ انهن نظرين ۾ هڪ نظريو آزادي جو تصور بہ آهي. انهيءَ آزادي جي تصور جي تلاش ۽ جستجو ۾ ڊاڪٽر خالد سهيل هي مضمون لکيو آهي. مضمون جي ابتداء ۾ هن "لينن امن ايوارڊ" وٺندي فيض جي تقرير جو حوالو ڏنو آهي. جنهن ۾ فيض چيو هو تہ مان ۽ منهنجن ساٿين امن ۽ آزاديءَ جي جيڪا تمنا ڪئي هئي، اها بذات خود هڪ عظيم تمنا آهي. ۽ ان جي حصول لاءِ ڪشمڪش اڄ بہ جاري آهي.

ويهين صديءَ جي هڪ اهم شاعر طور فيض پنهنجي اکين سان ڪوڙ انقلاب ڏٺا. اهي انقلاب صرف سياسي نوعيت جا نہ هئا بلڪ سماجي ۽ نظرياتي بہ هئا. مغرب ۽ مشرق جي انهن تبديلين تي هڪ نظر وجهندي، خالد سهيل نيٽشي جو هڪ مثال پيش ڪيو آهي. هن جڏهن اهو چيو هو تہ خدا مري ويو آهي تہ اهو هڪ شخص جي ملحد يا ڪافر ٿيڻ جو اعلان نہ هو بلڪ پوري انسانيت جي سوچ جي تبديلي جو مظهر هو. اهو هڪ بنياد هو ان بدليل فڪر ۽ نئين سوچ جو. جنهن وڏي واقعي هي اعلان ڪيو تہ هاڻي ماضي جا پراڻا نظريا جن جي سهاري انسان زندگي گذاري رهيو هو پنهنجا آخري پساهہ کڻي چڪا آهن. هاڻي انساني معاشرو ۽ انساني ذهن ان مقام تي آهن، جتي هو بغير ڪنهن سهاري جي پنهنجو رستو پاڻ ڳولهي سگهن ٿا. ان سان گڏوگڏ انهيءَ ويهين صدي جي ٻين اهم واقعن ۾ پهرين ۽ ٻين مهاڀاري لڙائي، وري روس جو انقلاب ۽ وري بينڪي نظام جي خاتمي جي نويد بہ هئي. مطلب تہ ذهن ۽

فڪر ۾ تبديليون هيون ۽ ڏاڍي تيزي سان هي تبديليون ٿي رهيون هيون. فيض معاشري جي باشعور فرد طور ان تبديلين مان اثر قبول ڪيا ۽ هن مضمون ۾ خالد سهيل انهن اثرن جي نشاندهي ڪئي آهي. مثلاً مذهب جي باري ۾ "*نقش فريادي*" جي شروع ۾ ئي فيض چيو هو ۽ جنهن ڪي خالد نقل به آهي. *زحمت گریہ وبکا بے سود، شکوہ بخت نارسا بے سود- ہو چکا ختم رحمتوں کا نزول- بند ہے مدتوں سے باب قبول، بے نیاز دعا ہے رب کریم*- ته هاڻي ان کان وڌيڪ ہي کھڙي وضاحت سان فيض ان فضا کي بيان ڪري ها، جيڪا نيتشي جي فڪر سبب پکڙجي رهي هئي. ۽ جنهن کان ڪنهن نه ڪنهن سطح تي فيض ضرور متاثر ٿيو هو.

خالد فيض جي هن فڪر کي نوجواني جا جذبا چئي ٽاري ناهي ڇڏيو. بلڪ هو پاڻ هن مضمون ۾ فيض جي اينڊز شاعري جا ٻيا به ڪوڙ حوالا نقل ڪري ٿو، جنهن ۾ واضح طور تي فيض پنهنجي هن فڪر جي انداز کي بيان ڪيو آهي. مثال طور: "*سروادئ سينا*" ۾ هن جو هي چوڻ ته "*اب صديوں کے اقرار اطاعت کو بدلنے - لازم ہے کہ انکار کا فرمان کوئی اترے*" ته هيءَ ڳالهه ته فيض ان وقت چئي هئي، جڏهن هو پنجاهه، چاونجاهه ورهين جو ٿي چڪو هو ۽ فيض جي هيءَ دعا اجايو نه هئي ته "*جن کا دين پيروی کذب درياء ہے ان کو- ہمت کفر ملے جرأت تحقيق ملے*" ۽ آخري عمر جي ويجهو ايندي ئي هن چيو هو: "*جب ارض خدا کے کعبے سے سب بت اٹھوائے جائینگے- ہم اہل صفا مردود حرم مسند پر بٹھائے جائینگے*" ته هي مذهبي هٺ ڌرمين جي خاتمي جي ئي ته ڳالهه هئي. خالد سهيل ان حوالي سان فيض جي ٻين به ڪوڙ خوبصورت شعرن جي روشنيءَ ۾ فيض جي مذهبي نظريي کي نئين تناظر ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هڪ ٻئي نڪتي طرف خالد هن مضمون ۾ اشارو ڪيو آهي. ۽ اهو هي ته انقلاب جي دروازي جو ڪڙو ته ٻين به ڪيترن ئي ماڻهن کڙڪايو پر دروازي جي کلڻ تائين يا ته ٿڪجي ويهي رهيا يا انهن پنهنجو رستو تبديل ڪري ڇڏيو. پر فيض ان کان هڪ قدم اڳيا اڳتي وڌندو نظر اچي ٿو. انهيءَ ڪري ته هن کي ڏاڍو جلد معلوم ٿي ويو هو ته:

> "آزادي جو انقلابي تصور، ان جو هڪ محدود ۽
> جذباتي تصور آهي. فيض آزادي جي ڪينواس کي وڏو

ڪيو. هن اهو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته جذباتيت انسانن کي وڏيڪ پري تائين نتي وٺي وڃي. اسان کي پنهنجي انقلاب لاءِ هڪ پختو نظرياتي اساس کپي. آزادي صرف فرسوده نظام يا روايتن کان آجپو حاصل ڪرڻ جو نالو ناهي، بلڪه ان لاءِ مثبت ۽ بهتر قدرن کي ڳولهي ڪڍڻ به لازمي آهي. فيض انهن قومن کي ڏٺو، جيڪي ظالمن کان نجات ته وٺي ويون، پر انهن وٽ پنهنجا قدر ۽ نظريا ڪونه هئا. ان لاءِ انقلاب کان پوءِ مظلومن خود ظالمن جو روپ اختيار ڪري ورتو ۽ پوءِ هڪ ٻئي تي ظلم ڪرڻ لڳا."

فيض پنهنجي شاعري ۽ پنهنجين ٻين سرگرمين ذريعي آزادي جي ان تصور جي سموري ڄمار تشريح ڪئي. هو ملڪن جي جاگرافيائي آزادي سان گڏوگڏ انهن جي حقيقي آزادي جو خواهشمند هو. جنهن لاءِ هن تمام زور ڏئي چيو هو ته "اتو خالي هٿن سان، رڻ مان پڪارون اچن پيون". هيءَ هڪ عمل جي جذبي جي للڪار هئي. جيڪا سندس دل جي تارن مان نڪتي هئي.

فيض جڏهن پنهنجي وطن جي سرحدن مان نڪري، آزادي جي جدوجهد ۾ مصروف دنيا جي ٻين قومن کي ڏٺو ته سندس آزادي جي نظريي کي اڃا وڌيڪ سگهه ملي. ۽ ان کي خالد سهيل فيض جي آزادي جي نظريي ۾ وڌاري جي هڪ اهم منزل قرار ڏيندي، پنهنجي مضمون جو عنوان "فيض آزادي جي نگر جو مسافر" رکيو آهي.

---

• ڊاڪٽر خالد سهيل جو هي مضمون ڪتاب "فيض کے مغربی حوالے" ۾ جنگ پبلشرز، لاهور پاران 1993ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب جو مرتب اشفاق حسين

# فيض جون يادگيريون

اندر ڪمار گجرال ۽ فيض صاحب جو رشتو جيڪو منڍ ۾ هڪ شاگرد ۽ استاد وارو هو، ڏاڍو جلد ئي ٻن سٺن دوستن جي شڪل اختيار ڪري ويو. هن مضمون ۾ فيض جي وفات تي ڪيس ياد ڪندي، هن پنهنجي پراڻي شهر لاهور کي به ڏاڍو ياد ڪيو. ورهاڱي کان پوءِ جڏهن هو پهريون ڀيرو 1983ع ۾ پاڪستان آيو ته لاهور ۾ پنهنجي پراڻي دوست فيض احمد فيض سان به مليو. فيض سان هن جي هيءَ آخري ملاقات هئي. جڏهن هو اسلام آباد ڪانفرنس کان واندو ٿي لاهور آيو ته فيض ڪيس پنهنجي گهر ۾ رهڻ جي دعوت ڏني پر اندر ڪمال گجرال جي ذهن ۾ ته لاهور جي سڪ اڌما ڪائي رهي هئي. هو هن شهر جي گهٽي گهٽي دل سان گهمڻ ڦرڻ پئي چاهي. اهو شهر جتي هن پنهنجي نوجواني جو گهڻو وقت گهاريو هو. جتي سنڌس يونيورسٽي جي پراڻي بلڊنگ اڄ به ڪر ڪنيو بيٺل هئي. جتي سنڌس ڪاليج هو. جتي سنڌس هاسٽل هئي ۽ جتي مزنگ روڊ تي سنڌس ساهرن جو گهر هو. انهيءَ گهر ۾ سنڌس شادي ٿي هئي ۽ ڄاڃين ۾ فيض احمد فيض به شامل هو.

هن مضمون ۾ هن فيض صاحب سان پنهنجي آخري ملاقات جو ذڪر ڏاڍي تفصيل سان ڪيو آهي. فيض وٽ هو رهيو ته ڪونه پر فيض وٽ هڪ ڀيرو هن رات جي ماني تي ڪجهه وقت ضرور گذاريو. هن محفل ۾ گجرال صاحب ۽ هن جي گهرواري کان علاوه صرف فيض جا گهر وارا هئا. گجرال صاحب لکيو آهي ته "جڏهن هو ان جي گهر ويو ته ڊرائينگ روم ۾ ميز تي وسڪي جي بوتل سجيل هئي. هن پنهنجي دوست طرف ڏسندي پڇيو "هيءَ هتي ڪيئن؟ اسان ته ٻڌون ٿا ته قانون هاڻي گهرن جي اندر محتسب

موڪلي ٿو ۽ هيءَ ته پوءِ به هندوستاني وسڪي آهي. هيءَ هتي ڪيئن پهتي؟" فيض صاحب جواب ڏنو "سڀ هلي ٿو. اسان ٻيا ڪهڙا حڪم پيا مڃون. جو ان جا پابند رهون". فيض صاحب بلڪل نيڪ چيو هو. چاڪاڻ ته هڪ اندازي مطابق جڏهن ملڪ ۾ شراب بند ٿيو آهي. ان وقت ڪان ان جي استعمال ۾ غير معمولي اضافو ٿي ويو آهي. گجرال صاحب کي فيض وٽ هندوستاني شراب جي بوتل ڏسي، انڪري به وڏيڪ حيراني ٿي جو هي دؤر جنرل ضياءَ الحق جو دؤر هو. جتي هر طرف اسلام ئي اسلام هو. گجرال صاحب ڪراچي ۾ ٻڌل هڪ لطيفو فيض کي ٻڌايو:

"ڪنهن چيو ته اڪيلي پيئڻ، وڏيڪ خطرناڪ آهي.
چو ته ضياءُ صاحب جي راڄ ۾ ته پتين کي به ڪن هجن ٿا.
پر وڏي پارٽي ۾ آساني آهي. بس شرط ايترو آهي ته
پارٽي جي سائيز جي حساب سان ان درجي جي ڪنهن
فوجي آفيسر کي به دعوت ۾ گهرائي وٺو."

يقيناً فيض به ان لطيفي کي ٻڌي خوش ٿيو هوندو. اهڙيون ڪيتريون ئي ننڍيون ننڍيون ڳالهيون هن ان مضمون ۾ لکيون آهن. ان ۾ اهي ڳالهيون به شامل آهن، جيڪي پاڪستان ئهڻ ڪان اڳ جون آهن ۽ اهي ڳالهيون به جيڪي هندوستان ۽ پاڪستان کان ٻاهر ٻاهرين ملڪن خصوصاً سوويت يونين ۾ سندن ملاقات دوران ٿيون.

گجرال صاحب هن مضمون ۾ فيض کان علاوه پنهنجي گڏيل دوستن کي به ڏاڍو ياد ڪيو آهي. ميان افتخار الدين، مظهر علي خان ۽ لاهور جي ٻين ڪوڙ سارن دوستن سان گڏوگڏ هن ڊاڪٽر رشيد جهان ۽ صاحب زاده محمود الظفر کي به ياد ڪندي لکيو آهي ته "فيض جي شاعري ۽ سوچ کي نئون موڙ ڏيڻ ۾ انهن ٻنهي جو ڏاڍو هٿ هو. انهن ٻنهي ئي هن کي محبوب جي گهٽي مان ڪڍي سوريءَ جو رستو ڏيکاريو. گجرال صاحب جڏهن سوويت يونين ۾ هندوستان جي سفير جي حيثيت سان ويو ته هن کي فيض جو پيغام مليو ته رشيد جهان جي قبر تي منهنجي طرفان گل چاڙهجانءِ ۽ گجرال صاحب ائين ئي ڪيو. گجرال صاحب لکي ٿو ته:

"ڊسمبر جي برفيلي سردي ۾ اسان ٻئي زال مڙس
هن جي قبر ڳولهي لڌي ۽ اتي پهچي فيض صاحب ۽

رشيد جهان يادگار ڪميٽي پاران اسان هن جي قبر تي گل چاڙهيا."

گجرال صاحب اهڙا ڪوڙ سارا دل تي اثر ڇڏيندڙ واقعا هن مضمون ۾ بيان ڪيا آهن. فيض صاحب ميان افتخار الدين جي وفات تي جيڪو غزل چيو هو: ان جو هڪ شعر هو

کرو کج جبیں پہ سرِ کفن مرے قاتلوں کو گماں نہ ہو
کہ غرورِ عشق کا بانکپن پسِ مرگ ہم نے بھلا دیا۔

ته هن شعر جي حوالي سان گجرال صاحب هڪ ٻيو دلچسپ واقعو لکيو آهي. هن چواڻي ته فيض جو رشتو پنڊت جي ۽ اندرا گانڌي سان ڏاڍو ويجهڙائي وارو هو. 1954ع ۾ جڏهن فيض جيل مان آزاد ٿيڻ بعد دهلي آيو ته پنڊت جي هندوستان جي وزيراعظم هئڻ باوجود پوري هڪ شام هن سان گڏ گذاري. ان شعر جي معنيٰ پنيان وڏيڪ لکي ٿو ته:

"ڪانگريس ٻن حصن ۾ ورهائجي پئي ۽ جنهن
ڏينهن اندرا جي کي ڪانگريس مان ڪڍيو ويو ته مان ڪيس
اهو ئي شعر لکي موڪلي ڏنو. ڪيس ڏاڍو وڻيو. هن کي شعر
ياد رکڻ جي مهارت نه ڪونه هئي پوءِ به ڪيترائي ڀيرا چئي
ڏيندي هئي "ڪيئن هو اهو فيض جو شعر"

مطلب ته اهڙا ڪوڙ دلچسپ واقعا، هن انهيءَ مضمون ۾ بيان ڪيا آهن. پاڪستان ۽ هندستان جي سياست جي حوالي سان به هن ڪيترائي اهم واقعا لکيا آهن، جن کي پڙهڻ کان پوءِ خبر پوي ٿي ته فيض انهن ماڻهن مان هو، جيڪي هندوستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ سٺن دوستاڻن لاڳاپن جا حامي هئا ۽ هن ان لاءِ ڪيترين ئي واٽون به ڪڍيون، ڪوششون به ڪيون پر ان جنون جي ڪرت ۾ ٻئي ناڪام ئي رهيا. فيض ٺيڪ ئي چيو هو ته:

امید تلطف میں رنجیدہ رہے دونوں
تو اور تری محفل، میں اور میری تنہائی

---

• اندر ڪمال گجرال جو هي مضمون "فیض احمد فیض تنقیدی جائزہ" مرتب خليق انجم، انجمن ترقي اردو نئين دهلي پاران 1985ع ۾ شايع ٿيو.

# اشڪ آباد جا ڪجهہ ڏينهن

اڳوڻي سوويت يونين ۾ اڪيڊمي آف سائنسز جي هڪ ميمبر ۽ اردو جي هڪ اسڪالر پروفيسر سخا چوف پنهنجي هڪ سفر جي يادگيري ۾ فيض صاحب سان پنهنجي ذاتي ملاقات جي حوالي سان هي دلچسپ مضمون لکيو آهي. ماسڪو کان اشڪ آباد جيڪو ان وقت سوويت رياست ترڪمانيہ جي راڄڌاني هو. ۽ پوءِ اتان واپسيءَ تائين جي سفر جو عرصو تقريباً ڏهہ ڏينهن هو. پروفيسر سخا چوف پنهنجي مضمون جي ابتداء ۾ هي ٻڌايو آهي تہ 1972ع جي سرءُ جي موسم ۾ يونيسڪو جي اهتمام هيٺ هڪ ڪانفرنس اشڪ آباد ۾ ٿي هئي جنهن جو موضوع: 'سينٽرل ايشيا جي سماجي ۽ ثقافتي ترقي' هو. ان ڪانفرنس ۾ سوويت يونين جي وچين رياستن کان علاوه پاڪستان، هندستان، افغانستان، ايران، منگوليا، ترڪي، فرانس، اٽلي، مغربي جرمني ۽ آمريڪا جا سوشل سائنسدان شريڪ ٿيا. پروگرام جي مطابق سيني ايندڙن کي سڀ کان پهريان ماسڪو اچڻو هو ۽ اتان کان پوءِ سڀ ماڻهو اشڪ آباد لاءِ روانا ٿيڻ هئا. پروفيسر سخا چوف کي بہ ان ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ جو موقعو مليو هو.

پروفيسر سخا چوف اردو ٻولي ۽ ادب جو ماڻهو هو ۽ ماسڪو جي اوريئنٽل انسٽيٽيوٽ ۾ اردو جو استاد هو. اردو ۾ هن جي تحقيق جو موضوع "هندستان جا ترقي پسند ليکڪ ۽ انهن جي تحريڪ" هو. ظاهر آهي تہ ان حوالي سان فيض جو نالو هن لاءِ نئون ڪونہ هو. هن کي پنهنجي تحقيقي مقالي جي تياري جي دوران فيض جي شاعري جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ

پڙهيل هو. پر ان سان چاڻ سڃاڻ جو موقعو ڪيس پهريون دفعو ملي رهيو هو. هو ڏاڍو خوش هو ته ڪيس اشڪ آباد بدران هتان ماسڪو کان ئي فيض صاحب جي قربت ملي وئي. هن انهيءَ خوشيءَ جو اظهار هن مضمون جي شروع ۾ ئي ڏاڍي دلچسپ نموني بيان ڪيو آهي:

”ماسڪو جي مايوس ڪندڙ مينهن کان پوءِ اشڪ آباد جي خوشگوار اس ڏاڍي سٺي لڳي. دراصل اها اشڪ آباد لاءِ بهترين موسم هئي. هيءَ ڳالهه ذڪر جوڳي آهي ته ترڪمانستان ريگستانن واري خطي ۾ پکڙيل آهي. هتان جي آبهوا ڏاڍي سخت آهي، گرمين ۾ ڏاڍي گرمي پوندي آهي ۽ سياري ۾ زبردست ٿڌ. اشڪ آباد جي ميون، کهربائي انگور، رس ڀريل ڏاڙهون وغيره جي گهڻائي ڏسي، اسان جا مهمان به جيڪي ڏاڪڻي علائقن ۾ قدرت جي اهڙين مهربانين جا عادي هئا اهي به حيران ٿي ويا.

سمورن مهمانن کي تازو ئي ٺهيل هوٽل ”اشڪ آباد“ ۾ ترسايو ويو. انهيءَ زماني ۾ اهو گهڻو ڪري سڄي وچ ايشيا جو بهترين هوٽل هو. جڏهن 16 سالن بعد مونکي ٻيهر اشڪ آباد وڃڻ جو موقعو مليو هو ۽ مان اهو ئي ”اشڪ آباد“ هوٽل ڏٺو ته پوري شدت سان ان ڳالهه جو قائل ٿيس ته وقت ڏاڍو بي رحم آهي. ان جو اثر نه صرف انسان پر انسان جي تخليقن تي به پوي ٿو. ڪيترائي پراڻا دوست هاڻي هن دنيا ۾ ناهن رهيا. ٻيا بدليل بدليل نظر آيا، پينشن يافته بنيا ۽ هاڻي هوٽل به پگهل ٽٽل حال ۾ لڳو. اڄ جي وڏن وڏن شاندار هوٽلن جي ڀيٽ ۾ اهو تمام ننڍو ۽ پراڻو پيئي لڳو.

هاڻي جڏهن پروفيسر سخا چوف جي هن مضمون کي ٻيهر پڙهي رهيو آهيان ته مون کي به وقت جي بي رحمي جو احساس ٿي رهيو آهي. وقت اشڪ آباد هوٽل کي ئي تباهه ناهي ڪيو. بلڪ هاڻي نه اهو سوويت يونين آهي ۽ نه ئي اهو پراڻو اشڪ آباد. هاڻي ته اهو پورو خطو ئي نئين رنگ ۾ رڱيل

آهي. ها فيض جو نظم "اشڪ آباد ڪي ايک شام" پڙهندي ڪجهه ڏنڌلا ڏنڌلا منظر اکين جي سامهون اچي وڃن ٿا.

هن نظم جي شان نزول جي باري ۾ سواءِ ان جي ته هيءُ نظم اشڪ آباد ۾ لکيو ويو هو، باقي سڀ ڳالهيون ٿوريون ٿوريون مختلف بيان ڪيون ويون آهن. پروفيسر سخا چوف لکيو آهي ته هن ڪانفرنس دوران فيض کي جيڪا مترجم ملي هئي، اها هئي ته مشرقي علمن جي شعبي سان لاڳاپيل پر اردو يا هندي ان کي بلڪل ڪانه ايندي هئي. هوءَ فيض جي ترجماني جا فرض انگريزي مان روسي زبان ۾ ادا ڪري رهي هئي. هاڻي عام ڳالهه ٻولهه ۾ ته ٺيڪ هو پر بقول سخاچوف جڏهن فيض پنهنجي شاعري پڙهائيندو هو ته پهريان ته هو پنهنجي مترجم لاءِ ان جو اردو مان انگريزي ۾ ترجمو ڪندو هو، بعد ۾ ان انگريزي مان روسي زبان ۾ ترجمو ڪيو ويندو هو. پروفيسر سخا چوف جيئن ته اردو ۽ روسي ٻئي زبانون ڄاڻيندو هو. تنهنڪري هن کي اهو محسوس ٿيو ته هي فيض جي شاعري سان ڏاڍي ويڌن آهي. بهرحال سخاچوف صاحب هن مضمون ۾ هي انڪشاف به ڪيو آهي ته هيءُ نظم فيض 'سوتيالانا' جي لاءِ لکيو هو.

اشڪ آباد جي هن ڪانفرنس ۾ فيض صاحب جيڪو مقالو پيش ڪيو، اهو قومي ثقافتن متعلق هو ۽ پروفيسر سخا چوف مطابق انهن خيالن جو وڌيڪ بهترين اظهار ان جي ڪتاب "ہماری قومی ثقافت" ۾ ٿيو آهي. خود سخا چوف صاحب پنهنجي مضمون ۾ فيض جي مقالي يا ان جي تقرير جي موضوع تي هن مضمون ۾ قلم ناهي کنيو. آخر ۾ هن پنهنجي ۽ فيض صاحب جي لاڳاپن جي باري ۾ هيئن اظهار ڪيو آهي ته:

> "ڪانفرنس ختم ٿي ۽ سڀ ماسڪو موٽيا هئاسين.
> ماسڪو ۾ سرءَ جي موسم ۾ ڏينهن اداس اداس پئي لڳو.
> پنهنجن نون دوستن ۽ سڀ کان پهرين فيض صاحب کان
> جدا ٿيڻ جو وقت انهيءَ اداسي ۾ اضافو ڪرڻ وارو هو.
> اشڪ آباد ۾ اسان هڪٻئي کي ڄاڻي ورتوسين ۽ هي
> ڳالهه جيڪڏهن وڌاءُ محسوس نه ٿئي ته چوان ته "اسان
> دوست به ٿي وياسين. ان سان دل ۾ خوشيءَ جي لهر پئي

ايري ۽ هاڻي مون تي اها ئي ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي. جڏهن مان 1972ع جا خوبصورت سرءَ جا ڏينهن ياد ڪندو آهيان". وري پوءِ فيض صاحب سان ڪيئي ملاقاتون ٿيون، پر هر نئين ملاقات فيض صاحب جي متعلق ساڳيا تاثرات. ساڳيا جذبا ويتر وڌيڪ مضبوط ڪري ڇڏيندي هئي، جيڪي هن سان پوئين ملاقات جي ڏينهن ۾ پيدا ٿيندا هئا."

---

• پروفيسر سخاچوف جو هي مضمون "فیض کے مغربی حوالے" مرتب اشفاق حسين، جنگ پبلشرز، لاهور پاران 1993ع ۾ ڇپيو.

# باڪ جي آس

پروفيسر لڊ ميلا وسي ليوا کي فيض جي مطالعي ۾ ٻن ڳالهين جي ڪري خصوصي اهميت حاصل آهي: پهرين ڳالهه هيءَ تہ فيض صاحب جي هڪ ترجمان جي حيثيت سان ۽ هڪ دوست جي حيثيت سان ڪافي وقت گڏ گذارڻ جو ڪيس موقعو مليو ۽ ٻي تہ هوءَ مستشرقين جي صف ۾ اردو ادب جي هڪ مستند ريسرچ اسڪالر آهي. هن فيض صاحب جي شخصيت ۽ شاعري ٻنهي تي تفصيل سان لکيو آهي، ۽ هن جي ڪم کي نہ صرف اردو دنيا ۾ بلڪ روس ۾ پڻ ساراهيو ويو آهي. فيض جي سوانح جنهن انداز سان هن لکي آهي، خاص طور سوويت يونين جي زماني جون قلمبند ڪيل ڳالهيون، انهيءَ جو حصو آهن. فيض جي سوانح کان اڳ بہ هوءَ فيض تي ڪيترائي مضمون لکي چڪي هئي ۽ هي مضمون بہ انهن مضمون جو هڪ حصو آهي.

ڊاڪٽر وسي ليوا پنهنجي هن مضمون جو بنياد پروفيسر محمود حسن جي هڪ مضمون "نشاط کرب کی کج کلاہی" تي رکيو آهي تہ هن مضمون جي مطالعي جي نتيجي ۾ هن فيض کي پنهنجي پر ۾ هڪ نئين انداز سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. فيض جيڪو هڪ ئي وقت خوشي ۽ پيڙا ٻنهي جو شاعر آهي ۽انهن ٻنهي ڪيفيتن جي بهتر ترجماني لاءِ ميلا هن جي شاعريءَ ۾ ڪيترين ئي جاين تي استعمال ڪيل لفظ "سحر" (جنهن کي سنڌي ۾ باڪ ڪري چئون) کي پنهنجو موضوع بنايو آهي.

"فيض جي ڪلام ۾ لفظ "سحر" هر هر ملي ٿو.

عام طور تي ان سان گڏ ان لفظ جو هڪ ضد 'شب' (رات) به استعمال ٿئي ٿو. هونئن ته لفظ "سحر" عالمي شاعري جو هڪ مروج اصطلاح آهي، جيڪو گهڻو ڪري مثبت حيثيت ۾ استعمال ٿيندو آهي. شايد اهو چوڻ ۾ غلطي نه ٿيندي ته "سحر" اميد جي هڪ عام علامت آهي. اردو شاعري ۾ 'سحر' اصطلاح طور قديم زماني کان موجود آهي ۽ ان جي منفي حيثيت جي به روايت آهي ته جڏهن 'سحر' جو ضد 'شب' شمع جي موت جو اطلاع ڏئي ٿي ته اها پيري واري زماني جي علامت بنجي وڃي ٿي. تصوف جي شاعري ۾ 'سحر' ۽ 'شب' عرفاني نور ۽ حق جي تلاش جي تصورن سان لاڳاپيل آهن. جڏهن رات جي اونداهي انتها کي پهچي ٿي ته صوفي کي آفتاب نظر ايندو آهي. 'آفتاب' ۽ 'سحر' مضمون جي لحاظ کان هڪ ئي معنيٰ جا اصطلاح آهن. تصوف ۾ سحر هڪ مثبت امر جو مظهر آهي ۽ ان جو تعلق مذهب جي فلسفي سان آهي"

لفظ سحر جي ان پسمنظر کي بيان ڪرڻ کان پوءِ هن اردو جي ٻن وڏن شاعرن غالب ۽ اقبال وٽ به ان لفظ جي ٻن مختلف صورتن ڏانهن اشارو ڪيو آهي. هن جي خيال ۾ پهريان ته غالب وٽ سحر جو استعمال نسبتاً گهٽ ٿيو آهي ۽ ٻيو ته ان جي گهڻين شعرن ۾ ان جي نوعيت منفي آهي. مثال طور هن غالب جو هڪ شعر ڏنو آهي: *ظلمت کدے میں مرے شب غم کا جوش ہے۔ اک شمع ہے دلیل سحر سو خموش ہے*۔ هن جي چواڻي هتي نه سحر جي اميد نه سحر سان لاڳاپيل ئي ڪا اميد نظر اچي ٿي. جيتوڻيڪ اقبال جي ڪلام ۾ سحر جو اصطلاح اسلام جي عالمگيريت سان جڙيل آهي. جو هڪ مثبت استعارو آهي ۽ هر هر اقبال جي شاعري ۾ اچي ٿو. ڊاڪٽر ميلا وسي ليوا پروفيسر مجتبيٰ حسين جي هڪ مضمون "*سرخ بر سیاه*" جو به حوالو ڏنو آهي جنهن ۾ فيض جي شاعري ۾ ڪاري رنگ کي وڏيڪ اهميت ڏيندي، هن فيض کي رات سان پيار ڪندڙ شاعر قرار ڏنو هو. ڊاڪٽر وسي ليوا مجتبيٰ صاحب جي هن راءِ سان بلڪل اتفاق ناهي ڪيو. هن جي نظريي مطابق جيڪڏهن ڪو

رنگ فيض جي شاعري ۾ نمايان آهي تہ اهو اميد ۽ اميد پرستي جو رنگ آهي. جنهن جو هڪ خوبصورت استعارو "سحر" لفظ آهي.

ڊاڪٽر وسي ليوا فيض جي جنهن نظم کي مضمون جو سِرو بڻايو آهي، ان ۾ ڪل ست مصرع آهن. ان جو تجزيو ڪندي هوءَ لکي ٿي تہ ان نظم جون پهريون چار مصرعون استعاراتي آهن. جڏهن تہ هن نظم جي پنجين مصرع يعني "صحرائے ظلمتِ شب" هڪ علامت طور آئي آهي، پر آخري ٻن مصرعن ۾ اهو ئي لفظ 'سحر' ٽي ڀيرا آيو آهي. اهڙي طرح نظم جي پڇاڙي تي هڪ ڀرپور تاثر قائم ٿئي ٿو جيڪو هن مختصر نظم کي لافاني ڪري ڇڏي ٿو. ان ڪري پنهنجي مضمون جي آخري ۾ هن اهو نتيجو ڪڍيو آهي تہ:

> "فيض صاحب جي شاعري ۾ هڪ روايتي شاعراڻو اصطلاح 'سحر' ان جي شاعري جو هڪ اهم جزو آهي، جيڪو شاعر جا خيال ۽ احساس ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ مناسب ذريعو ثابت ٿيو آهي. ان جو استعمال شعرن ۽ نظرياتي، جمالياتي ۽ فني پهلوئن جي ميلاپ جو عڪس آهي. لفظ 'سحر' فيض جي شاعري ۾ سياسي فضا بنائڻ جو هڪ مؤثر ۽ معنيٰ خيز عنصر آهي. فيض جي نظرين کي نظر ۾ رکندي، ان کي "تاريخي اميد پرستي جي هڪ علامت" چئي سگهجي ٿو. تاريخي اميد پرستي کان آءٌ فيض جي خود تخليقي Creative Method کي ان جي شخصيت سان ڳنڍڻ مناسب سمجهان ٿي".

اهڙي ريت هن 'سحر' جي استعاري ۽ علامت جي پسمنظر ۾ فيض جي شاعري کي اميد پرستي سان ڀرپور ٻڌايو آهي.

---

• ڊاڪٽر لڊميلا وسي ليوا جو هي مضمون "فیض کے مغربی حوالے" مرتب اشفاق حسين، جنگ پبلشرز پاران 1993ع ۾ ڇپيو.

# جديد اردو شاعري ۾ ”بي گهري“ جو موضوع

پروفيسر انا سوورروا سويت يونين جي اڪيڊمي آف سائنسز جي نگراني هيٺ اوريئينٽل انسٽيٽيوٽ ماسڪو ۾ اردو ادب کان علاوه نندي کنڊ پاڪ وهند جي صوفياڻي شاعري ۽ جديد آرٽ تي به ڪم ڪيو آهي. فيض صاحب سان ان جو به ويجهو تعلق رهيو آهي. ظاهر آهي ته جڏهن فيض صاحب ماسڪو ايندو هو ته اتي اردو جا ڪجهه اسڪالر هئا، انهن سان ملاقات جي صورت ضرور نڪرندي هئي. البته هي مضمون جيئن ان جي عنوان مان ئي ظاهر آهي ته فيض صاحب جي شخصيت بجاءِ ان جي شاعري جي هڪ خاص دور بابت آهي. جڏهن هو سياسي جلاوطني جي دور مان گذري رهيو هو. ظاهر آهي ته جلاوطني جو پهريون طاقتور ۽ متاثر ڪري ڇڏڻ وارو استعارو يا علامت 'بي گهري' يا 'دربدري' کان سواءِ ٻيو ڇا ٿو ٿي سگهي. پروفيسر انا سوورروا ان ئي لفظ کي پنهنجي مضمون جو مرڪزي موضوع بنايو آهي.

هن پنهنجي ڳالهه اتان کان شروع ڪئي آهي جيڪا سڀني کي معلوم آهي ۽ سڀ ان ڳالهه کي هر هر ورجائي چڪا آهن ته فيض عموماً پنهنجي شاعري ۾ خاص طور غزل جي شاعري ۾ پراڻن ۽ بي حد ۽ حساب استعمال ٿيل لفظن، علامتن ۽ استعارن کي معنيٰ جي سطح تي نئون لباس عطا ڪيو آهي، ان ۾ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو آهي ۽ معنيٰ جي فهم کي نئين صورت ڏئي ڇڏي آهي. هاڻي هن جهڙي وڏي شاعر جڏهن گهر ۽ غربت جهڙن لفظن کي نئين پسمنظر ۾ ورتو ته پوءِ هي لفظ ۽ ان مان جڙندڙ ٻيا لفظ هڪ نئين شڪل ۾ اسان جي سامهون آيا. فيض وٽ گهر جو لفظ خاص طور

1977ع کان پوءِ بلڪل هڪ نئون سياسي مفهوم ورتل آهي، جنهن ڏانهن پروفيسر انا سوورو اشارو ڪيو آهي.

اردو غزل ۾ 'گهر' ۽ 'غربت' جا لفظ ڪڏهن علامت ۽ ڪڏهن استعاري طور استعمال ڪيا ويندا آهن. عام طور تي 'گهر' تحفظ جي علامت آهي. 'غربت' يا "صحرا و بيابان" گهر جي ابتڙ ۾ استعمال ڪيا وڃن ٿا. مير ۽ غالب وٽ هي مضمون وڌيڪ پيچيده ۽ معنيٰ سان ڀرپور آهي.

"جديد اردو شاعري ۾ 'گهر' ۽ غربت جهڙن لفظن جو روايتي تعلق ٽٽي وڃي ٿو ۽ "غربت" جي جاءِ "بي گهري" وٺي ٿي، ۽ پوءِ اها ئي بي گهري ڪڏهن ڪڏهن سياسي جلاوطني جي علامت بنجي وڃي ٿي. ان غربت ۾ شاعر جي ڊاريائپ ۽ تنهائي جو احساس وڌندو وڃي ٿو ۽ هن لاءِ گهر ۽ وطن جي ياد دل جي درد جي دوا بڻجي وڃي ٿي".

هن مثال طور فيض جو هي شعر ڏنو آهي ته "*ديار غير ميں محرم اگر نہيں کوئی۔ تو فيض ذکر وطن اپنے روبرو ہی سہی*" هي شعر هن سٺ جي ڏهاڪي ۾ چيو هو. جڏهن هو ڪن سالن لاءِ لنڊن ۾ ترسيل هو، پر هتي بي گهري کان وڌيڪ گهر جي ياد واري ڳالهه وڌيڪ نظر اچي ٿي. بي گهري جو استعارو پنهنجي پوري سياسي مفهوم سان ان جي نظم "*مرے دل، مرے مسافر*" ۾ ظاهر ٿيو آهي. هتي پروفيسر انا سوورو گهر کي دل جو استعارو به چيو آهي، جنهن کي عشق جي باهه ساڙي برباد ڪري ڇڏي ٿي. ۽ جيڪڏهن فيض جي دل به گهر جو استعارو آهي ته هو بي گهر ٿيڻ يا جلاوطن ٿيڻ تي مجبور هو. هن ان جلاوطني سان تنهائي بلڪ شديد تنهائي جون جيڪي صورتون اڀرن ٿيون، انهن کي بيان ڪرڻ لاءِ فيض جو هڪ بيو خوبصورت نظم "*ميرے ملنے والے*" ڏنو آهي.

هن انهن سمورين ڳالهين کي بيان ڪرڻ بعد انهن جو اطلاق جديد اردو شاعري تي ڪيو آهي. هيءَ ڳالهه به ذڪر جوڳي آهي ته بئين نسل جا ڪيترائي اردو جا شاعر جيڪي فيض جي شاعري ۽ شخصيت مان متاثر آهن. اهي انهن ئي موضوعن کي پنهنجي ڪلام ۾ وڌيڪ ترقي ڏئي رهيا آهن. فيض جو "سناٽا" جيڪو جلاوطني ۽ غربت جي صفت آهي ۽ جنهن سان اهو احساس پيدا ٿئي ٿو ته پنهنجي وطن ۾ رهندي به ماڻهو بي گهر ٿي ويندا آهن،

ڪشور ناهيد جي لهجي ۾ احساس هن طرح پڌرُ ۾ اچي ٿو:

"اسان ماڻهن کي پنهنجي ئي وطن ۾ جلاوطن ڪيو ويو آهي ته اسان بي روح جاندار ڪجهه چوڻ کان به انڪاري آهيون." انهيءَ جهڙو هڪ ٻيو حوالو افتخار عارف جو به ڏنو آهي، سندس ٻهرئين مجموعي "مہر دونیم" ۾ به مرڪزي معنويت "بي گهري" ۽ دربدي جي آهي. هن موضوع کي تغزل ۽ جماليات جي لحاظ کان افتخار عارف وڏي وسعت ڏني آهي. اهڙي طرح هن مغربي ملڪن ۾ آباد ٻين اردو شاعرن جي ڪلام تي به روشني وڌي آهي ۽ انهن تي فيض جي اثرن ڏانهن اشارو ڪيو آهي. انهن شاعرن ۾ اشفاق حسين، منيب الرحمان ۽ ٻين ڪيترن ئي شاعرن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن جي شعرن مان حوالا به ڏنا آهن.

> "ڪشور ناهيد، افتخار عارف، فهميده رياض، اشفاق حسين ۽ ٻين شاعرن وٽ ان بي گهري جو احساس موجود آهي پر هڪ شاعر جي جمالياتي خصوصيت جي مطابق ۽ زندگي جي حالتن جي پسمنظر ۾ ان احساس جو رنگ بدلجي ٿو. انهن سيني شاعرن وٽ "گهر" ۽ "بي گهر" جي استعارن جي نئين معنويت ملي ٿي. قديم شاعري جي مقابلي ۾ جتي عاشق ديوانو تي صحرا ۽ بيابان کي پاڻمرادو اختيار ڪيو. جديد شاعرن وٽ هجرت ۽ دربدري جي مجبوري تي زور ڏنو وڃي ٿو. هاڻوڪي سماجي صورتحال جي لحاظ کان هيءَ صرف شاعراڻي دربدري نه بلڪ سياسي جلاوطني آهي. ان جلاوطني جي حقيقي معنيٰ جو اظهار فيض جي لفظن ۾ "ہوا پھرسے حکم صادر" جي ذريعي وڌيڪ چٽي نموني ٿئي ٿو."

• ڊاڪٽر انا سووروا جو هي مضمون ڪتاب "فیض کے مغربی حوالے" جنگ پبلشرز، لاهور پاران 1993ع ۾ شايع ٿيو. جنهن جو مرتب اشفاق حسين آهي.

# اسان جو فيض صاحب

اردوءَ جي ادبي تاريخ ۾ هونئن تہ ڪيترائي شاعر ٿي گذريا آهن ۽ ڪيترائي اهم بہ آهن پر اهڙا ماڻهو گهٽ آهن جن هڪ ڪان وڌيڪ نون لاڙن سان پنهنجي دؤر کي ايئن متاثر ڪيو هجي، جيئن فيض ڪيو آهي. افتخار عارف پنهنجي مضمون ”اسانجو فيض صاحب“ جي ابتداءَ ۾ اها ئي ڳالهہ چئي آهي ۽ ڪيس پنهنجي زماني جو Legend قرار ڏنو آهي. فيض جيڪو انگريزيَ ادب جو هڪ استاد رهيو آهي. اردو جي هڪ تاريخي ادبي رسالي ”ادب لطيف“ جي ايڊيٽر ۽ دنيا جي ٽن وڏين زبانن ۾ هڪ ئي وقت شايع ٿيندڙ ادبي رسالي ”لوٽس“ جي ايڊيٽر طور بہ پنهنجا فرض سرانجام ڏيندو رهيو. ”پاڪستان ٽائيمز“ ۽ هفتيوار اردو ”ليل و نهار“ جو بہ ايڊيٽر رهيو. پاڪستان ۾ ٽريڊ يونين جو هڪ سرگرم ڪارڪن بہ رهيو. فلم جي دنيا سان بہ ان جو لاڳاپو رهيو. ادب جي دنيا ۾ صرف شاعر طور ئي نہ بلڪ هڪ اهم نقاد جي حيثيت سان بہ سڃاتو ويو. ”لينن امن انعام“ حاصل ڪرڻ وارن ۾ هن جو نالو اچي ٿو. ڪاهي ڌر جي تحريڪ سان نظرياتي ۽ عملي لاڳاپو رهيو. ان کان علاوه سندس ٻيون بہ ڪيتريون ئي ننڍيون وڏيون سرگرميون رهيون آهن. جن ذريعي هو پنهنجي دؤر ۽ پنهنجن ماڻهن سان ويجهو رهيو تہ انهن سڀني لاڙن کي نظر ۾ رکندي افتخار عارف پنهنجي هن مضمون ۾ فيض کي پنهنجي دؤر جي تهذيبي ۽ ثقافتي زندگي جي هڪ مثالي شخصيت چيو آهي. هن فيض جي فن ۽ شخصيت تي مختصر طور روشني وڌي آهي. پر هن مضمون جو تت هي آهي تہ هن ۾ گهڻي قدر انهن ڳالهين ۽ محفلن جو ذڪر

آهي، جن ۾ هو پاڻ بہ شريڪ هو. هي ٻين واتان ٻڌل سڌل ڳالهيون نہ پرسندس گفتگو آهي.

افتخار عارف لکنؤ ۾ پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ جڏهن پاڪستان هجرت ڪئي تہ هن جي ڪل موڙي جي اهم شيءِ نہ ڪا تصوير هئي ۽ نہ ئي لکنؤ جي حسينائن جا خط بلڪہ ان جو سڀ کان اهم اثاثو هن جي استاد پروفيسر احتشام حسين جو هڪ خط هو، جيڪو هن فيض صاحب جي نانءِ لکيو هو. فيض سان هن جي پهرين ملاقات 1965ع جي لڳ ڀڳ ان خط ذريعي ٿي هئي، پوءِ تہ نيازمندي جو هي سلسلو سموري ڄمار جاري رهيو. جنهن جي هڪ جهلڪ هن مضمون ۾ نظر اچي ٿي. خاص طور فيض صاحب جي زندگي جي آخري ڏينهن ۾ هي تعلق ڏاڍو وڏي ويو هو. ڪاش هو هن مضمون ۾ انهن سمورن واقعن کي بيان ڪري ڇڏي ها پر هن ائين نہ ڪرڻ جو ڪارڻ هيئن ڏنو آهي تہ:

"بيروت ۾ قيام جي زماني ۾ مونکي هن وقت بوقت خط لکيا. اهي سمورا خط مون وٽ محفوظ آهن. ڇاڻ شايع ٿيا. ڪي خط اهڙا آهن، جن ۾ منهنجون ذاتي ڳالهيون آهن يا هن ڏانهن هڪ ٻہ ڳالهيون اهڙيون آهن، جيڪي شايع ٿيڻ جهڙيون ناهن. ظاهر آهي تہ اهي تمام ذاتي خط هوندا آهن. انهن ذاتي معاملن جو احترام ٿيڻ گهرجي."

سو افتخار عارف هي احترام ضرور رکيو آهي پر پوءِ بہ ڪوڙ سارا اهڙا دلچسپ واقعا جيڪي ذاتي معاملن جي حدن ۾ نٿا اچن، انهن کي خوبصورتي سان بيان ڪيو آهي. مثلاً: امام حسين جو چوڏهن سالہ ولادت جو جشن لنڊن ۾ ملهايو پئي ويو. اتفاق سان انهيءَ ڏينهن فيض صاحب جو ڪنهن سان ملڻ جو وقت رکيل هو. ان ماڻهو کي جڏهن اهو معلوم ٿيو تہ ان ڏينهن تہ خود افتخار عارف صاحب آفيس ۾ نہ هوندو تہ ان هيءَ ڳالهہ فيض صاحب کي چئي، جنهن تي فيض صاحب افتخار کان پڇيو:

"توهان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟ تہ مون چيو سياڻي دنيا جي سڀ کان وڏي انقلابي جي ولادت جو

جشن آهي ۽ مان اوڏانهن وڃي رهيو آهيان. فيض صاحب چوڻ لڳو ڪنهن جو؟ تہ مون چيو حضرت امام حسين جو. چوڻ لڳو تہ ڇا آهي؟ تہ مون چيو امام حسين جي ولادت جو ڏهاڙو آهي انجو 1400 سالا جشن آهي. ان ۾ عرب ڪان، ايران ڪان، عراق ڪان، شام ڪان، هندستان ڪان پاڪستان ڪان عالم ۽ اسڪالر آيا آهن ۽ گفتگو ڪندا ۽ اهو سيمينار لنڊن يونيورسٽي ۾ ٿي رهيو آهي. مون کي ان ۾ شريڪ ٿيڻو آهي. چوڻ لڳو تہ مان بہ اوهان سان هلندس ۽ پوءِ هو مون سان اوڏانهن هليو. اتي آيت الله محسن الحڪيم جو پٽ جيڪو تمام وڏو شيعہ عالم هو. حجة السلام ۽ ٻيا ماڻهو ويٺل هئا. ڪنهن پڇيو تہ هي ماڻهو ڪير آهي؟ تہ مون ان کي چيو تہ هي آيت الله العظميٰ آف اردو پوئٽري آهي. فيض صاحب چيو اهو ڇا ٿو چئين تہ مون چيو هي ماڻهو اهڙي ئي ٻولي سمجهندا آهن."

ٿيو ائين هو تہ لنڊن يونيورسٽي جي هن اجلاس ۾ فيض صاحب کي دعوت مليل ڪونہ هئي. هو هڪ عام ماڻهو جي حيثيت سان اتي شريڪ ٿيو هو. جڏهن هال ۾ پهتو تہ جيئن جيئن مٿس حاضرين جي نظر پوندي وئي، اهي احترام ۾ اٿي فيض صاحب سان مليا. هاڻي اسٽيج تي ايڏا وڏا جيد ۽ عالم ويٺل هئا. انهن جي تہ سمجهہ ۾ ئي نہ پئي آيو تہ هي ٿائي ۽ سوٽ پهريل ۽ ڪلين شيو ڪير آهي؟ جنهن کي ماڻهو اٿي ڪري رستو ڏئي رهيا آهن. تہ ان پسمنظر ۾ افتخار عارف فيض صاحب کي "آيت الله العظميٰ آف اردو پوئٽري" چيو هو ۽ ائين چوڻ غلط بہ ڪونہ هو.

جيڪي ماڻهو هن کي سڃاڻين پيا يا هن جي نالي ڪان ٿورو بہ واقف هئا. فيض صاحب سان هر محفل ۾ اهڙي طرح پيش ايندا هئا. شخصيت جي اها ڪشش ۽ مقناطيسيت هر شخص کي ورلي نصيب ٿيندي آهي. افتخار عارف فيض صاحب جي هن موهڻي شخصيت جون ڪوڙ جهلڪيون هن مضمون ۾ پيش ڪيون آهن.

فيض صاحب جي جلاوطني جي ڏينهن ۾ افتخار عارف ۽ اردو

مرڪز ٻئي فيض صاحب ۽ پاڪستان سان رابطي جو هڪ اهم ذريعو هئا. ظاهر آهي انهن ڏينهن ۾ فيض صاحب جو ڪو مستقل ٺڪاڻو يا ڪو مستقل پتو نه هيو ڪونه انڪري خط پٽ ۽ فون وغيره لاءِ اهوئي گهٽو ڪري بهتر ذريعو هو. هاڻي ڪڏهن ڪڏهن ان ذريعي ۾ خرابي به ٿي ويندي هئي. جنهن جا ڏاڍا دلچسپ نتيجا نڪرندا هئا. سو ان رابطي جي خرابي جي هڪ صورت خود افتخار صاحب ڏاڍي سهڻي انداز ۾ هيٺئن بيان ڪئي آهي:

"لندن ۾ قيام جي زماني ۾ هڪ ڏينهن بي بي سي وٽان مونکي فون آئي ته مرزا ظفرالحسن صاحب وفات ڪري ويو آهي. مرزا صاحب فيض صاحب جو ويجهو دوست هو ۽ هن فيض جي ياد ۾ ادارو به قائم ڪيو هو. مون کي بي بي سي وارن چيو ته مان ڪوشش ڪري فيض صاحب جي ڳولها ڪريان ۽ جيڪڏهن ٿي سگهي ته ان ڳالهه پيغام وٺي ڇڏيان. مون بيروت فون ڪئي ته اتان معلوم ٿيو ته فيض صاحب ته بيروت مان نڪري چڪو آهي ۽ هاڻي پيرس پهچندو. مان پئرس فون ڪئي. ان جي دوست جارج فشر ڏانهن. اتي فيض صاحب سان ڳالهه ٻولهه ٿي. مان هن کي ٻڌايو ته فيض صاحب مرزا صاحب جو انتقال ٿي ويو آهي. توهان ٿورو مرزا صاحب بابت ڪو تعزيتي پيغام ته لکي اماڻيو. هن انهيءَ وقت پيغام مون ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو. هاڻي جو پيغام پهتو ته ان ۾ مرزا ظفرالحسن جي بدران ڊاڪٽر ايوب مرزا جي تعزيت لکيل هئي. مان جڏهن ڏٺو ته فوراً هن کي چيو ته ٻيو مرزا صاحب لاڏاڻو ڪري ويو آهي. مرزا ايوب صاحب خيريت سان آهي.

مطلب ته اهڙا ڪوڙ دلچسپ واقعا هن مضمون ۾ ملن ٿا. انهن وسيلي اها به ڄاڻ پوي ٿي ته فيض صاحب جي ڪليات "سارے سخن ہمارے" جو نالو دراصل افتخار عارف جو تجويز ڪيل آهي. هڪ ٻيو دل تي اثر ڪرڻ وارو واقعو هن لکيو آهي ته جڏهن اِن ڪتاب جي مهورت جي تقريب ٿي ته ان محفل ۾ زهرا نگاهه فيض جو نظم "مرے دل مرے مسافر" پنهنجي پرسوز آواز ۾

پڙهيو. حاضرين ۾ گهڻن جون اکيون آليون ٿي ويون هيون. ايتري حد تائين جو خود فيض صاحب جي اکين ۾ به ڳوڙها اچي ويا هئا. شايد اهڙي ئي ڪنهن پل ۾ هن پنهنجي وطن کي ياد ڪندي چيو هوندو:

تیرے کوچے میں بادشاہی کی
جب سے نکلے گداگری کی ہے۔

(تنهنجي هنج ۾ هياسين ته بادشاهي ڪئي،
سين جڏهن ڪان نڪتا آهيون ته جڻ گداگري پيا ڪيون.)

---

• افتخار عارف جو هي مضمون ڪتاب "فيض بنام افتخار عارف" ۾ سنگ ميل پبلڪيشنز لاهور پاران 2011ع ۾ ڇپيو.

**CULTURE DEPARTMENT**
**GOVERNMENT OF SINDH**